ڀڳتان کي چال نرالي



چيدانند پيارنداس لعلواڻي

* ڀڳتان کي چال نرالي *

(ڀڳت مالا جو ٣ ڀاڱو)

انوادڪ ۽ گڏ ڪيل

جيٺانند ڀاوانداس لعلواڻي

دفعو پهريون]   پيٽا ٨ روپيا   [سال ١٩٨٣

ڇپايل

ڀارت جيون ساهتيه منڊل

١١/٣١ نو جيون هائوسنگ سوسائٽي،
لئمنگٽن روڊ، بامبي-٨
فون: 898979 - 375993

دل جا اُڌمان

تنهنجو شيوڪ تي شل گذاريان،
تنهنجو نام نرمل نيهن ۾ اُچاريان!
چمڪي جيون ۾ شل تنهنجو نور،
ٿيان "نوري" تنهنجو مزور.

پوجنيه پياري دادا ساڌو ٽي - ايل - واسواڻيءَ ۽ پوجنيه پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي آسيس سان هي "ٻڳت مالا" جو ٽيون ڀاڱو توهانجي هٿن ۾ آهي.

پوجنيه پياري دادا جشن واسواڻي همٿايو ۽ چيو ته "جينا ڀڳتن جا جيون چرتر ڪيو." مون کين عرض ڪيو ته "مون ۾ طاقت ڪانهي. توهين آسيسا ڪندا ته چپبا" پياري پوجنيه دادا جشن جو جيون ٻيو آياري آهيان جن آسيسا ڪئي. سندن آسيسا سان ٿهريان ٻه ڀاڱا (۱) ڀڳت مالا (۲) "ڀڳوان ڀڳت جي وس" ۾ ظاهر ٿيا. (۳) ڀاڱو تيار ٿيو. پياري پوجنيه دادا جشن جن کي خط لکي عرض ڪيم ته "پيارا دادا مهرباني ڪري ٽئين ڀاڱي جو نالو ڪهڙو رکجي لکي موڪليندا."

پياري دادا جن جو خط آيو تہ "خوشي اٿم تہ "ڀڳت مالا" جو ٽيون "ڀاڱو تيار آهي. جي اڳيئي اُن جو نالو نہ رکيو هجيو ۽ جي توهان کي هي نالو پسند پوي تہ پوءِ ان ٽئين ڀاڱي تي هي نالو رکيو وڃي. "ڀڳتن جي چال نرالي."

پياري دادا جن ڪرپا ڪري ڪهڙو نہ سندر نالو ٽئين ڀاڱي لاءِ ڏنو آهي. سچ پچ ڀڳتن جي چال نرالي

ڀڳتن جا نالا ۽ جيون ڏنل

نمبر	پيج
١. ڀڳت مالي گرام داس	٩
٢. ڀڳت ٻلو منگل	١٥
٣. ڀڳت گووند داس	٢٣
٤. ڀڳت جيديو	٢٩
٥. ڀڳت نامديو	٤٣
٦. ڀڳت ڌنا جاٽ	٥٠
٧. مسلمان هريداس ڀڳت	٥٧
٨. ڀڳت ڀيشم پتامهه	٦٥
٩. ڀڳت امبريش	٧٣
١٠. ڀڳت راجا شبي	٧٩
١١. ڀڳت سوامي هريداس	٨٥
١٢. ڀڳت شويڌر	٩٠
١٣. ڀڳت تلسيداس (دکشڻي)	٩٩
١٤. ڀڳت چندر هاس	١٠٩
١٥. ڀڳت ڪشن سنگهه	١٢٣

Printed & Published by Mr. Jethanand B. Lalwani at the Bharat Jivan Printing Press, 11/1 Shop, Navjivan Co-op Houing Society, Lamington Road, Bombay-8. Phone 375993 and Published by him for Bharat Jivan Sahitya Mandal, 11/31 Navjivan Society. Lamington Road, Bombay-8.

ڀڳت ٻالي گرام داس

ٻالي گرام نالي هڪڙو ننڍڙو ڳوٺ آهي، جنهن ۾ مهاتما ٻالي گرام داس جو جنم ٿيو هو. هنجو جنم جو نالو داسيا - ٻاوري هو. هو ذات جو ڀيل هو ۽ سندس ڌنڌو ڪپڙو اُڻڻ هو. سندس گهر جي حالت بلڪل خراب هئي ۽ کيس ڪو اولاد پڻ ڪونه هو. سندس پتورت اِستري هئي. ويچارا ٻئي زال مڙس ڪپڙو اُڻي، تمام سادگيءَ سان پنهنجو پيٽ پاليندا هوا. پر ڀڳوان جي ڀڄن ۾ هنن کي گهڻو رس ايندو هو. ڳوٺ ۾ ڪٿي به ڪنهن اُتسؤ تي ڪو ڀڄن ڪيرتن ٿيو ٿي، ته هو اُتي ضرور پهچي ويندا هوا.

هڪ ڏينهن سندس من ۾ هي خيال جاڳيو ته "سنسار ۾ هڪڙي ڀڳوان ڪانسواءِ ٻيو سڀڪجهه مايا جو کيل آهي. سون ۽ لوهه جي ٻيڙين سمان پنج ۽ پاپ ٻئي ٻڌندڙ آهن. اِنلاءِ اُنهن کان من هٽائي ڀڳوان ۾ لڳائڻ ئي ڪلياڻ جو هڪڙو ساڌن آهي." اهڙن ويچارن ايندي هنجي هردي اندر سنسار کان ويراڳ اُتپن ٿيو ۽ هو ڀڳوت پريم جي نشي ۾ جهولندو، هيڏانهن هوڏانهن ڦرڻ لڳو. کيس کائڻ ۽ سمهڻ جي به سڌ نه رهيس. ڪنهن مهل کائڻ لاءِ ڪجهه ملي ويو ته واهه، نه ته سدا آنند.

ٻالي گرام ڳوٺ جڳنناٿ پريءَ کان ٻن ڪوهن پنڌ تي

آهي. ڀڳت چاهين ته ڀڳوان کي به نچائي سگهن ٿا. وڏاتا جو لکيو مٽائي سگهن ٿا. ڀڳتن جي جيون پڙهڻ سان من کي اٿاهه شانتي ملي ٿي. من دنيوي جنجالن کان ڇڏو پيو ايشور جي چرنن ۾ لڳي ٿو.

جيون ۾ مونکي گهڻائي آزمودا مليا آهن. ڪهڙا به ڏکيا ڪم اچن. من چلائمان ٿي پو پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ، پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي ۽ پوڄنيه سرڳواسي ماتا پتا جن جي آسيسا ۽ ڪرپا سان اهي دور ٿيو وڃن. ايشور پنهنجا ڪم پاڻ پورا ڪري ٿو، رڳو وشواس ۽ سنتن ۽ مهاتمائن جي آسيسا گهرجي. ڀڳتن ۽ سنتن جي جيون مان گهڻو ئي ڪجهه پرائي سگهجي ٿو. هن وقت اسانجو پيارو دادا جشن واسواڻي جن اسان پاڻ، جن جي من ۾ اشانتي آهي، پنهنجي نرمل اُپديش سان شانتي ڏيئي رهيا آهن. هو ديش پرديس ۾، جتي ڪٿي وڃي، ماڻهن کي پوڄنيه پياري دادا ٽي. ايل. واسواڻي ۽ ڀڳتن جو سنيهو پهچائي رهيا آهن. سندن درشن ڪرڻ سان من ۾ انوکي شانتي ملندي آهي. دل ٿيندي آهي ته هميشه سندن ڪمل چرنن ۾ ويهي سندن موهيندڙ مکڙي ڏانهن ويٺو نهارجي ۽ پاڻ کي ڪرتارٿ ڪجي. شل ايشور جي آسيسا ٿئي.

نه ڀيو ڪو سياڻان، ورتم تنهنجي اوٽ،
تون گرديو منهنجو، گلزار گهوٽ،
پيئي توکي باڏايان موت!
اُتي رات آڏيءَ تنهنجي تصوير نهاريان،
بوندون بس ئي نه ڪن، ڳلن ڳوڙها ڳاريان،
آهي ”انجلي“ عاجز، پل پل پڪاريان.

شيوا ۾ جيئانند ڀاوندداس لعلواڻي

ٿوهان مون پٺت کي ٺاريو آهي.“ مست ٿي نچڻ لڳو. هو ڀڳوان جو درشن ڪري اُتان پنهنجي ڳوٺ ڏانهن موٽڻ لڳو.

جنهن مهل داسيا گهر پهتو، اُنوقت سندس پتوورت استري ڪيس آيل ڏسي، ڪلندي چوڻ لڳي ”واه! اوهين رٿ ياترا جو درشن ڪري موٽيا؟ بلڪل چڱو ٿيو. بکَ لڳي هوندي؛ رسوئي تيار آهي، سو هٿ پير ڌوئي ڀر ياءِ ڀوڄن ڪري وٺو.“ داسيا تڏهن سواءِ ڪجهه چوڻ جي هٿ پير ڌوئي کائڻ تـــه ويهي ويو. اڄ داسيا جي استريءَ نئين هنڌيءَ (ڪنيءَ) ۾ ڇانور رڌا هوا. اُيامڻ سبب ڇانورن جي ڳجهي ٻاهر هنڌيءَ ٺي لڳي پيئي هئي. ڇانورن مٿان ڀاڄي رکي استريءَ اُهائي هنڌي داسيا جي سامهون ڪري رکي. داسيا کي ٻاهريون گيان تہ هو ڪونہ، سو هنکي ڀاڄيءَ جي بدلي هنڌيءَ ۾ ٻي ئي ڪا شيءِ نظر اچــڻ لڳي. ڳاڙهيءَ هنڌيءَ ۾ اَڇن ڇانورن تي ڪاريءَ ڀاڄيءَ کي هن پنهنجي ڀريوءَ جون اکيون سمجهيون ۽ هو من ئي من اندر ويچارڻ لڳو تہ ”آهــا! هي تہ اُن جڳت رچيندڙ پرماتما جا سفيد ڪمل گلن جهڙا نيتر آهن. سچ! هـــيءَ اُنهن نيترن جـي ڳاڙهاڻ آهـــي، ۽ اُنهن ۾ هيءَ اِڇاڻ آهي. اِن سفيديءَ ۾ ڀريوءَ جون ڪاريون پتليون کهڙيون نہ سونهي رهيون آهن!“ ڀڳتي ڀاوَ جي پربل جوش ۾ داسيا جو شرير رومانچت ٿي اُٿيو، سندس زبان روڪجي پيئي- خبر نـــ آهي هو ان حالت ۾ ڪيترو وقت ويٺو رهيو. نيٺ هڪڙي

هو، پوءِ ۾ هوڪنهن ورهيه ڀڳوان جي رٿ ياترا جو مهوڇو وڏيءَ ڌوم ڌام سان ٿئي ٿو ءِ اُتسوَ جي آنند لٽڻ لاءِ پريان پريان جا لکين آدمي اچن ٿا، مگر داسيا اَڃاءِ ڀڳوان جي اِن رٿ ياترا جو درشن ڪونه ڪيو هو. جڏهن ته رٿ ياترا جو وقت ويجهو هو، انڪري سندس ڳوٺ مان ڪيترا ماڻهو ٽوليون ٺاهي شري جڳنناٿ جي جيءِ جيءِ پڪاريندا درشن لاءِ ٿئي ويا. اُنهن کي ويندو ڏسي داسيا پنهنجي من ۾ ويچاريو ته هن دفعي ڀڳوان جو درشن ضرور ڪبو. اهو ويچاري هو بين ياترين سان گڏجي، جڳنناٿ پوريءَ ڏانهن روانو ٿيو.

اُتي پهچي هو ڇا ٿو ڏسي ته شري جڳنناٿ جو نندي گهوش نالي وارو رٿ وڃي رهيو آهي ءِ لکين نر ناريون درشن ڪاڻ ڪنا ٿي رهيا آهن. سڀني جي واتان شري هري نام جي جيءِ ڌني ٿي رهي آهي. ڪيترائي ڏسو ته نچي رهيا آهن، سڀ ڳائي ڀڳوان جي رٿ کي ٿلهين رسين سان پريم منجهان گهلي رهيا آهن. اِن هري پريم جي آنند درشيه کي ڏسي داسيا جو من پريم ۾ پرجي ويو. هن ٻئي هٿ مٿي کڻي پرڻام ڪيو ءِ "جيءِ جيءِ شري جڳنناٿ" جي ڌني هڻين. بس! پوءِ ته ڀڳوان جي ڌيان ۾ مگن ٿي ويو، جئني ڏسي ٿو ته ڀڳوان شنک، چڪر، گدا ءِ پدم سان سينگاريل، نيل ڪانت مٺيءَ مان مڌر مسڪراهٽ سان ڏانهس ڪرپا جي نظر سان ڏسي رهيو آهي." داسيا "ڇيو

اوهانکي ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي؟ اڙي نهاريو! چتائي نهاريو! ڀڳوان جي لعل اکہ، سندس اندريون اڇو ڀاڳو ۽ منجهس ڪاري سندر پتلي؟ واهہ! ڪهڙي نہ سندر ۽ ڪهڙي نہ منوهر آهي!" انريت چوندي چوندي هو ڀڳتيءَ جي جوش سبب وري ڀاڳلن جيان نچڻ ۽ ڳائڻ لڳي ويو.

ماڻهو ڪيس ٻالي گرام داس ڪري چوڻ لڳا. داسيا جي استريءَ کي چوڻ لڳا هي ماتا! تون پنهنجي پتيءَ لاءِ ڪا بہ چنتا نہ ڪر. تون سچ پچ وڏ ڀاڳڻ آهين، جو توکي هھڙو پتي مليو آهي. هاڻي تون هڪڙو ڪم ڪر جو هنديءَ مان جانور ۽ ڀاڃي ڪڍي جدا جدا برتنن ۾ وجهہ، تڏهن ئي تنهنجو پتي پوڄن ڪندو.

ايترو چئي هو سادو اُتان هليا ويا. استريءَ پوءِ اُنهنجي چوڻ پتاندر جانور ۽ ڀاڃي ڌار ڪري جدا جدا برتنن ۾ وجهي، پتيءَ کي پوڄن ڪرڻ لاءِ وينتي ڪئي. اتي ٻالي گرام داس جو ڀاؤ بدليو ۽ ويهي پوڄن ڪرڻ لڳو. پوڄن تہ ونڻ لڳو، پر هيٺئر هو داسيا ٻيو ئي ڪو داسيا ٻجي پيو.

ڀڳوان کيس درشن ڏيئي چيو تہ "ور گهر" داسيا چيو "منهنجا ناٿ! آءٌ اوهانجي چرڻ ڪملن کي پنهنجي سامهون ڏسندي پراڻ ڇڏيان اِهو ور گهرجيم. ۽ ٻيو تہ جڏهن جڏهن آءٌ اوهانجو ڌيان ڪريان، تڏهن تڏهن اوهانجو پرتڪش درشن مونکي نصيب ٿئي. هي دين ديالو! مونکي ٻيو ڪجهہ بہ نہ گهرجي."

ڀڳت جي پريم ڀريل پرارٿنا ٻڌي ڀڳوان بلڪل گهڻو پرسن ٿيو ۽ مرڪندو چوڻ لڳو "ٻچا! تون ڌنيہ آهين.

پاڳل جيان وياڪل چت سان اُمالڪ اُتي ڪڙو ٿيو. هو ڪڏهن مهل ڪليو ٿي، ڪڏهن وقت رنو ٿي، ڪڏهن مهل ”هاءِ ناٿ! هاءِ ناٿ! پڪاري اُٿيو ٿي ته ڪڏهن وري اوچتو جوش ۾ اچي تاڙيون وڄائيندو نچڻ لڳو ٿي. سندس اهڙي حالت ڏسي ويچاريءَ استريءَ کي ڏاڍو ڏپ اچي لڳو ۽ هوءَ من ئي من اندر سوچڻ لڳي ته ضرور پتيءَ کي رستي ۾ ڪو ڀُوت چهٽي ويو آهي يا مٿس ڪنهن جادو ڪيو تو ڏسجي. هوءَ وياڪل ٿي اُتي ۽ اُمالڪ گهر کان ٻاهر نڪري، آسي پاسي وارن پاڙيسرين کي سڏي چوڻ لڳي ”اڙي! ڏسو ته سهي منهنجي پتيءَ کي ڇا ٿي ويو آهي؟ هو شري جڳنناٿ ويو هو ۽ رستي ۾ خبر نه آهي ڇا ٿي ويو اٿس جو هن طرح پاڳل ٿي پيو آهي ۽ جيڪي تو اچيس سو پيو ٻڪي.“

اهو ٻڌي پاڙي وارن ڪيس ڏيرج ڏنو ۽ ڪي داسيا وٽ وڃي کيس چوڻ لڳا ته ”اڙي داسيا! تون هي ڪري ڇا رهيو آهين؟ ڇا پاڳل ته ڪونه بنجي پيو آهين؟“ چئن ئي طرفن کان جڏهن سڀ آدمي انريت وري چوڻ لڳس، تڏهن مس وڃي هنکي هوش آيو. ماڻهن جي پڇڻ تي هن هٿ جوڙي روئندي روئندي چوڻ لڳو ”يارو! اوهين هي ڇٽي ئي ڇا رهيا آهيو؟ ويچار به ته ڪريو ته اوهين مونکي ڪاڻڻ لاءِ ڪهڙيءَ شيءِ بابت ڇٽي رهيا آهيو؟ ڇا رت ۾ براجمان ڀڳوان شري جڳنناٿ جو هي پدم نيتر

ڀڳت بلوَ منگل

ڏکڻ ديس جي هڪڙي ڳوٺ ۾ رامداس نالي هڪڙو براهمڻ رهندو هو. سندس پٽ جو نالو بلوَ منگل هو. پيءُ جيتري قدر ٿي سگهيس پٽ کي ڌرم شاستر جي سکيا ڏني هئي، بلوَ منگل پيءُ جي سکيا توڙي اُنجي ڀڳتي ڀاو جي پرڀاو ڪري ننڍپڻ ۾ ئي بلڪل شانت، سلڇڻو ۽ شرڌا وارو ٿي پيو هو، پر پتا ماتا جي ديولوڪ پڌارڻ ڪري ملڪيت تي سندس اَڌڪار ٿيو، تڏهن ڪان ڪسنگي متر وٽس اچڻ وڃڻ لڳا.

بلوَ منگل وٽ ڌن هو ۽ گهر ۾ ٻيو ڪو مالڪ ڪونه هو، جوانيءَ جو جوش هوس ۽ ڪسنگي مترن جي سنگ سبب بي سمجهيءَ به منجهس اچي واسو ڪيو هو، آهستي آهستي سندس اَنتهڪرڻ ۾ اَنيڪ برايون اچي ڏيرو ڄمايو. هڪڙي ڏينهن ڳوٺ ۾ چنتامڻيءَ نالي ويشيا جو ناچ هو، جتي ماڻهو ناچ ڏسڻ لاءِ وڃي رهيا هوا؛ بلوَ منگل به پنهنجن دوستن سان گڏ اُتي وڃي پهتو، ويشيا کي ڏسندي ئي سندن من چنچل ٿي پيو؛ سندس بڌ مارجي ويس جنهن ڪري هن پنهنجو سروس ان مٿان قربان ڪري ڇڏيو. يعني تن، من، ڌن، ڪل، مان، مرياد ۽ ڌرم، مطلب ته سڀ ڪجهه لٽي ڇڏيو. براهمڻ بالڪ جو پوريءَ طرح ناس

جيئن چوين ٿو تيئن ٿيندو.“ ائين چئي ڀڳوان انترڌيان ٿي ويو.

ٻئي ڏينهن صبح جو ٻالي گوام داس اُٿي ڀڳوان جي پوڄہ لاءِ ويچار ڪرڻ لڳو. هن ٿورو ڪپڙو اُٺي رکيو هو جو وڪڻڻ لاءِ گهران روانو ٿيو ۽ هڪڙي براهمڻ جي دروازي وٽ اچي پهتو. براهمڻ ڪپڙو خريد ڪري پئسن آڻڻ لاءِ گهر اندر ويو. تہ ڀڳت سندس باغ ۾ سهڻو ناريل وڻ ۾ هڪ لڳي ڏٺو. براهمڻ آيو تہ چيائين اهو ناريل مونکي ڏي جيڪي پئسا گهرجن سي وٺ. براهمڻ پهرين تہ نہ ڪئي. پر پوءِ چيائين تہ ڪپڙي جي پئسن ۾ ناريل ملندؤ. ڀڳت قبول ڪيو جو کيس اهو پريوءَ جي پرساد ۾ ڏيڻو هو. ناريل وٺي هليو. هوڏانهن ڀڳت ڪپڙو وڪڻي ان مان ڪجهه پئسن مان ست خريد ڪري باقي روز گهر جي خرچ ۾ پورائي ڪندو هو پر اڄ تہ کيس ڪپڙي مان هڪ پائي بہ ڪانہ بچي، ان ڪري هاڻ زال مڙس کي بک مرڻو پوندو. هن ان جو خيال نہ ڪيو سڌو جڳنات پريءَ ۾ آيو پوڄاريءَ کي ناريل ڏيئي چيائين ”تہ مهرباني ڪري اهو بين پرساد سان گڏ پوڄہ ۾ نہ رکجو پر جدا ڀڳوان کي پوڄہ ۾ چاڙهجو ۽ پريو پاڻ کڻي کائي تہ واهہ نہ تہ مون کي موٽائي ڏجو. پر پريو ٻيون پوڄہ وارين شين ڏانهن ڌيان نہ ڏيئي ٻالي گوام داس جو ناريل پوڄہ لڳايو.“ پوڄاري اهو ڏسي وائڙو ٿي ويو. ۽ سڄي ڳالهہ اچي ڀڳت کي ٻڌائي. ڀڳت اهو ٻڌي نچڻ لڳو ۽ ڀڳوان جي ڀڳتي ۾ لين ٿي ويو ۽ پڇاڙيءَ جو زال ۽ مڙس پريوءَ جو ڌيان ڪندا سرڳدام وڃي پهتا.

سان اوچتو نديءَ ۾ هڪڙو مڙدو لڙهندو پئي ويو. ٻلوَ منگل اُن مڙدي کي ڪاٺ جو هڪ ٻنڊ سمجهي اُن کي وڃي جهليائين جنهن تان ڪري وڃي پار پهتو.

ٻلوَ منگل پاڳلن جيان پنهنجي ئي ڌن ۾ ئي چنتامڻيءَ جو گهر اچي ويو. ويچاري چنتامڻي دريون دروازا بند ڪري بي فڪر ٿي سمهي رهي هئي. ٻلوَ منگل ٻاهران گهڻيئي سڏ ڪيا، پر طوفان سبب چنتامڻيءَ کي اندر ڪجهه به ٻڌڻ ۾ نه آيو، اوچتو ئي وڄ جي چمڪاٽ تيرڻ تسي پيت مٿان رسيءَ وانگر ڪجهه لٽڪندو ڏٺائين. هو اُنکي جهلي اُنجي سهاري پيت ٽپي اندر ويو ۽ چنتامڻيءَ کي سڏ ڪري جاڳاياءِ. هيڙي خوفناڪ وقت آڌيءَ رات ڪيس آيل ڏسي هوءَ عجب ۾ پئجي ويئي وري سڄو بدن آلو، هوءَ چوڻ لڳيس ”اڙي! تون هن هيڙيءَ ڀوائنيءَ رات جو ندي پار ڪري هن بند تيل گهر ۾ ڪئن اچي پهتين؟“

ٻلوَ منگل تڏهن ڪئن هن ڪاٺ جي ٻنڊ جي سهاري ندي پار ڪري ۽ رسي جهلي پيت ٽپي اندر اچڻ جي سموري حقيقت ڪري ٻڌايائين. هينئر برسات بس ٿي چڪي هئي، تنهنڪري چنتامڻي هٿ ۾ لالٽين کڻي ٻاهر آئي ۽ پيت ڏانهن نهاري ته ڇا ٿي ڏسي ته هڪڙو ڀيانڪ نانگ لٽڪي رهيو آهي؛ پوءِ هيٺ لهي ندي جي ڪناري ويئي ۽ مڙدي کي ڀوڻن سان ٻڌل ڏسي سندس عجب جو پار نه رهيو. ٻلوَ منگل به جڏهن هوُ نانگ ۽ مڙدو ڏٺا تڏهن ڊپ ۾ ڀرجي

ٿي ويو. سمهندي، جاڳندي، اُٿندي، وهندي، کائيندي ۽ پيئندي ٻلوءَ منگل کي چنتامڻيءَ جي تات لڳل هئي.

هڪ ڏينهن ٻلوءَ منگل جي پيءُ جو شراڌ هو. اِن لاءِ هو نديءَ جي هن پر چنتامڻيءَ وٽ وڃي نٿي سگهيو. شراڌ جي سڀڪا تياري ٿي ويئي؛ ودوان گهر براهمڻ ٻلوءَ منگل کان شراڌ جي منترن جو اُچار ڪرائي رهيو هو پر هن جو من چنتامڻي جي چنتا ۾ ٻڏو پيو آهي. هنکي ٻيو ڪجهه به منو نٿي لڳو سو شراڌ پوري ٿيڻ تي جهٽ پٽ براهمڻن کي ڀوڄن ڪرائي چنتامڻيءَ جي گهر وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. سانجهيون ٿي چڪيون هيون. جنهن ڪري ماڻهن سمجهايس ته ”ڀائي! اڄ پٽهين جو شراڌ آهي، اِن لاءِ ويشيا وٽ وڃڻ ٺيڪ نه آهي،“ پر هن ان کي ڪونه ٻڌو. هو نديءَ جي ڪناري وٽ اچي پهتو. اُتي اوچتو ئي زور سان طوفان لڳو ۽ اُن سان گڏ سخت برسات پڻ وسڻ لڳي. آسمان ۾ اَنڌڪار ڇانئجي ويو ۽ بادلن جي ڀيانڪ گرجنا توڙي وڄ جي ڪڙڪاٽن سبب پراڻي ماڻهو خوف کان ڏڪڻ لڳو. رات ڏينهن نديءَ تي رهندڙ مهاڻن به ٻيڙين کي ڪنڌيءَ تي ٻڌي وڻن هينان وڃي پناهه ورتي. مگر ٻلوءَ منگل تي اُنهن سڀني ڳالهين مان ڪنهن جو به اثر نه ٿيو. هو مهاڻن کي هن پر وٺي هلڻ لاءِ گهڻو چوڻ لڳو، ڪنهن به وڃڻ نه قبول ڪيو. نيٺ اَڌير ٿي اڳو پيڇو نه سوچي، ترڻي پار وڃڻ لاءِ نديءَ ۾ ڪٽي ٽپو ڏناءِ. ڀڳوان جي مايا

شيام سندر جي پريم ۾ منوهر مورتيءَ جي درشن ڪرڻ لاءِ ٻلوَ منگل پاڳلن جيان هند هند ڀٽڪڻ لڳو. ڪيترن ڏينهن بعد اوچتو ڪيس رستي ۾ هڪڙي تمام روپوان جوان استري ڏسڻ ۾ آئي. هي هن جوان استريءَ جي سندر روپ کي ڏسندي ئي سندس اکيون چنچل ٿي اُٿيون ۽ انهن اکين سان گڏ سندس من ڪنيچڻ لڳو. هو اُن جوان استريءَ جي پٺيان سندس گهر تائين ويو. استري ته گهر اندر ويئي هلي، مگر هي اُداس ٿي ٻاهر دروازي وٽ ويهي رهيو. استريءَ جو پتي ٻاهر اچي ڏسي ته هڪڙو اُداس ڇهري وارو براهمڻ هيٺ ڪنڌ ڪيو ويٺو آهي. هن تڏهن ڪائنس اُٺين ڪرڻ جو سبب پڇڻ لڳو، ٻلوَ منگل چوڻ لڳس ته ”آءٌ هڪ دفعو وري ٻه هن جوان زال کي چڱيءَ طرح دل کولي ڏسڻ چاهيان ٿو. اوهين مهرباني ڪري هنکي جيڪڏهن ٻاهر وٺي اچو ته بلڪل چڱو.“ هو زال کي ٻاهر وٺي آيو- ٻلوَ منگل هنکي ڏسي ۽ من ئي من اندر پاڻکي ڌڪاري چوڻ لڳو ”اڙي او ڪمبخت اکيون! جيڪڏهن اوهين نه هجو ها ته اج آءٌ جيڪر هن ريت ڇو ڪران ها؟“ ايترو چئي هن اُنهن چنچل اکين کي سزا ڏيڻ ئي واجب سمجهيو ۽ اوڏي مهل ئي اُهي ٻه ڪنڊا پنهنجن ٻنهي اکين ۾ ٽنبي ڇڏيا. افسوس اکين مان خون جي نه بند ٿيندڙ ڌارا وهڻ لڳي، پر ٻلوَ منگل کلندو ۽ نچندو ڏاڍي آواز سان هري نام جي ڌني ڪري آڪاش کي گنجهائڻ لڳو. اها

ترڙ ترڙ ڪنبڻ لڳو. چنتامڻي تڏهن چيشيي چوڻ لڳيس ”اڙي! تون براهمڻ آهين وري اڄ تنهنجي پيءُ جو شراڌ هو سو افسوس آهي ته هڪڙي هڏن ۽ ماس جي پتليءَ تي تون ايترو موهجي ويئين جو پنهنجي ڌرم ڪرم کي تلانجلي ڏيئي هن خوفناڪ رات ۾ مڙدي ۽ نانگ جي سهائتا سان مون وٽ آيو آهين. آها! تون جهنکي پريم سندر سمجهي هن ريت پاڳل ٿي رهيو آهين، اُن جو ٻه هڪڙي ڏينهن ته اهڙو ئي حال ٿيڻو آهي، جهڙو اڄ تون پنهنجي اکين اڳيان هن سڙيل مڙدي جو ڏسي رهيو آهين. ڌڪار آهي تنهنجيءَ ان نيچ ورتيءَ کي. اُڙي! جيڪڏهن تون انهيءَ طرح هن من موهن شيام سندر تي موهت ٿين ها ۽ جيڪڏهن اُن سان ملڻ لاءِ هن طرح ماندو ٿي بوڙين ها، ته هيلتاءِ اُنکي پائي ڪرتارٿ ٿي پنهنجو جنم سڦل ڪرين ها.“

ويشيا جي ان واڻيءَ وڏو ڪم ڪري وڌو بلوَ منگل جون وايون بتال ٿي ويون، سو چپ چاپ ڪري سوچڻ لڳو. سندس من ۾ هلچل مچي ويئي سندس دل جون اکيون کليون. ڀڳوان جي پريم جو سمندر اُچلون ڏيڻ لڳو ۽ سندس اکين مان لڙڪن جون ڌارائون وهڻ لڳيون. هو اُماڪ چنتامڻيءَ جي چرڻن کي پڪڙي چوڻ لڳو ”ماتا! تو اڄ مونکي دويه درشٽي ڏيئي ڪرتارٿ ڪري ڇڏيو.“ پوءِ من ئي من ۾ چنتامڻيءَ کي پنهنجو گرو مڃي پرڻام ڪياءِ پوءِ پاڳلن جيان چنتامڻيءَ جي گهران نڪري هليو ويو.

کندو آهيان." ٻلوَ منگل ٻالک جي مٺي ۽ طوطلي واڻي
ٻڌي مگن ٿي ويو. ٻالک وڃڻ وقت چوندو ويو، "ڀائي
هاڻي آءٌ هر روز تو وٽ اچي توکي ڀوڄن ڪرائي ويندس."
ٻلوَ منگل تڏهن چوڻ لڳس، "ڏاڍو چڱو، بلاشڪ هر روز
اچج." ٻالک ويندو رهيو پر ٻلوَ منگل جو من ٻه پاڻ سان
ڪڍندو ويو. هڪڙي ڏينهن ٻلوَ منگل من ئي من ۾ ويچار
ڪرڻ لڳو ته "سڀ مصيبتون ڇڏي هيستائين آيس، جتي
وري هيءَ نئين آفت اچي ڪڙڪي اٿم. استريءَ جي موهه
کان ڇٽس ته اِجهو هن ٻالک جي موهه گهيري ورتو اٿم،"
اڃا اِهو ويچار ڪري رهيو هو ته هو رسيلو ٻالک وٽس اچي
ويٺو ۽ پنهنجي واڻيءَ ۾ چوڻ لڳو، "باباجي مانُ ميٺ ۾
ڇا ويچاري رهيا آهيو؟ بندرابن هلندا؟" بندرابن جو نالو
ٻڌندي ئي ٻلوَ منگل جو هردو خوشيءَ ۾ ڀرجي ويو، پر
پنهنجي اسمرٿا ڏيکاري چوڻ لڳو، "ڀائي! آءٌ انڌو بندرابن
۾ ڪئن وڃي سگهندس؟" ٻالک جواب ڏنس، "هان!
وٽ هيءَ منهنجي لٺ، آءٌ اِها جهلي توسان هليو هلندس."
هيئنر ٻلوَ منگل جو هردو خوشيءَ سبب کلي پيو، ۽ لٺ
جهلي ڀڳوان ڀڳت جي اڳيان هلندو هليو. ٿورو اڳيان وڃي
ٻالک چوڻ لڳو، "اِجهو بندرابن اچي ويو، هاڻي آءٌ وڃان
ٿو." ٻلوَ منگل تڏهن ٻالک کي ڪٺي هٿ کان جهليو. هٿ
جو سپرش ٿيندي ئي هنجي بدن ۾ جڻ ٻجلي ڊوڙي ويئي،
ڀڳوان جي مايا سان من جي شرير جا دروازا پرڪاشت ٿي
پيا. کيس ديو درشٽي ملي. جنهنڪري ڏٺائين ته ٻالک

حالت ڏسي سيٺ ۽ استري کي ڏاڍو ڏک ٿيو، ٻلوَ منگل جي چت جي رهيل کهيل ميل ويندو رهيو.

پرم پرشوتم شري ڪرشن جي جدائيءَ جي ڏک کان هنجون ڦٽيل اکيون چوويهہ ئي ڪلاڪ لڙڪن جون ڌارائون وهائڻ لڳيون. هن کي نہ ٻہ جو پتو آهي نہ اُج جو، نہ سمهڻ جي سڌ هوس. ”ڪرشڻ ڪرشڻ“ جي پڪار سان چئني ڏسين کي گنجهائيندو ٻلوَ منگل جهنگل جهنگل ۽ ٻوٽي ٻوٽي گهمي رهيو هو. نوڪرون ڪائي رهيو هو: شري ڪرشڻ ڪٿان ٿو مان رهي سگهي. هو هڪڙي ننڍڙي گوپ ٻالڪ جي ويس ۾ ٻيگوان ٻلوَ منگل وٽ اچي پنهنجي مٺي مـن موهيندڙ مڌر واڻيءَ سان چوڻ لڳو ”سورداس جي! اوهان کي گهڻي بک لڳي هوندي، ڪجهہ مٺائي آندي اٿم ۽ جل پڻ، اوهين اُهو گرهڻ ڪريو.“ ٻلوَ منگل جا پراڻ نہ ٻالڪ جي اُن مڌر واڻيءَ ئي موهي وڌا هئا، باقي هنجي هٿن جي دُرلڀ آندل پرساد پائي هنجي هردي خوشيءَ جون لهرون اُڇلون ڏيڻ لڳيون. هـو ٻالڪ کـان پڇڻ لڳو، ”پائي! تنهنجو گهر ڪٿي آهي؟ ۽ نالو ڇا اٿيئي؟ ڪم ڪار ڪهڙو ڪندو آهين؟“

ٻالڪ جواب ڏنو، ”سائين منهنجو گهر نزديڪ ئي آهي، منهنجو ڪو خاص نالو نہ آهي ڪونہ، پر جيڪو مونکي جنهن نالي سان سڏي آءٌ اُن سان ڳالهايان. ڳانيون چاريندو آهيان ۽ مون سان جيڪو پريم ڪري آءٌ بہ اُن سان پريم

ڀڳت گووند داس

ڀڳت گووند داس جو جنم هڪڙي اُتم ڪل جي براهمڻ ڪٽنب ۾ ٿيو هو. ڪيس گهر ۾ زال، ڌيءَ ۽ ٻه پٽ هوا. ڪيس ڪنهن به شيءِ جي ڪابه ڪمي ڪانه هئي، پر اِنهن پدارٿن مان هڪڙي کوبه سک ڏسڻ ۾ ڪونه آيو. هو دنيا جي ناستپڻي تي ويچار ڪري من ئي من ۾ چوندو هو ته "منهنجو جيڻ پرڀوءَ جي پائڻ بنا وٿرٿ آهي. سنساري سنبنڌ ٻه سوارٿپڻي سان ملبل ڀيو ڏسجي. يعني جيسين منش وٽ ڌن دولت آهي، تيسين ته هرڪو سندس آدريائي ڪريٿو. گهر وارا به ڪيس چڱيءَ طرح پڇن ڳاڇن ۽ عزت ڏين ٿا. پر جڏهين بڍاپو اچيو وڃي، ڌن ڪمائڻ جي طاقت نڪريو وڃي ۽ هو ڪنهنکي به سنتشٽ (راضي) ڪري نٿو سگهي، تڏهن جڻ سيني تي بار مثل ٿيو پوي. اُنوقت مت مائٽ ۽ گهڻگهرا سڀ الڳ ٿيو وڃن ۽ ڪو سائس ڳالهائڻ به پسند نٿو ڪري." اِن ريت ويچار ڪندي هڪڙي ڏينهن هن پڪ ڪري ڇڏي ته "بس! هاڻي باقي حياتيءَ جو وقت پرڀو سيوا ۾ لڳائيندس، سنسار ۽ گهر جو تياڳ ڪري رڳو پرڀو جو ڀڄن ئي ڪندس."

هي گهر تياڳي تيرٿ ياترا ڪرڻ ۽ پرڀوءَ جا آستان ڏسڻ نڪتو. هو اوچي سر سان "هري رام! هري ڪرشن!"

جي روپ ۾ ساکيات منهنجو شيام سندر ئي آهي. هيئر سندس شريرَ جا وار ڪڙا ٿي آيا ۽ اکين مان پريمي ڳوڙها ٻنا بس ٽيڻ جي وهڻ لڳا. هن ڀڳوان جو هٿ اجا ٻه زور سان پڪڙي ورتو ۽ چوڻ لڳو "هيئر سچا ٽي ورتو مان، گهڻن ڏينهن ڪانپوءِ مس پڪڙجي سگهيو آهين. پريو! هيئر ڇڏي ڪونه سگهندس." ڀڳوان ورندي ڏني "ڇا ڪين ڇڏيندين؟" ٻلوَ منگل چيو "نه! ڪڏهن نه!! ڪنهي ڪالن ۾ نه"!!!

ڀڳوان تڏهين زور سان جهٽڪو ڏيئي پنهنجو هٿ ڇڏائي ورتو. هٿ ڇڏائڻ تي ٻلوَ منگل چوڻ لڳس "هٿ ته گهٽيئي ڇڏائي وڃين ٿو، پر جڏهن هردي مان ڀڄي وڃين تڏهن مرد سمجهانءِ."

ڀڳوان ٻلوَ منگل جي اکين تي پنهنجو ڪومل هٿ ڦيرايو. جنهنڪري هن جون اکيون کلي پيون. پوءِ ڀڳوان کي پنهنجي اکيان پرتڪش ڏسي ۽ سندس من موهڻي روپ جو درشن ڪري ڀڳت ٻلوَ منگل پاڻ سنڀالي نه سگهيو. هو چرڻن ۾ ڪري پيس ۽ پريمي لڙڪن سان پريوءَ جا پوتر چرڻ ڪمل ڌوئڻ لڳو.

ڀڳوان تڏهين ڪيس اُتاري پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي ڇڏيو. جنهن ڪري سورداس ڪرشن ڀڳتيءَ ۽ ڪرشن جي جيون تي سندر ڪويتائون ڳايون. جي اڄ ٻه سڄي دنيا ڳائي رهي آهي. ٻلوَ منگل سورداس ڪرشن جي پيار ۾ امر ٿي ويو.

جي هيٺان ڦان تي ڪري پيو. اُٿڻ جي گهڻيئي ڪوشش ڪياءِ، پر سڀ اجائي ٿي. جنهنڪري هو زمين تي پئي دل اندر شري لڪشمڻ جو ڌيان ڪندي، من ئي من ۾ پرارٿنا ڪرڻ لڳو ته ”هي ڀڳوان! اوهين ڪرڻا جا سمنڊ آهيو، اوهين جيڪي ڀي ڪريو ٿا اُهو سڀ چڱي لاءِ ئي آهي، شل اوهانجي اِڇا پوري ٿئي. هي پريو! اوهين ساري برهمانڊ جا ناٿ آهيو ۽ وري شري رگهوناٿ جا ننڍا ڀاءُ آهيو، سو اوهانجي تيج، بل ۽ روپ جي برابري ڪير ٿو ڪري سگهي؟ اوهين اننت آهيو ۽ اوهانجي چرڻن جي شرڻ آهيان، منهنجي رکيا ڪريو. آءٌ حياتيءَ واسطي جڳت جي خسيس ڀوڳن ڀوڳڻ لاءِ جيئڻ نٿو چاهيان. هي دين بندو! هڪ دفعو اوهان جي شري مک ڏسڻ جي بيحد پياس اٿم، بنا درشن جي هي پراڻ نه ڇٽن، ايتري ئي پرارٿنا آهي.“

ڀڳت گووند داس جي دک دور ڪرڻ لاءِ شري لڪشمڻ روپ ڀڳوان، ڀيل جو روپ ڌاري، هٿ ۾ ٻريل مشعل کڻي جهنگ ۾ پرگهٽ ٿيو ۽ گووند داس کي چوڻ لڳو ”آها! توکي تمام گهڻي ٿڌ لڳي رهي آهي، اِنلاءِ مشعل تي هٿ سيڪي ٿورو بود ۾ اچ.“

پريم ڀريل لفظ ڪنن ۾ اچڻ شرط گووند داس ڇرڪ ماري اُٿيو. ڀيل کي ڏسي هنکي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ ڀيل جا شڪرانا مڃڻ ڀانئياءِ، پر سخت سرديءَ سبب جيءُ لڳي ويئي هيس؛ جنهنڪري هڪ اکر به اُڪلي نه سگهيس،

پڪار ڪندو ۽ پريم ۾ جهوليندو پيو وڃي. سندس من ۾ ممتا يا اهنڪار جو ته نالو ئي نه رهيو آهي، من اندر آنند پري يو پيو اٿس، ڪاڏي يا ننڊ جي ته يادگيري ئي ڪانهيس، سٺيو يا سڪو ڪاڌو، يا ڦل ڦول جيڪي به هوري اچا سان ملي وڃيس اهو ڀڳوان کي نويدن ڪري کائي پنهنجيءَ مستيءَ ۾ مست ٿيو پيو وڃي. ڪٿي ڪٿي ته آدمي کيس چريو سمجهي چيڙائين ٿا، مارين ٿا ۽ ڳوٺ مان هڪاليو پڻ ڪڍن، پر هنکي انڪريءَ ڪو به دک ڪونهي.

انهيءَ گووند داس تيرٿ ياترا ڪندو، هڪڙي ڏينهن من ۾ ويچار ڪيو ته "بس! هينئر پريوءَ جي اننيه سيوڪ، پريوءَ کان به سرس پوڄڻ لائق، شري لڪشمڻ جي جو درشن ڪري ڪرتارٿ ٿيڻو آهي." اهو ويچار ڪري هو لڪشمڻ کيتر ڏانهن روانو ٿيو.

هلندي هلندي گووند داس لڪشمڻ کيتر جي حد جي ٿورو ئي ويجهو اچي پهتو. اهو رستو ڏاڍو اٽانگو، نرجن، خونخوار پسن سان ڀريل ۽ گهور بن جيان هو. هو اڪيلي سر ان خوفناڪ جهنگل ۾ گهري پيو. ان مهل برسات وسي رهي هئي، جنهنڪري رستي ۾ ڪمپ چڪ ۽ ترڪڻ لڳي پيئي هئي. ويچاري گووند داس جو ٻڍو شرير، تنهن ۾ به وري ڪيترن ڏينهن کان ڪاڌو پيتو ڪونه مليو هوس، سڄو پسي پت ٿي پيو. سخت سرديءَ سبب هنجو سڄو بدن ڏڪي رهيو هو، طاقت موڪلائي ويئي هيس هو هڪڙي وڻ

گذرڻ بعد جڏھن ھنکي ٻاھريون گيان ٿيو تڏھن ٻک اُڃ جو
پتو لڳس. ھو ويچارڻ لڳو تہ ”ھن گھور ٻن ۾، جتي منشيہ
جو درشن بہ درلڀ آھي، کاڌو ڪٿان ايندو؟“ پر پوءِ
جلدي اِھا چنتا ڦٽي ڪري ھو ”ھري رام ھري ڪرشڻ“
جو ڪيرتن ڪرڻ لڳو. ڀڳوان، ڀڳت کي ڀکيو ڪٿان ٿو رھڻ
ڏي؟ ديانات لکشمڻ جي ھينئر ھڪڙي براھمڻ جو ويس
ڪري، ھٿ ۾ گرما گرم کاڌو پوريون ڀاڄي کڻي اچي حاضر
ٿيو. گووند داس وٽ اچي کيس چوڻ لڳو تہ ”براھمڻ
ديوتا! معلوم ٿو ٿئي تہ توکي ڏاڍي ٻک لڳي آھي. ھان!
وٺ رسوئي مون توله آندي آھي، جا کائي ترپت ٿي.“
اِن ٻڌڻ شرط گووند داس تہ عجب جي سمنڊ ۾ ٻڏي ويو ۽
جنھن ئي اَکيون ڦيرائي نھارياءِ، تہ ڇا ٿو ڏسي جو ھڪڙو
پرم سندر تيجسوي براھمڻ ھٿ ۾ کاڌي جو ٿال کنيو بيٺو
آھي. براھمڻ کي ڏسي گووند داس کي گھڻو آنند ٿيو ۽
کانئس اُھو ٿال وٺي رکيائين. گھڻو ئي ان براھمڻ کان نالي
نشان پڇڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر پڇي نہ سگھيو ۽ ويھي
آھستي آھستي کاڌو کائڻ لڳو. ان کاڌي ۾ ھن امرت جو
سواد پاتو ۽ روڪجي پيو. ھينئر ڀريو ڪرپا سان ھن سمجھو
تہ ھي خود ڀڳوان آھي. ”پريو! ھينئر مون اوھانکي سڃاڻي
ورتو. ديوتا بہ جنھنجي مايا جي وس ۾ ڀلبيل رھن ٿا،
تنھن کي جي مون نيچ پامر پراڻيءَ ھيلناءِ نہ سڃاتو تہ اِن ۾
اَچرج ئي ڪھڙو؟ پريو! ھاڻي ھن دين کي پنھنجي اَصلي

باقي اکين مان شکرگذاريءَ جي لڙڪن جي ڌارا وهي نڪتيس. ٿوري سيڪ بعد جڏهن هن جي بدن ۾ ڪجهه گرمي آئي، تڏهن گد گد ڪنٺ سان چوڻ لڳو "پائي! مون ۾ اُٿڻ جي طاقت ڪانهي، اِنلاءِ هٿ ڪان جهلي اُٿاري ڇڏ وهاريم."

پيل روپ شوي لڪشمڻ تڏهن ڪلعدي ڪلعدي اُهو مشعل پاسيرو رکيو ۽ گووند داس کي هٿ کان جهلي اُٿاري وهاريو. پيل جي هٿ جو سپرش ٿيندي ئي گووند داس جي بدن ۾ جڻ بجلي ڊوڙي. ويٺي، سڀ ٿڪاوٽ ٽوٽي پيڙا سڀني ٽنڻ جيان غائب ٿي ويئي. بدن ۽ زبان ۾ هيئڙو پوري طاقت اچي ويس؛ جنهن ڪري هو چوڻ لڳو ته "پائي پيل! جيتوڻيڪ بڌو ٿي ويو آهيان تڏهن به مرڻ ڪان ڪو ڊ جان ڪونه ٿو، پر من ۾ هڪڙي وڏي اِڇا اٿم. يعني آءٌ شوي لڪشمڻ جيءَ جو درشن ڪرڻ چاهيانٿو، جنهن ڪري ئي پاڻ بچائيندو آيو آهيان. اڄ تو مون تي هيءُ وڏو اُپڪار ڪيو آهي، جنهن جي شڪرگذاري آءٌ ڪهڙن لفظن ۾ ورڻن ڪريان؟ پوءِ ڪلي چوڻ لڳو ته "ڏرمي پتا! تنهنجو نالو ڇا آهي ۽ ڪٿي رهين ٿو؟ مونلاءِ توکي گهڻي تڪليف وٺڻي پيئي."

گووند داس جي اِنهن لفظن کي ٻڌي پيل مرڪيو ۽ آهستگيءَ سان اُٿان ڪسڪي ويو. هيڏانهن گووند داس پرڀوءَ جي ڪرپا تي ويچار ڪندي ڪندي ڌيان جي مستيءَ ۾ هن کي پنهنجي شرير جي به سڌ نه رهي. ڪجهه وقت

ڀڳت جيديو

مشهور ڀڳت ڪوي جيديو جو جنم انڪل ٻارهين صديءَ ۾ ٻنگال ۾ ڪينڊو ٻلوَ نالي ڳوٺ ۾ ٿيو هو. سندس پيءُ جو نالو ڀوجديو ۽ ماءُ جو نالو واما ديوي هو. سندس ماتا پتا ڪيس ٻالڪپڻي ۾ ئي اڪيلو ڇڏي گذر ڪري ويا. هو ڀڳوان جو ڀڄن ڪري ڪنهن به طرح پنهنجو گذارو ڪندو هو. اڳئين جنم جي سٺن سنسڪارن ڪري تڪليفن هوندي به وديا جو چڱو اڀياس ڪيو هوائين.

جيديو جي پيءُ کي نرنجن نالي هڪڙي براهمڻ کي ڪجهه قرض ڏيڻو هو. نرنجن جيديو کي سڌو ۽ سادو سمجهي سندس گهر پنهنجي قبضي ڪرڻ لاءِ هڪڙو دستاويز ٺاهي هن کي چيائين ته ”ڏس جيديو! تنهنجي پيءُ قرض ڪيو هو سو قرض وياج سميت موٽائي ڏي يا هن دستاويز تي صحيح ڪري گهر منهنجي حوالي ڪر.“

جيديو لالچ کان پري هو. هن دستاويز تي صحيح ڪري ڏنائينس. نرنجن سندس گهر خالي ڪرائڻ لڳس ته ايتري ۾ نرنجن جي هڪڙي ڌيءَ گهران ڊوڙندي اچي پيءُ کي چوڻ لڳي ته ”بابا! سڄو گهر هل، گهر کي باهه لڳي آهي ۽ سڀڪجهه جلي ڀسم ٿي ويو.“ ڀڳت جيديو نرنجن جي گهر کي باهه لڳندي ٻڌي اُماڪ ڊوڙيو ۽ اُن جلندڙ

سروپ جو درشن ڪرائي سيتل ڪريو.“ ڀڳت جي سچي ڀاونا ڏسي، لڪشمڻ جي پرسن ٿي ويو ۽ پنهنجي اصلوڪي سروپ ۾ پرگهٽ ٿيو. هن جو منوهر چٽ ڪينچيندڙ سروپ جو پورڻماسيءَ جي چنڊ کي به شرمندو ڪندڙ ڏسي، هٿ ۾ ڀڪندڙ ڏنش باڻ ۽ مٿي تي قيمتي هيرن جواهرن سان جڙيل مڪٽ ڏسي گووند داس مگڌ ٿي ويو، سندس اکين ۾ پريم جا ڳوڙها ڀرجي آيا ۽ انگ انگ ۾ آنند ڇلڪڻ لڳس. هـــو تڏهن خوشيءَ ۾ ڀرجي چوڻ لڳو ته ”هي پريو! هي ڀڳت وتسل!! اوهانجي چرڻن ۾ منهنجو وار وار پرڻام آهي. آءٌ مها مورک ۽ اگياني آهيان، انلاءِ اوهانجي ڀڳت وتسلتا کي هيلتاءِ سمجهي نه سگهيس هي دياميه! اڄ آءٌ اوهانجي ڪرپا سان ڪرتارٿ ٿي ويس.“ ائين چوندي چوندي هن کي پريم سماڌي لڳي ويئي. ۽ ڀڳوان ۾ لين ٿي ويو.

اِن بعد ڪين پريءَ جو رستو ڏيکاري جلدي اُتي پهچائي ڇڏيو. ڀڳوان کي سندس اهڙي ويس ۾ جيڏيو ۽ سندس ساٿيءَ سڃاتو ڪونه، سو جڏهن ڀڳوان ڪين پريءَ ۾ پهچائي اَنترڌيان ٿي ويو ۽ ڳولڻ تي به ڪٿي پتو ڪونه پيو، تڏهن جيڏيو هنکي ڀڳوان سمجهيو.

جيڏيو کي ڀڳوان جي ڏهن اوتارن جو پرتڪش درشن ٿيو ۽ هن "جيه جڳديش هري" جي ڌن ۾ ڏهن ئي اوتارن جي ستوتي ڳائي. ٿوري وقت بعد جڏهن ڪيس ٻاهريون گيان ٿيو، تڏهن ڏٺائين ته هي بندرابن ته ڪونهي ۽ سامهون اَننت مهاساگر لهرو پيو آهي. ڪيس وشو روپ ۾ سمجهي سندس ستوتي ڪئي. ڀڳوان جو درشن ڪري جيڏيو ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ سندس هردو آنند سان ڀرجي ويو. هو اُتي هڪڙي ورڪت سنياسيءَ جيان رهڻ لڳو. اڪثر ڪري هو ڪنهن وڻ جي هيٺ رهندو هو ۽ ڀکيا پني بک مٽائيندو هو. رات ڏينهن پڀوءَ جو ڌيان، چنتن ۽ ڳڻ ڳان ڪندو هو.

سديو نالي هڪڙو ڀڳت براهمڻ پريءَ ۾ رهندو هو، جنهنکي ڪوبه اولاد ڪونه هو. استريءَ جي خواهش سبب هن ڀڳوان شري جڳناٿ کان پتر پراپتيءَ جي ڪامنا ڪئي ۽ چوڻ لڳو ته "پڀو! اسان کي جيڪو پهريون اولاد ٿيندو، اُهو اوهانجي سيوا ۾ اَرپڻ ڪنداسون." ڀڳوت ڪرپا سان هنکي هڪڙي نياڻي پراپت ٿي، جنهن جو نالو پدماوتي رکيائون. جڏهن ڇوڪري وڏيرڙي ٿي، شردالو ماتا پتا هن

ٻاھہ جي لعل لعل لاٽن ۾ گھر اندر گھڙي ويو. جنھن ئي ھو گھر ۾ گھڙيو تنھن خبر نہ آھي اُھا ٻاھہ ڪيڏانھن گم ٿي وئي، ڄڻ ڪو سپنو ھو.

جيديو جي اِن اَلوڪڪ شڪتيءَ کي ڏسندئي نرنجن جي اکين ۾ ڳوڙھا پرجي آيا. پوءِ پنھنجي نيچ ڪرتيءَ تي پڇتائيندو، جيديو جي پيرن تي ڪري پيو ۽ دستاويز ڦاڙي ڇوڙڻ لڳو تہ "ھي ديوتا سروپ! منھنجو ڏوھہ معاف ڪر. مون لوڀ سبب توڙن پئسن جي لالچ تي، جاڻي ٻجھي بي ايماني ڪري توکان سپڪجھہ کسي ورتو آھي. اج تنھن جي ئي ڪرپا سبب منھنجو جھڳو جھڙڻ ٿيڻ کان بچيو آھي. تون ڌنيہ آھين."

اُن ڏينھن کان وٺي نرنجن جو ھردو شد ٿي ويو ۽ ھو جيديو جي سنگ ۾ رھيو؛ سڄو وقت پڃن ڪيرتن ۾ ڪاٽڻ لڳو. ھيڏانھن جيديو توڙن ڏينھن بعد گھر ٻار ڇڏي پرشوتم کيتر - پريءَ وڃڻ جو ويچار ڪياءِ ۽ وات تي ڀڳوان جو ڀڃن ڪيرتن ڪندو ھليو. پريءَ ڏانھن ھليو تہ پر ھن رستي لاءِ ڪاڌو پيتو ڪونہ کنيو ھو. ھڪڙي ڏينھن رستي ۾ ڪيس ڏڪ پٺ تاءِ پاڻي ڪونہ مليو ۽ گرمي بہ ڇوي تہ اڄ نہ پوان تہ ڪڏھن پوان؛ جنھنڪري اُج کان وياڪل ٿي زمين تي ڪري پيو. ڀڳوان کان ڀلا اِھو ڪٿي ٿو سٺو وڃي، سو اُمالڪ گوال ٻالڪ جي روپ ۾ اچي، جيديو کي ٻوڇڻ جي پلؤ سان ھوا ڪرڻ لڳو ۽ پوءِ پاڻي توڙي کير پيارڻ لڳو.

سمجهايو ته ”مهاراج! ڀڳوان جي پرڀوءَ ڪــي هيءُ ڌن زهر سمان آهــي. وري ڌن جو نشو منشيه کي اندو ڪيو ڇڏي ۽ اِن ڌن سبب لوڀ توڙي راڳ دويش پيدا ٿيو پوي. آءٌ نٿو چاهيان.“ مگر راجا ڪنهن به طرح باز نـــه آيو. نيٺ لاچار ٿي من ماري راجا جي پرسننا واسطي ڪجهه ڌن ورتائين. پنهنجي ڳوٺ ڏانهن واپس اچڻ لڳو. ڪن چورن جو ٻڌو ته جيديوَ کي راجا وٽان خوب ڌن مـــال مليو آهي، سي سندس پٺ وٺڻ لڳا. ڀڳت تـــه پنهنجي ئي ڀڄن ۾ مست هلندو هليو تـــه چورن اچي جيديو تي اوچتو حملو ڪيو ۽ کيس زمين تي ڪيرائي ڇڏيائــون. پوءِ سندس هٿ پير وڍي پاسي واري کوهه ۾ ڪٽي اُڇلايائونس. ڌن جي ڳنڍڙيءَ کٽي پنهنجي ڪم ۾ سڦلتا ٿيندي ڏسي، هو خوش ٿيندا اُتان روانا ٿيا.

ڀڳوان جـــي ڪرپا سان اُن کوهه ۾ پاڻي بلڪل ڪونه هـــو، جنهنڪري جيديو ٻـــڏو ڪونه. کيس چوٽ بـــه ڪانه آيس. هـــو کوهـــه اندر هڪڙيءَ وڏيءَ ڇپ تـــي ويهي، ڀڳوان جي ڪرپاءَ تي خوش ٿيندو، اُنجو نـــام ڳڻ ڪيرتن ڪرڻ لڳو. جيديوَ ويچارڻ لڳو ته هي ضرور منهن جي ڌن وٺڻ جوئي نتيجو آهي. ڇو نه هو ساڳيو راجا اچي اُتان لانگهائو ٿئي. کوهه مان سچاتل آدميءَ جو آواز ايندو ٻڌي راجا عجب ۾ پئي اُنکي ڏسڻ جي آگيا ڏني. هڪڙي نوڪر اچي ڏٺو، جنهنتي معلوم ٿيس ته ڪو آدمي سڪل

ڪي شري جڳنناٿ جي ارپڻ ڪيو. رات جو ڀڳوان ڪين سپني ۾ حڪم ڪيو ته ”پدماوتيءَ کي مون ورتو، پر هينئر منهنجي آگيا سان اوهين هن جو وهانو پريءَ ۾ اچي رهندڙ منهنجي پرم ڀڳت جيديوَ سان ڪري ڇڏيو.“

ڀڳوان جي حڪم موجب هو براهمڻ زال مڙس ڪنيا کي پاڻ سان وٺي وڻ هيٺ ويٺل ڪيرتن ڪندڙ جيديوَ وٽ آيا ۽ کيس ڀڳوان جي آگيا ٻڌائي. جيديو تڏهن ڏاڍي عجب ۾ پئجي دکي دل سان چوڻ لڳو ”مهاراج! آءٌ گهر ٻار تياڳي هڪڙو بيڪاري آهيان؛ جنهنڪري وهانءُ ڪري نٿو سگهان.“ براهمڻ زال مڙس ورندي ڏني ”ڀائي! ڪٿن به هجي، پر اسين ڀڳوان جي آگيا جو اُلنگهن ڪري نٿا سگهون ۽ اسين پنهنجي نياڻي توکي ڏيئي ڇڪاسون. جڏهن شري جڳنناٿ پاڻ هيءَ توکي ڏيڻ لاءِ آگيا ڪئي آهي، تڏهن ڪير اهڙو آهي جو اُنجي حڪم جي برخلاف وڃي سگهي؟ هيءَ ڪنيا تو وٽ رهي ۽ اسين وڃون ٿا.“ ويچاري جيديوَ هنن کي روڪڻ جي گهڻوئي ڪوشش ڪئي، پر هو روڪجي نه سگهيا. نيٺ کيس ڀڳوان جو حڪم مڃي پدماوتيءَ سان وهانءُ ڪرڻو پيو. ٿورن ڏينهن بعد گرهستي جيديو پنورت پدماوتي پاڻسان وٺي پنهنجي ڳوٺ موٽي آيو، جتي ڀڳوان شري راڌا ماڌوءَ جي ڀگل مورتيءَ جي استاپنا ڪري، ٻئي زال مڙس اُنجي شيوا ۾ لڳي ويا.

راجا جيديو کي چڱو ڏن ڏيڻ ٿئي چاهيو ته جيديو کيس

گوهہ ۾ اُڇلايو هو.
پلا ويچارن چورن کي کھڙي سڌ ته هو جنهنکي مٿل سمجهي رهيا هوا اُهو ڪو هت وڏي عهدي تي هوندو. چورن پويان ئي جيديو کي لوُلو لنگڙو ڏسي جهٽ سياڻپ ورتو ۽ ٻپ ۾ پرجي پيڻ جو وجهه ڳولڻ لڳا، ايتري ۾ جيديو جي نظر وچي مٿن پيئي. ڏسندئي هو اهڙو ته آنند ۾ پرجي ويو، جڻ ڪو گهڻن ڏينهن جو وڇڙيل عزيز پنهنجي سڳي کي ڏسي خوش ٿيندو آهي. جيديو من ۾ ويچارڻ لڳو ته "شايد هننکي ڌن جي گهرج ٿي ڏسجي. راجا سداءِ مونکي ڌن وٺڻ لاءِ پيو چوي، سو جيڪڏهن اچ کين ڌن وٺي ڏيندس ته ڏاڍو پرسن ٿيندا." اِهو ويچار ڪري هو راجا کي چوڻ لڳو ته "مهاراج! منهنجا ڪي پراڻا دوست آيا آهن، سو جي اوهانجي مرضي هجي ته کين ڪجهه ڌن ڏيئي سگهو ٿا." بس! رڳو چوڻ جي دير هئي، راجا يڪدم اُنهنکي پاڻوت گهرايو. راجا جو سڌ ٻڌي ويچارن چورن جو ساهہ سڪڻ لڳو. هو من اندر ويچارڻ لڳا ته "شايد براهمڻ (جيديو) راجا کي دائهن ڏني ٿي ڏسجي؛ جنهنڪري هاڻي اسانجو بچڻ محال آهي."

چور ٻپ جا ماريل ٿڙڪندا ڪرندا جهرندا راجا وٽ اچي پهتا. راجا کين جيديو جو مترسمجهي ڏاڍو آدرڀاءُ ڪيو ۽ من مانيو ڌن گهڻ لاءِ چيو. هيئنر هو چور عجب جي سمنڊ ۾ غرق ٿي ويا ۽ کين ڪجهه به سمجهڻ ۾ نه پيو اچي.

ڪوهه ۾ ويٺو شريڪرشڻ نام ڪيرتن ڪري. راجا جي حڪم سان اُنهيءَ دم جيديو کي ٻاهر ڪڍيو ويو ۽ دوا درمل ڪرڻ لاءِ کيس راڄڌانيءَ ۾ آندو ويو. راجا جيديوَ جي هوشياريءَ ۽ سندس شريڪرشڻ ۾ پريم ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ جلدي سندس چيلو ٻڻجي پيو. راجا پاڻ ڳالهه سندس هٿن پيرن وڍيندڙن جا نالا نشان پڇڻ لڳو. جيديو کي اُنهنجي نالن جي نه ڪا سڌ ڪانه هئي، ۽ نه ڪجهه ٻڌايو. سچا ڀڳت پنهنجي دشمن جو به ٻرو نٿا چاهين. هو سڀني جڳت جي جيون سان مترتا ڀاوَ رکن ٿا، هنن جي ٻرو ڪندڙ جڻ ڪو آهيئي ڪونه.

علاج ڪرڻ ڪري جيديو جا ڦٽ سڪي ويا ۽ راجا پاڻ کيس پنهنجي دربار ۾ مکيه وزير ڪري رکيو ۽ سڀيءَ ڪاروبار جو مٿس بوجو ليٽائي وڌو. ٿورن ڏينهن گذرڻ بعد جيديو جي اِستري پدماوتي پڻ شري راڌا مادوَ جي يگل مورتي کڻي پتيءَ وٽ هلي آئي. راجا پئسي پنجڙ جي مدد ڪري جيديو جو مان مرتبو ڪرڻ ٿي چاهيو، پر ڌن مان ويراڳي ڀڳت جيديو، واجبي خرچ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به وٺڻ نه چاهيندو هو. هڪڙي ڏينهن راج محل ۾ وڏو اُتسو هو، جنهن ۾ پوڄن کائڻ لاءِ هزارين دردري، بيڪاري، اَتٿي، براهمڻ ۽ ساڌو سنياسي اچي ڪنا ٿيا هوا. اِنهن ساڌو ويس پهريندڙن ۾ اُهي چار چور پڻ هوا، جن جيديو کي ڌن جي لالچ تي سندس هٿ پير ڪپي ڪٽي

آهـا! ڏاڙيلن اچا اينرو ڇٽي مس بس ڪيو تـه زمين ٽڪاءُ ڏيٺي ڦاٽي پيٺي ۽ هـو چار ئي چور جيٺرا جاڳندا منجهس غرق ٿي ويا.

جمعدار صاحب سپاهين سميت اُهو ڏن راجڌانيءَ ۾ واپس کڻي آيو ۽ راجا سان سموري حقيقت اچي ڪياءِ. راجا تڏهن جيديوَ کي ڪوٺائي اُها عجيب وارتا ٻڌائي. اينري ۾ راجا هـيءُ ڏسي عجب ۽ خوشيءَ ۾ پرجي ويو جو جيديو جي اکين مان لڙڪن جي ڌارا وهي رهي هٺي ۽ هنجا ڪپيل هٿ پير اڳٺين جيان جٺن جو تٺن ٿي پيا هوا. راجا تڏهن ڏاڍيءَ آترتا سان ڪانٺس سمورو احوال پڇڻ لڳو، جنهنتي جيديو کي سچي ڳالهه ٻڌائڻي پيٺي.

پڳت شرومڻي شري جيديوَ جي ڳالهه ٻڌي، راجا عجب ۾ پٺي سندس پيرن تي ڪري پيو.

جيديوَ جي استري پدماوتي چانوَ وانگر هر طرح سواميءَ جيان ورتڻ ڪندڙ هٺي. هنجو پڻ پڳوان ۾ پورڻ پريم هو، پر هوءَ اِن پريم جو ڪارڻ پتيءَ ديو کي مڃي، هنجي تن من سان شيوا ڪندي هٺي. هنکي پتورت ڌرم جي وڏائيءَ جي پوريءَ طرح خبر هٺي. راجا جـو جيديوَ کي پوڄيندو هو، اِنڪري راڻي، راج ماتا توڙي راج محل جون پيون استريون سندس گهر پدماوتيءَ وٽ اچي، ستسنگه جو لاڀ وٺنديون هيون. راڻي جيتوڻيڪ بلڪل سشيل، نمرتا واري، ڌرم تي پوري ۽ پتورت هٺي، پر من ۾ ڪجهه ايمان هوس: جنهن

ٻلا سمجهن ٻه ڪٿي؟ ڪڏهن ماريندڙ کي ٻه ڪڏهن مٿو سڏيو آهي؟ چورن پنهنجيءَ ڪٽل نيتيءَ موجب گهٽوئي ڏن گهوري ورتو ۽ جلدي اُتان نڪري وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳا. راجا ڏاڍي آدر ڀاءُ سان کين ڪارائي پياري چڱا ڪپڙا پهرائي روانو ڪيو ۽ جيڏيو پڻ پريم پوروڪ ساڻن گڏجي کين موڪلايو. گهٽي ڏن سبب رستي تي سندن سنڀال لاءِ، جيڏيو ساڻن چار سپاهي جمعدار سميت گڏ وڃڻ لاءِ پڻ کين ڏنا. ڪجھ پنڌ ڪرڻ ئي هن جمعدار چورن، ڪان کين ايتري سنمان ۽ مال ملڻ جو سبب پڇيو "ڀائي! ٻڌايو ته اوهانجو ٻـي طمع جيڏيو سان کهڙو لاڳاپو آهي، جنهن اوهانکي هيترو سارو ڏن ڏياري اوهانجي اُپڪار جو بدلو چڪايو آهي؟"

پاپ ٻڌي ڏاڙيلا ڪپٽ سان چوڻ لڳا "جمعدار صاحب! اوهان وارو اِهو نڳه جناب (جيڏيو) ۽ اسين هڪڙي ئي رياست ۾ نوڪريءَ ۾ هوندا هواسون. اسين آفيسر هواسون ۽ هيءُ اسان جي هٿ هيٺ ڪم ڪندو هو. هن هڪ دفعو اهڙو ڪڪرم ڪيو جو راجا صاحب مٿس غصي ٿي سندس سر اُڏائڻ جو حڪم ڏنو. اسان تڏهن مٿس ديا ڪري کيس بچايو ۽ سندس هٿ پير ڪپي ڇڏي ڏنو. هيئنر اسين سندس اُهو ڀيد کولي نه وجهون، اِن ڊپ سبب هن اسان جو ايترو سنمان ڪيو ۽ ڪرايو آهي. اسان ٻه، سندس اوگهڙ نه ٿئي، چپ چاپ رهي ڪجھ ٻه نه ڪڇيو."

جاچي ڏٺائينس، تنهن هنجو پراڻ پکيئڙو ڪڏهن جو شرير مان اُڏامي ويو هو. بس! هيئنئر راڻيءَ جو هوش حواس گم ٿيڻ لڳو ۽ پنهنجي اجائي حسد پريل ڪني ڪرتوت تي پشيمان ٿيڻ لڳي. هوءَ هيئنئر ويچارڻ لڳي ته ”راجا کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندي يس، جڏهن هو ٻڌندو ته سندس پوڄه گروديو جيديوَ جي ڌرم شيل پتنيءَ جي موت جو سبب آءٌ ٿي آهيان ۽ اُنمهل هنڪي ڪيئن ڪشٽ معلوم ٿيندو. نه رڳو راجا کي پر خود جيديوَ کي به ڪيڏو نه سنتاپ ٿيندو. افسوس!“

ايتري ۾ جيديو به اچي پهتو. هو ڏانهن راجا کي پڻ اهو مرتيو سماچار پهچي ويو هو، جو پڻ اُتي پهچي ويو. راجا ڏک سبب ڏاڍو وياڪل ٿيڻ لڳو ۽ راڻي ته جڻ جيئري ئي مئل سمان ٿي ويئي. هوءَ خيال ڪرڻ لڳي ته ”پرٿوي ڦاٽي ته منجهس غرق ٿي وڃان.“ جيديوَ کي جڏهن راڻيءَ جي سهيلين مان اِها خبر پيئي، تڏهن راڻيءَ کي چوائي موڪليائين ته ”ماتاجيءَ کي چئو ته گهٻرائي نه. جڏهن منهن جي مرتيوءَ جو ٻڌي پدماوتيءَ جا پراڻ نڪري ويا، تڏهن هيئنئر منهنجي جيئري جاڳندي هت اچڻ ڪري، ان ۾ پراڻ اچي پوندو. هن پوءِ من ئي من اندر ڀڳوان جي پرارٿنا ڪئي. ڀڳوان ڀڳت جي پرارٿنا ٻڌي ڪيرتن شروع ٿي ويو ۽ جيديو مستيءَ ۾ اچي خوب ڳائڻ لڳو. اوچتو پدماوتيءَ جي شرير ۾ آهستي پراڻ اچڻ لڳا ۽ هوءَ ڪر موڙي اُٿي

ڪري ڪنهن ڪنهن مهل ڪو اُڱرو ڪم ڪري وهندي هئي. هڪڙي ڏينهن هوءَ پدماوتيءَ سان به اهڙو سلوڪ ڪري ويٺي.

سنسنگه تي رهيو هو ۽ پدماوتي ڳالهين ٿسان ڳالهيون ڪندي ستي ٿرم جي مهما ڏيکاريندي چوڻ لڳي ته ”جا استري پتيءَ جي مرڻ بعد اُنجي مڙهه سان گڏ جلي ستي ٿئي ٿي، اُها گهٽ درجي جي ستي آهي. اوچ درجي جي ستي اُها آهي جا پتيءَ جي مرڻ جو رڳو سماچار ٻڌي پراڻ تياڳي ٿي. يعني پتيءَ جي مرتيوءَ جو ٻڌي هڪڙي ڪن ۾ هنجو پراڻ سندس شرير ۾ نٿو رهي.“ راڻيءَ ڪي اِها ڳالهه نه وڻي ۽ سمجهڻ لڳي ته شايد پدماوتي پنهنجي ستيپڻي جي وڏائي ڪري رهي آهي. هنجي من ۾ حسد جي باهه ڀرڪو کاڌو، سو پريکشا ڪرڻ جي ارادي سواءِ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي هوءَ محل ڏي موٽي آئي. هڪ دفعي راجا سان گڏ جيديوَ ڪيڏانهن ٻاهر نڪري ويو هو ۽ راڻي اِهو وجهه هٿ آيل ڏسي، ڪوڙو ڏک ڀريل چهرو بنائي پدماوتيءَ وٽ آئي ۽ ڪوڙو روئي اوڇنگارون ڏيئي چوڻ لڳي ”مائي! ڪهڙي ڳالهه ڪريان. قاصد نياپو کڻي آيا آهن ته پنڊت جي (جيديوَ) کي ڪو شينهن کائي ويو.“ راڻيءَ جو ايترو چوڻ ۽ پدماوتي ”شريڪرشڻ! شريڪرشڻ!“ چئي ڌڙ زمين تي ڪري پيئي. راڻيءَ تڏهن ڇرڪ ماري ڏٺو ته پدماوتي بيهوش ٿي ويئي هئي ۽ جڻ ٿي ڇڳيءَ طرح

تہ ايتري ۾ جيديوَ بہ اشنان ڪري موٽي آيو. پنيءَ ڪـي ايندو ڏسي پدماوتيءَ ڇرڪ ماريو ۽ جيديو پڻ ڪيس پوڄن ڪائيندو ڏسي عجب ۾ پيو، هو پڇڻ لڳس "پدمـا! هيءَ ڇا؟ اڄ ڀڳوان ڪي پوڄہ لڳائڻ بعد مونکي ڪارائڻ بدا تون پاڻ اڳيئي ڪيئن ڪائي رهي آهين؟"

پدماوتي - اوهين هيءَ ڇـا چئي رهيا آهيو؟ اوهين جلد شنان ڪري ڪوينا جي باقي بند پـورو ڪري پوڄا ڪرڻ بعد پوڄن وٺي وڃي ليٽيا هوا. سو هي اوهين شنان ڪري موٽو ٿا اهو ڇا آهي؟

جيديوَ تڏهن پلنگ تي وڃي ڏٺو تہ اُتي ڪو بہ ليٽيل ڪو نہ هـو. هينئر هو سمجهي ويو تہ اڄ ضرور هيءَ ڀڳت وتسل جي ئي ڪرپا ٿي آهي. پوءِ چوڻ لڳو تہ "ڇگو پدما! گرنٿ ڪڻي اڄ تـہ ڏسان اُن ۾ ڪهڙيءَ ريت پورائي ڪيل آهـي؟"

پدماوتي گرنٿ ڪڻي آئـــي جو ڏسي جيديو مـن اندر چوڻ لڳو "اهوئي تہ منهنجي دل اندر هو، پر لڄ سبب لکي نٿي سگهيس." پوءِ ٻئي هٿ مٿي ڪڻي روئندي چوڻ لڳو "هي ڪرشڻ! نند نندن، هـي راڌا ولڀ، هي گوڪل ناٿ، ڪرٽا سندو، هي گوپال! هي پراڻ پيارا! اڄ ڪهڙي ڏوهہ سبب هن داس کي وساري رڳو پدما جو منورٿ سڌ ڪيوَ!" ايترو چئي جيديو پدماوتيءَ جـــي پاتل ٿان شري

وينني، پوءِ ويهي هري ڪيرتن ڪرڻ لڳي. هيئنئر راڻيءَ جي خوشيءَ جي حد نہ رهي ۽ هوءَ روئي پيئي. هوءَ ڀڳوان شري ڪرشڻ جــو شڪرانا مڃڻ لڳي ۽ پدماوتي ۽ جيديو کان معافي ورتائين.

ڪجھ وقت اُتــي رهڻ بعد جيديو پدماوتيءَ سان گڏ راجا جي صلاح سان راڌا ڪرشن جي مورتــي کڻي پنھنجي ڳوٺ موٽي آيا، جتي باقي حياتيءَ جو وقت شري ڪرشڻ جي پريم ۽ پوجا ۾ گذارڻ لڳا ۽ منثي "گيت گووند" جي رچنا بہ اُتي ٿيڻ لڳي. هڪڙي ڏينهن جيديو "گيت گووند" جي ڪويتا لکي رهيو هو، پــر اُها پوري ڪانہ ٿئي ٿي. اينتري ۾ پدماوتيءَ اچي چيو "مهاراج! شنان جو وقت ٿيو آهي پوءِ اچي لکجو. جيديو اتي ۾ ڇڏي شنان تي ويو."

جيديو تہ نديءَ تي شنان ڪرڻ ويو هليو، پر ٿــورن منٽن بعد سندس ويس ڌاري ڀڳوان شري ڪرشڻ پاڻ پڌاريو ۽ چوڻ لڳو "پدما! اُهو "گيت گووند" تہ آڻي ڏينم تہ پورو ڪريان."

پدماوتي - (عجب ۾ پئي) اوهين تہ شنان ڪرڻ ويا هوا نہ؟ وچمان ئي ڇو موٽي آيا؟

پدماوتي تڏهن گرنٿ ۽ مس قلم کڻي آئــي، جنهن تي جيديــو ويس ڌاري ڀڳوان اُهــو پويون بند لکي ڪويتا پوري ڪئي. پوءِ پوجا کان فارغ ٿي ڀوڄن وٺي پلنگ تي وڃي ليٽيو. پدماوتي تڏهن پاٽل تي ڀڳيل پرساد کائڻ لڳي

ڀڳت نامديو

ڀڳت نامديو جي ٻاٽي شري گرو گرنٿ صاحب ۾ چڙهيل آهي. انجو جيون ڏجي ٿو.

نرسي ٻوٽ حيدرآباد دکن ۾ آهي، اتي داما سيٽ ناليءَ ڀرم ڀڳوت ڀڳت درزي ۽ سندس ڌرم پتني گڻائي کي نامديو نالي سنبت ١٣٣٧ جي ڪارتڪ شڪل (سهائي) ڀروا آرتوار ڏينهن سج اُڀرڻ مهل ڄائو. سندس وڏا پنڍرپور جي شري وٺلراءِ ڀڳوان جا اُپاسڪ هوا. نامديو تي ٻن ان جو اثر ٿيو. نامديو تي ماتا پتا جو اثر پيو ڇو ته سندس ماتا پتا ڀڳوان کي ڀوڳ لڳائڻ ڪانسواءِ ڪاڌو ڪونه کائيندا هوا. هو ائين سمجهڻ لڳو ته ”وٺل جيئرو جاڳندو ڀڳوان آهي.“

ڪنهن وقت هنجي پتا ڪي ضروري ڪم سبب ٻاهر وڃڻو پيو ۽ نامديو تي ڀڳوان وٺل جي پوڄا جو ٻار وجهي ويو. ٻالڪپڻي جي سرل شردا سبب نامديو پوڄا جو سامان ۽ ڀوڳ لڳائڻ لاءِ کير جو ڪٽورو ڀري ڀڳوان وٽ اچي حاضر ٿيو. پوڄا ڪري رهڻ بعد کير جو ڪٽورو ڀڳوان جي اڳيان رکي کيس پيئڻ لاءِ چوڻ لڳو. ڪجهه وقت تائين نامديو اکيون بند ڪري جڏهن کوليون، تڏهن کير ڪٽوري ۾ جٿن جو تٿن ڏٺائين؛ جنهڪري ڏاڍو دک ٿيس. پوءِ ويچارڻ لڳو ته ”مونکان ڪهڙو ڏوهه ٿيو آهي؛ جنهڪري ڀڳوان

هريءَ جو پرساد کٽي کائڻ لڳو. ۽ ڇپائين پدماوتيءَ ٽون ڀاڳن واري آهين جو ڪرشن ڀڳوان جو درشن ٿيو اٿئي.

اِن ڳالهه بعد هن جلدي ئي ”گيت گووند“ پورو ڪيو ۽ پوءِ اُهو ڳائيندو مستيءَ ۾ اچــي گهمندو هو. جتي هو ڳائيندو هو، اُتـــي شري نـنـد نندن لڪي هنجي ٻنيان هوندو هو.



سهائي ايڪادشي تي وڏو ميلو لڳندو آهي، جنهن ڪري ڀڳوان جي درشن لاءِ ڪئي ڪتني جا سنت مهاتمائون اچي گڏ ٿيندا آهن. چندرڀاڳا نديءَ جي سنان ڪري، ڀڳوان وٺلراءِ جي درشن ڪندا آهن ۽ ڪٿا ڪيرتن ۾ ئي رتل رهندو هو. پر نامديو ڀڳوان سان پاڻ وندرائيندو هو ڀڳوان وٺل جي ڌيان ۾ سداءِ مست هوندو هو.

سنت سڀاءُ کان ئي اُدار هردي جا ٿين ٿا. مشهور سنت شري گيانيشور مهاراج جي هڪ دفعي نامديو سان سنگ ڪرڻ جي اِڇا ٿي؛ جنهنڪري هن نامديو کي ساڻس تيرٿن تي گڏجي هلڻ لاءِ چيو. نامديو ورندي ڏني ته ”اوهين مونکي ڀڳوان کان آگيا وٺي ڏيو ته پوءِ هلي سگهان ٿو.“

ڀڳوان ڏٺو ته گيانيشور جي نامديو سان گڏ رهڻ جي اِڇا آهي؛ تنهن ڪري ڀڳوان نامديو جي واکاڻ ڪري گيانيشور کي چوڻ لڳو ”ڀائي! نامديو منهنجو ڏاڍو پيارو ڀڳت آهي؛ جنهنڪري آءٌ هڪ کن به پاڻ کان جدا ڪرڻ نٿو چاهيان. تنهنجي جيڪڏهن مرضي آهي ته ڀل وٺي وڃينس پر سنڀال رکجائينس.“ ايترو چئي ڀڳوان گيانيشور کي نامديو جو هٿ سونپيو. بس! پوءِ ته نامديو گيانيشور سان ڀڳوان بنسبت ڳالهيون ٻولهيون ڪندو هلڻ لڳو، مگر هن جو چت شري پانڊورنگ جي چرڻن ۾ ئـي اٽڪيو رهيو. هن هيئن پڻ چيو ته ”هي پانڊورنگ! تنهنجي جدائيءَ ڪري منهنجو هردو ڏري رهيو آهي. مونکي ڏاڍا خيال پيا اچن جو

اُڙڻ کيل ڪير نٿو پيئي." بس! پوءِ ته ڪير پيئڻ لاءِ
گهٽيون ئي ميڙون منٿون ڪرڻ لڳو، پر جڏهن ڀڳوان ڪير
نه پيتو تڏهن دک سبب ڀڳت جون اکيون لڙڪن سان ڀرجي
آيون ۽ چوڻ لڳو "وٺل! ياد رک جيڪڏهن منهنجي
ڪٽوري مان هيئر ڪير نه پيئندين ته پوءِ آءٌ به سڄي عمر
ڪير نه پيئندو سانءِ." نامديو ڄڻ سمجهي هٺ ڪيو،
جنهنڪري ئي ڀڳوان کي ساکيات پرگهٽ ٿيڻو پيو ۽ ڪيس
ڀڳتي ڀاءُ سان اڙڻ کيل ڪير پيئڻو پيو.

نامديو جي ڀڳوان سڀ ڳالهه، مڃيندو هو جيڪي به
ڀڳوان کي اڙڻ ڪندو هو، اُهو ڀڳوان پرگهٽ ٿي گهرڻ
ڪندو هو. اهڙيءَ ريت ڀڳت جي ڀڳتيءَ جو رنگ ڏينهون
ڏينهن گهرو ٿيندو ويو. هو نوَن سالن جي عمر ۾ بالڪ
ڀڳت ليکجڻ لڳو.

اُن وقت جي رسم موجب نامديو جو وهانءُ گووند
سيٺ جي ڌيءُ راجائيءَ سان ننڍڙيءَ عمر ۾ ڪيو ويو.
پر جئن جئن عمر وڌندي ويئي ته سندس ڀڳتي به وڌندي
ويئي. هنجي ماتا ۽ استري ڪيس ڌنڌي واپار ڪرڻ لاءِ
چونديون هيون، پر هنکي هري ڀڄن ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به
ڪم ڪار ۾ دل ڪانه لڳندي هئي. نامديو پنهنجي جنم
جو آستان ڇڏي پنڍرپور ۾ ئي اچي رهڻ لڳو، جتي
ڪيترن ئي ڀڳوت ڀڳتن سان ميترتا ٿي ويس.

پنڍرپور ۾ آکاڙ جي سهائي ايڪادشي ۽ ڪتڪ جي

ونڊڻا آهي. هڪ چت سان ايڪانت ۾ ويهي گووند جي ڌيان ڪرڻ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن هنڌ ۾ وسرام ڪونهي." نامديو جي ان دوهه وائيءَ کي ٻڌي گيانيشور ڏاڍو پرسن ٿيو.

اِنوِيت ڪيترن ئي تيرٿن ۽ مـوکش ڏيندڙ هنڌن جا درشن ڪندي جڏهن ئي ٻئي گياني ڀڳت موٽي رهيا هوا، تڏهن رستي ۾ بيڪانير جي ويجهو ڪنهن ڳوٺ جي نزديڪ اچي پهتا، جتي ٻنهي کي ڏاڍي اُڃ لڳي. ويجهڙائيءَ ۾ هڪڙو کوهه هو، پر سڪو پيو هو. جڏهن ته گيانيشور سڌ ڀوڳي هو، اِنڪري پنهنجي سڌيءَ دواران کوهه اندر زمين ۾ گهڙي وڃي پاڻي پيتائين ۽ پـوءِ نامديو لاءِ ٿـورو ڪڍي ٻاهر نڪري آيو. نامديو اُهو پاڻي نه پيتو ۽ ڏاڍي سڪ ۾ ڀرجي چوڻ لڳو "ڇا منهنجي وٺل کي منهنجي چنتا ڪانهي؟" ڀلا ڀڳوان تـه ڀڳت جي شيوا جو وجهه ڳوليندو رهي ٿـو. ڀڳوان جي ڪرپا سان، کوهه ڪنن تائين پاڻيءَ سان ڀرجي ٻاهر وهي نڪتو. نامديو جي پريم جو اهڙو پرڀاءُ ڏسي، گيانيشور اچرج ۾ پئجي حيران ٿي ويو. هـو نامديو کي ڀاڪر پائي سندس پـريم جـي واکاڻ ڪرڻ لڳو. ياترا ڪري گهر موٽي آيا.

نامديو اچي وٺل سان گڏيو ۽ چـوڻ لڳس "ڀڳوان! منهنجي دل ۾ ڀرم هو؛ جنهنڪري ئي اوهان مونکي در در ڀٽڪايو، پر آءٌ ڀڪ سان ٿو چوان ته پنڌرپور جهڙو سک ٻئي هنڌ سڀني ۾ به ڪونه هوندو.

منهنجا تيرٿ، ورت، ڪرم، ڌرم سڀ ڪجهه تون ئي آهين." گيانيشور مهاراج هنڪي آٿت ڏيندو چوڻ لڳو "ڀائي! تون ڌنيه آهين جو تنهنجو ڀڳوان ۾ اهڙو پريم آهي. تون نه ناحق شوڪ ڪري رهيو آهين. ڀڳوان سرو وياپي آهي، اهو تنهنجي هردي ۾ پڻ آهي." نامديو وراڻي ڏنيس "مهاراج! اوهانجو چوڻ بلڪل سچو آهي، پر مونکي پانڊورنگه جي ڏسڻ کانسواءِ ڪجهه به منو نٿو لڳي." سندس اِن اَننيه ڀاوَ کي ڏسي گيانيشور ڏاڍو پرسن ٿيو.

هڪڙي ڀيري گيانيشور نامديو کان پڇيو ته "ڀڳتي ڪهڙيءَ ريت ڪرڻ گهرجي. من توڙي بدّي کي ستوگڻي ڪئن بنائي سگهجي ۽ ڀڳتيءَ گيان ڇا آهي؟" اِنهن سوالن کي ٻڌنديئي نامديو گد گد ٿيندي گيانيشور جي چرڻن کي پڪڙي چوڻ لڳو "مهاراج! مونکي ته پانڊورنگه جي ڪرپا جو ئي ڀروسو آهي. اهڙو گيان منهنجي نصيب ۾ ڪٿي آهي؟ اِهو ئي ته سبب آهي جو ڀڳوان منهنجو هٿ اوهان کي سونپيو. اوهانجو پڇڻ اهڙو آهي، جئن ڪلپ ورڪش جو ڪنهن ڪنگال کان ڪجهه گهرڻ. سمجهجي ٿو ته اوهين خوشي ۾ اچي، مونکان اهڙو سوال ڪري منهنجو سک وڌائڻ چاهيو ٿا. پريو! آءٌ ڇا ٻڌايانوَ، مونکي ته نام ڪيرتن ئي پيارو آهي. اُنجي اڳيان ٻيا سڀ ساڌن اجايا ۽ ڪشٽ ڏيندڙ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اِهو ئي ڀڳتي آهي. ڪنهنجي به گڻن دوشن کي نه ڏسي، سڀني سان سچيءَ نمرتا سان هلڻ ئي

وارو هو، جنهنکي ڏسڻ سان ٻپ تي لڳو. نامديو اُنکي ڏسندي ئي ڀڳوان جو روپ سمجهي پرڻام ڪري ڪيرتن ڪندو نچڻ لڳو.

هڪ دفعي نامديو ڪنهن وڻ هيٺ روٽي پچائي رهيو هو. روٽيون پچائي رکي پاڻ پيشاب ڪرڻ ويو. ايتري ۾ هڪڙو ڪتو آيو ۽ روٽيون وات ۾ وجهي ڀڄي ويو. ان وچ ۾ نامديو به اچي سهڙيو. ڀلا سڀ ڪنهن ۾ ڀڳوان کي ڏسندڙ نامديو ڪيئن ڇڏي؟ هو هٿ ۾ ڪٽوري گيهه جي کڻي ڪتي جي پٺيان ڊوڙيو ته ”ڀڳوان! روٽيون اڃا سڪيون آهن مٿن گيهه ڪونه آهي، گيهه مکڻ ڏيو پوءِ ڀلي ڀوڳ لڳايو.“ ڀڳوان ڪتي جو روپ تياڳي شنک، چڪر، گدا، پدم ڌارڻ ڪيو ۽ پنهنجي ديويه چترڀج روپ ۾ درشن ڏنائينس.

آها! نامديو جي ڀڳتي ڪيتري قدر نه اوچي هئي، هن انيڪ ماڻهن کي ڀڳتي مارگ ۾ لڳائي سنبت ۱۴۰۷ ۾ ۸۰ ورهين جي ڄمار ۾ پرم ڌام پڌاريو.

نامديو جي حياتيءَ جو پهريون اڌ پنڌرپور ۾ ۽ باقي اڌ پنجاب وغيره پرانتن ۾ ڀڳتيءَ جي پرچار ڪرڻ ۾ گذريو.

هڪڙي دفعي نامديو جي جهوپڙيءَ کي اچي باهه لڳي ۽ اِها باهه هڪڙي پاسي کان لڳي. اُن مهل هو پريم ۾ مست ٿي ٻئي طرف جيڪي شيون رکيل هيون سي ڪڍي باهه ۾ اُڇلائي چوڻ لڳو ”پريو! ڀلي آيا. اڄ ته ڳاڙهين لاٽن ۾ براجمان آهيو، پر رڳو هڪڙي پاسي کان ڇو؟ هڪڙي طرف جون شيون ته اوهان سويڪار ڪيون پر ويچارين ٻئي پاسي جي شين ڪهڙو پاپ ڪيو جو اوهان کان ٻچيل رهيون؟ ڪرپا ڪري اُهي به گرهڻ ڪريو.“ ايترو چئي نچڻ ۽ ڪيرتن ڪرڻ ۾ لڳي ويو. ٿوريءَ دير کانپوءِ باهه ته وسامي ويئي ۽ نامديو جهوپڙي ٻنا رهجي ويو. ڀلا! برسات جي مند هٿي سو رهي ڪٿي؟ ڀڳوان پاڻ مزور بڻجي نامديو لاءِ ڪنيا ٻڌائي ڇڏي.

ٻئي دفعي هو ڪنهن ڳوٺ ۾ اچي پهتو، جتي ڪنهن سيٺ جي گهر ۾ اچي ٽڪيو. اُن گهر ۾ ڪو ڀوُت رهيو ٿي. آدمين گهڻو ئي سمجهايس ته ”هن گهر ۾ نه رهه ۽ ڇو جو منجهس ڀوُت رهيتو، جو رات جو اچي گهر ۾ رهندڙ آدمي کي ماري پورو ڪري ڇڏيندو.“ نامديو سڀ شيءِ ۾ ڀڳوان کي ڏٺو ٿي، سو چوڻ لڳو ”ڀائي! ڀوُت به ته منهنجو وٺل ئي بڻيو هوندو؟“ پوءِ ڪلي بيڌ ٿو ٿي اُتي رهي پيو. اڌيءَ رات جو ڀوُت آيو جو ايتري قدر ته ڏگهو ۽ ڀيانڪ روپ

جيڪر اِنويت اُنجي پوڄا ڪريان." بالڪ جڏهن ڏسندا آهن تڏهن ٿي ڪرڻ چاهيندا آهن. ڌني منهنجي ٻوليءَ سان براهمڻ ديوتا وٽ وڃي چيو "مهاراج! جهڙي نه تو وٽ ڀڳوان جي مورتي آهي، اهڙي جيڪڏهن مون کي هڪڙي ڏين ته جيڪر آءٌ به تو وانگر پوڄا ڪريان." براهمڻ ڀهرياءَ ته ڪجهه ڌيان ڪونه ڏنو، پر جڏهن بالڪ ڌني ذري ذري روئي پيرن تي ڪري ڪيس بيزار ڪيو تڏهن بلا ٽارڻ لاءِ هڪڙو ڪارو پٿر ڪڍي ڪيس ڏناءِ ۽ چيائينس ته "پٽ! هيءُ تنهنجو ڀڳوان آهي ۽ هميشه سندس پوڄا ڪندو ڪر." بس! ڌني کي ڄڻ اِها ٿي گرو سکيا ملي ويئي. اِن ٿوري وقت ستسنگ ۽ سرل ڀڳتيءَ جي پرتاپ سان بالڪ ڌنو ڀرپور کي بلڪل جلد پرسن ڪرڻ ۾ سوڀارو ٿيو.

بالڪ ڌني جي آنند جي حد ڪانهي، هو پنهنجي ڀڳوان کي ڪڏهن مٿي تي رکيائين ٿي ته ڪڏهن ڇاتيءَ سان لڳائي ڦريو ٿي. هيئنر هن راند روند ڪرڻ سڀ ڇڏي ڏني. صبوح جو هو سويل اُٿي سنان پاڻي ڪري ڀڳوان کي سنان ڪرائي چندن جي بدلي ٺڪر مٽي آڻي تلڪ لڳائيس تو. تلسيءَ جي بدران ڪنهن به وڻ جا ساوا پن ڀڳوان تي چاڙهي تو. تمام گهڻي پريم سان پوڄا ڪري، ڀڳتيءَ ڀريل هردي سان زمين تي سنئون ڏگهو ٿي پرڻام ڪري تو. ماڻس جڏهن کائڻ لاءِ ٻاجهريءَ جي روٽي ڏنيس ٿي تڏهن هو اُها روٽي ڀڳوان جي اڳيان ذري اکيون پوري

❋ ڀڳت ڌنا جاٽ ❋

ڀڳت ڌنا جاٽ قوم جو هو، جنهن ودِيا ڪانه پڙهي هئي، نڪو شاسترُن پڌا هئائين پر اُنجو سرل هردو پريم سان ڀريل هو. ڀڳت ڌنا جاٽ جو پريم روپي ٻج بلڪل ننڍيءَ عمر ۾ ڦٽي، سنت سماڳم روپي جل سان سيڄجي، جيون شڪتي پراپت ڪري چڪو هو. سندس پيءُ کيتيءَ جو ڪم ڪندو هو. هو هميشه پنهنجيءَ طاقت آهر سنتن، ڀڳتن ۽ مهاتمائن جي شيوا ڪندو هو. وٽس وقت بوقت چڱا چڱا سادو سنت ايندا ويندا هوا. ڌنا ڀڳت جي عمر اُن وقت پنجن سالن جي مس هئي. هڪڙي ڏينهن هڪڙو ڀڳوان جو ڀڳت سادو براهمڻ سندن گهر پڌاريو. هن پنهنجي هٿن سان کوهه مان پاڻي ڀري سنان ڪيو ۽ تنهن بعد سنڌيا وندن توڙي نت ڪرم ڪرڻ ڪانپوءِ، جهوليءَ مان ڀڳوان شالگرام جي مورتي ڪڍي تنهنکي سنان ڪرايو. تلسيءَ، چندن ڌوپ ۽ ديپ وغيره سان پوڄا ڪري، اڳيانس پرسان رکي پاٺ پوڄن ڪرڻ لڳو. ڌنو اُن ڀڳتيءَ ۾ ڀرپور براهمڻ جي اها سڀ ڪارروائي ڏاڍي عجب ۾ پئي ڏسي رهيو هو. بالڪ ته هوئي جنهنڪري سياءُ سرل هوس ۽ ڪجهه وقت سادو سنگهه پڻ ٿيس. پوءِ من ۾ اها اِڇا اُٿين ٿيس تہ ”جيڪڏهن مون وٽ بہ ڀڳوان جي مورتي هجي تہ آءٌ بہ

اُن پريمي ڀڳت جي پريم ڀريل روئڻي وٺي، ڏاڍي پيار سان ويهي پوڄا لڳائڻ لڳو. جڏهن اَڌ روئڻي کائي چڪو تڏهن ڀڳت ڏني سندس هٿ جهلي ورتو ۽ چوڻ لڳس ”واهه ناڪر جي! هيترا ڏينهن تہ آئين ڪونہ ۽ مونکي بکن ماريئي، اڄ جڏهن مس مس آئين تڏهن سڄي ئي روٽي ڳرڪائڻ وينو آهين؟ تون ئي سڀ کائي کپائي ويندين تہ پوءِ ڇا اڄ بہ آءٌ بکہ مرندس؟ ڇا مون کي منجهانس ذرو بہ کائڻ لاءِ ڪونہ ڏيندين؟“

ڀڳت بالڪا جا سهڻا وچن ٻڌي ڀڳوان مرڪيو ۽ باقي بچيل روٽي ڏني کي ڪٽي ڏناءِ. ڏني کي اِن روٽيءَ مان اَمرت کان بہ وڌيڪ سواد آيو. ڀڳوان هر روز اِنريت پوڄا لڳائڻ مهل ڏني جي اڳيان پرگهٽ ٿي، پنهنجي موهڻي مادوي روپ سان ڀڳت جو مَن موهڻ لڳو.

هينئر ڏنو ڪجهہ وڏيرڙو ٿيو، جنهنڪري ماڻس کيس ڳائين ڏهڻ جو ڪم سونپيو. گهڻيئي ڳائيون هيون جنهن ڪري هو ٻئي وقت کير ڏهندو هو. هڪڙي ڏينهن ڀڳوان ظاهر ٿي چيس ”ڏنا! تو اَڪيلي کي هيترين ڳائين ڏهڻ ۾ گهڻي تڪليف ٿيندي هوندي، هاڻي آءٌ توکي تنهنجون اهي ڳائيون ڏهي ڏيندس.“ ڀڳوان پنهنجي بالڪ ڀڳت سان رهي سندس شيوا ڪرڻ لڳو.

ڪن ڏينهن بعد ڏني جو گرو اُهو ئي براهمڻ ديوتا وٽس آيو ۽ کانئس پڇڻ لڳو تہ ”ڪٿن ري ڏنا! ڀڳوان

وهي ٿـو. وچ وچ ۾ اکيون کولي هـو ڏسندو پڻ و ڇيتو ته ٻگوان ڀوڳ لڳائڻ شروع ڪيو آهي يا نه. ٿوري وري ٿوريءَ دير تائين اکيون بند ڪري ڇڏي ٿو. اِهڙيءَ ريت ويڻي ويڻي جڏهن گهڻي دير ٿي ويس ۽ ڏسي ٿو ته ٻگوان اڃا تائين روٽي ڪانه کاڌي آهي تڏهن ڏاڍو ڏک ٿيس ٿو. اُن مهل هو ذري هٿ جوڙي بالڪپڻي جي سول سڀاءَ ۽ طوطليءَ واڻيءَ سان انيڪ قسمن جون وينتيون ڪري ٿو. ان هوندي به جڏهن ڏسي ٿو ته ٻگوان ڪنهن به طرح ڀوڳ نٿو لڳائي تڏهن ٻُراس ٿي سمجهڻ لڳي ٿو ته ”ٻگوان مون سان رٺو آهي؛ جنهن ڪري ئـي منهنجي پوڄا ۽ ڏنل ڀوڳ قبول نٿو ڪري. پر ٻگوان بکيو رهي ۽ آءٌ ويهي کاڻ اِهو ڪئن ٿي سگهي ٿو؟“ اهڙو ويچار ڪري هو اُها روٽي جهنگ ۾ اُڇلايو اچي ۽ پاڻ بکيو رهجيو وڃي. ٻئي ڏينهن هو وري به ساڳيءَ طرح ڪرڻ لڳي ٿو. ان ريت جڏهن ڪيترائي ڏينهن اَن جل بنا گذري ويس تڏهن ڏني جي طاقت هڪدم گهٽجي ويئي، بدن سڪي ويس ۽ هلڻ چلڻ جي سگهه ويندي رهيس. هنکي بدن جي اِن تڪليف جي ايتري پرواهه ڪانه هئي، جيترو ڪ هن ڳالهه جو ڏکُ هوس ته ”ٺاڪر جي منهنجي روٽي نٿو کائي.“ اِن ڏک سبب هنجي اکين مان سداءِ لڙڪن جي ڌارا وهڻ لڳي.

ٻگوان ڀڳت جي ڏک کان ڏکوئجي ٻگوان پرگهٽ ٿيو. مِن موهڻي مورتي ڌاري ڀڳت جي اڳيان پرگهٽ اچي ٿيو.

پڻ ڪيو آهي، جنهن ڪري ٿي ڪيس درشن ٿي سگهندو. تون سنڌس هنج ۾ وڃي ويهه ۽ تنهنجي پوتر شرير جي سپرش سان هنکي دويه نيتر ملندا، جن سان هو مون کي ڏسي سگهندو.

ڌني اِئين ئي ڪيو. ڀڳت براهمڻ ڀڳت وتسل ڀڳوان جو درشن ڪري خوشيءَ ۾ ڀرجي ويو، جنهن ڪانپوءِ ڀڳوان اَنترڌيان ٿي ويو.

ڌني جي بال ليلا سماپت ٿي، اِنلاءِ ڀڳوان به ساڻس اُهو بالڪن جهڙو سنبنڌ نه رکيو. ڀڳوان ڪيس مريادا موجب نيم انوسار گرو منتر وٺڻ جي آگيا ڏني. هو تنهنڪري ڪاشيءَ ويو، جتي ڀڳتيءَ ۾ ڀنل شريشٽ آچاريه شري رامانند کان گرو منتر ورتو ۽ پوءِ گهر موٽي آيو. هنکي هينئر ڀڳوان جو تتو گيان پراپت ٿي ويو.

هڪڙي ڏينهن ڌني جي پيءُ کيس ٻنيءَ ۾ ڪڻڪ پوکڻ لاءِ ٻج ڏيئي روانو ڪيو، جتي رستي ۾ کيس ڪي مهاتمائون گڏجي ويا. سنت تمام بکايل هوا ۽ اُنهن ڌني کان بکيا گهري. ڌني کي ته سداءِ سڀ هنڌ پنهنجو شيام سندر ڏسڻ ۾ ٿي آيو، جنهنڪري سنت روپ ۾ به هنکي اُهو ئي ڏسڻ ۾ آيو. وڏيءَ خوشيءَ سان سڀ ڪڻڪ سنتن کي ڏيئي ڇڏي.

ڌني ٻج ته کڻي ڏنو، پر ماتا پتا جي ڊپ سبب گهر موٽي اچڻ چڱو نه سمجهي، هو ٻنيءَ ڏي ويو هليو ۽ زمين

جي پوڄا ڪندو آهين يا نه؟" ڏنو چوڻ لڳس "مهاراج! چڱو ڀڳوان ڏيٺي وئيم. اُن ڪيترا ڏينهن تہ درشن ئي ڪونہ ڏنو ۽ نڪي روٽي کاڌاءِ. پاڻ تہ بکيو رهيو پر مون کي بہ خوب بکون مارياءِ. نيٺ هڪڙي ڏينهن پرگهٽ ٿي جڏهن سڀ روٽي کائڻ ٿي هو تڏهن ڏاڍي مشڪلات سان هٿ ڪان جهلي اَڌ روٽي پنهنجي لاءِ رکائيمانس. پر سوامي! هو آهي ڏاڍو پريمي جو سداءِ مونسان گڏ گذاري ٿو. ويچارو ٻئي وقت منهنجون ڳائيون ڏهي ٿو. آءٌ هيئنر ڪيس ڇڏي نٿو سگهان، ڇو جو هو ڄهڙو آهي پيارو اهڙوئي آهي سندر. منهنجا تہ سڀ پڇ منجهس پراڻ آهن."

ڏني جي ڳالهہ ٻڌي براهمڻ عجب ۾ پئي پڇيو "ڪٿي آهي ري تنهنجو اهو ڀڳوان؟"

ڏنو- ڇا تون ڪيس ڏسين ڪونہ ٿو؟ اِجهو هو ڏس! منهنجي پاسي ۾ ئي تہ بيٺو آهي.

براهمڻ کي درشن ڪونہ ٿيو، سو چوڻ لڳس "اڙي ڏنا! ڪٿي آهي، مونکي تہ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي." ڏنو تڏهن ڀڳوان کي چوڻ لڳو "ناٿ! هي ئي براهمڻ تہ مون کي تنهنجي مورتي ڏيٺي ويو هو، سو هيئنر هنکي درشن ڇو نٿو ڏين؟"

ڀڳوان- ٻچا! تو جنم جنمانتر جي وڏن پڃن ۽ شڌ ڀڳتيءَ سبب منهنجو درشن پاتو آهي، پر هن براهمڻ ۾ ايترو تپو ٻل ڪونهي. مگر جڏهن تہ هن تنهنجو گرو بڻجي تمام گهڻو

مسلمان هريداس ڀڳت

هريداس يشوهر ضلع جي ٻوڙن ڳوٺ جي هڪڙي غريب مسلمان جي گهر پيدا ٿيو. اڳئين جنم جي سنسڪار ڪري ننڍپڻ کان ئي هو "هري نام" جو ڀڳت هو. هو گهر ٻار ڇڏي ٻن ۾ جهوپڙي ٺاهي رهڻ لڳو هو. هري نام جو اٽل وشواسي ساڌو هو. چون ٿا ته هريداس هر روز ٣ لک هري نام جو جپ ڪندو هو. ڪيترائي ڀڳت نت هريداس جي درشن ڪرڻ لاءِ آيا ٿي ۽ سندس چرڻ ڇهي ڪرتارت ٿيا ٿي. هو سڀني ايندڙن کي هري نام جپڻ جو اُپديش ڏيندو هو ۽ چوندو هو ته "هري نام بنا آدميءَ جو اُڌار ٿيڻو ئي ڪونهي." پيٽ گذران لاءِ هو بستيءَ مان ڀڪي ايندو هو ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن وڌيڪ ملي ويندو هوس، ته غريبن کي وراهي ڏيندو هو. ڪڏهن به ٻئي ڏينهن لاءِ بچائي ڪونه رکندو هو. سندس حياتيءَ ۾ ٿيندڙ ٻه ٽي عجيب ڳالهيون ٿيون، جي ڏجن ٿيون.

هڪ دفعي ٻن گرام جي رامچند خان نالي هڪڙي دشٽ زميندار هريداس جي ساڌنا ناس ڪرڻ لاءِ ڌن جو لوڀ ڏيئي هڪڙيءَ خوبصورت ويشيا کي وٽس وڃڻ لاءِ تيار ڪيو. جنهن مهل ويشيا هريداس جي جهوپڙيءَ ۾ ويئي،

تي ٽلهو هر هلائي هو گهر موٽي آيو. ڀڳت وتسل ڀڳوان ڏني جي گهرڻ ٻنا ٿي سندس وڏائي وڌائڻ لاءِ پنهنجي ليلا سان ٻنيءَ کي ٻين سڀني جي ٻنين کان وڌيڪ ساوو ڪري ڇڏيو. آدمي ڏني جي ٻنيءَ جي ساراهه ڪرڻ لڳا. جڏهن ڏني اهو ٻڌو تڏهن هو ويچارڻ لڳو ته ”مون ته ٻنيءَ ۾ ڏرو ٻه ٻج ڪونه ڇٽيو، پوءِ هيءَ هڙئي سندر ٻني ڪٿان ٿي؟ ٻني سڪل پيئي هوندي اِنڪري آدمي ٺٺولي ڪري ائين چوندا هوندا. پر جڏهن هن پاڻ وڃي ٻني ڏٺي ۽ ڪيس سائي سبز ڏسڻ ۾ آئي تڏهن سندس عجب جي حد نه رهي. پرڀوءَ جي مايا سمجهي هو من ئي من اندر هنکي پرڻام ڪرڻ لڳو ۽ هنجي اندر ۾ پريم جون لهرون ڇولون هڻڻ لڳيون.

آهيان، منهنجو ڪو أڌار ڪريو.“ هريداس أنکي هري نام ڪيرتن جي جپ ڪرڻ لاءِ أپديش ڏيئي أتان روانو ٿي ويو. سندس وڃڻ بعد وئشيا کي ٻہ اهڙي تہ لڳن لڳي ويئي جـو هوءَ پنهنجو سڀ مال ملڪيت دکين ۽ غريبن کي ڏيئي، پاڻ تپسوڻ بڻجي ويٺي ۽ أنهيءَ جهوپڙيءَ ۾ رهي ڀڄن ڪيرتن ڪرڻ لڳي. هـوءَ پوءِ هڪڙي وڏي ڀڳتڻ ليکڻ ۾ آئي .

اِن ريت وئشيا جـو أڌار ڪري هريداس شانتي پـور ويـو، جتي أدوئيتہ آچاريہ نالي هڪڙي مشهور وئشڻوءَ وٽ وڃي رهيو. أن ويشڻوءَ هريداس کي ڏاڍي پريم سان پنهنجي گهر ۾ رهايو. هر روز ٻنهي جي پاڻ ۾ ڏاڍي پريم مان هري چرچا ٿيندي رهي. أدوئتيہ آچاريہ شريمد ڀاڳوت ۽ ٻين شاسترن مان هريداس کـي ڪٿائون پڙهي ٻڌائيندو هو. نہ رڳو ايترو پر هن پنهنجي ڳوٺ جي نزديڪ هريداس لاءِ هڪڙي غفا پـڻ ٺهرائي، جنهن ۾ هو ڪجهہ وقت وڃي هري ڀڄن ڪندو هو. رڳو ٻن پهرن جو اچي روٽـي کائي ويندو هو. اِن شانتيپور جي ويجهو ڦليا نالي هڪڙو ڳوٺ آهي، جتي اڪثر براهمڻ ئي رهندا هوا. جيتوڻيڪ هريداس مسلمان هو، پـر هو جو ڏاڍي پريم ۽ ڀڳتيءَ مان ڀڳوان جو نام ڪيرتن ڪندو هو، تنهنڪري أتي جا سڀ آدمي ڪيس ڏاڍيءَ عزت سان ڏسندا هـوا ۽ آدرڀاءُ ڪندا هوا. هـو جڏهن گنگا سنان ڪري موٽندو هو، تڏهن پريم مان پاڻ تہ

تنهن مهل هو هري نام ڪيرتن ۾ مست وينو هو. هن جو منوهر سروپ ڏسي ونشيا جي من ۾ به وڪار پيدا ٿيو ۽ هوءِ نرلجي ٿي طرحين طرحين جون چيشٽائون ڪرڻ لڳي. هريداس سڄي رات جپ ڪندو ٿي رهيو ۽ ونشيا سان هڪ اکر به نه ٻوليائين. پرڀات ٿيندي هو ونشيا کي چوڻ لڳو ته "نام جپ" پوري نه ٿيڻ ڪري آءٌ توسان ڳالهائي نه سگهيس."

ساندهه ٽي ڏينهن راتيون ونشيا هريداس جي جهوپڙيءَ ۾ اچي، انيڪ ڪوشش ڪندي به فتحياب نه ٿي؛ ڇو ته نام ڪيرتن ۾ ئي هوندو هو. چوٿين ڏينهن رات جو ونشيا هريداس جي جهوپڙيءَ ۾ اچي ڇا ٿي ڏسي ته هو ڏاڍي پريم سان هري نام ڪيرتن ڪري رهيو آهي ۽ اکين مان ايتري قدر ته لڙڪ وهيا اٿس جن سندس سڄي ڇاتي پسائي ڇڏي آهي. پلا! ونشيا جنهن ٽي راتيون هري نام جي ڌن ٻڌي هئي، تنهنجو اَنتهڪرڻ گهڻي قدر شڌ ٿي ويو هو. هوءِ ويچارڻ لڳي ته "آها! جو آدمي هن ريت مون جهڙيءَ پرم سندريءَ جي لوڀائڻ تي به ڪجهه پرواهه نه ڪري، هري نام ۾ ايتري قدر مست ٿي رهيو آهي، اهو ڪو جهڙو تهڙو آدمي ڪونهي. هن کي دنيوي پدارٿ ڪيس لڀ سمجهڻ ۾ اچن ٿا." ونشيا جو هردو هينئر بدلجي ويو، آئي هئي پاڻ هريداس کي ڦاسائڻ، پر ڦسجي وئي پاڻ. ساڌوءَ کي ڏک ڏيڻ ڪري هوءِ روئي پيئي ۽ هنجي چرڻن تي ڪري کيس چوڻ لڳي "سوامي! آءٌ مها پاپڻ

ڪين پيشان. ياد رک، اِن گناه سبب مرڻ کانپوءِ بہ تنھنجو ڇوٽڪارو ڪونہ ٿيندو. هاڻي جيڪڏهن قلمو پڙهين تہ آزاد ڪيو وڃين." هريداس تڏهن وينتي ڪري چوڻ لڳس تہ "مهربان حاڪم صاحب! هن دنيا جو مالڪ هڪڙو ئي آهي، جنهن کي هندو پنهنجيءَ طرح نالو ڏين ٿا ۽ مسلمان پنهنجيءَ ريت. مونکي جنهن نالي وٺڻ ۾ آنند ٿو اچي، سوئي وٺان ٿو. جيڪڏهن ڪو هندو مسلمان ٿي وڃيٿو تہ پوءِ ڪڏهن ڏٺوَ تہ هندو بہ اُنتي هن طرح زور ظلم ڪن ٿا؟ هنکان وڌيڪ مونکي ٻيو ڪجھ بہ چوڻو ڪونهي، اوهان کي جئن ڏيان ۾ اچي بلاشڪ ڪريو."

هريداس جي اهڙي سچي ڳالھ ٻڌي سڀ حاضر آدمي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ نياءُ ڪندڙ پڻ پرسن ٿيو. رڳو قاضي صاحب کي اِها ڳالھ نہ وڻي؛ جنھنڪري هو غصي ۾ پرجي حاڪم کي چوڻ لڳو تہ "ساءِ! قانون موجب هريداس کي سخت ۾ سخت سزا ملڻ گهرجي؛ نہ تہ هنجي ديکا ديکيءَ ٻيا بہ گهڻا مسلمان هندو ٿي ويندا، جنهنڪري اِسلام کي سخت نقصان رسندو." عدالت هريداس کي چيو تہ "ڀائي! اهڙيءَ حالت ۾ يا تہ تون پنهنجو اِهو هري نام جپڻ ڇڏي ڏي، نہ تہ سخت سزا ڀوڳڻ لاءِ تيار ٿيءُ." هريداس وراڻي ڏني تہ "منهنجي هن بدن جا ڀل ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو ۽ پراڻ پڻ ڪڍي ڇڏيو، پر منهنجي واتان هري نام اُچارڻ ڪڏهن بہ بند نہ ٿيندو."

هري نام ڪيرتن ڪندو هو، پر ٻين کي ٻه اُئين ڪرائيندو هو.

اُن سمي ۾ مسلماني راڄ هو، ويچارن هندن کي پنهنجي ڌرم وشواس موجب هلت ڪرڻ ڏاڍي ڏکي ٿي پيئي هئي. اهڙي وقت هريداس جو مسلمان ٿي ٻه هندن جيان هلت ڪرڻ، حاڪمن کي دل ۾ ڪنڊي جيان چڀڻ لڳو. قاضيءَ لنهنڪري اُنوقت جي نواب وٽ فرياد ڪيو ته هريداس کي سزا ملڻ گهرجي. حاڪم جي حڪم سان هريداس کي پڪڙي جيل ڏي روانو ڪيو ويو. هنجي گرفتاريءَ سبب اُتيجي سيني آدمين کي دکه ٿيو.

جيلخاني ۾ جيڪي ٻيا قيدي هوا سي هريداس ڏانهن ڏاڍي ڀڳتي ڀاءُ ڏيکارڻ لڳا. هري داس تڏهن کين چوڻ لڳو ته "ڀڳوان جي ڀڳتي سداءِ ڪندا رهو پر سچي پريم سان، پوءِ ڏسو ته بن ٽن ڏينهن اندر ڇٽي وڃو ٿا يا نه." ٿيو ٻه ائين جو بن ٽن ڏينهن ڪانپوءِ سڀ قيدي آزاد ٿيا.

جنهن ڏينهن هريداس جو ڪيس هلڻو هو، اُن ڏينهن عدالت ۾ ڏاڍي ڀيڙ مچي وئي. حاڪم هريداس جو سنمان ڪري ڪيس چڱيءَ جاءِ تي وهارڻ جو حڪم ڪيو. پوءِ ڪيس مٺن لفظن ۾ چوڻ لڳو ته "ڀائي صاحب! تو ته وڏن ڀاڳن سبب مسلمان گهر ۾ جنم ورتو. ڀلا پوءِ ڪافرن جي ڀڳوان جو نالو وٺي، اُنهن جهڙي هلت ڇو ڪري رهيو آهين؟ آءٌ ته هندوءَ جي هٿ جو پريل پاڻي ٻه جيڪر

هڪ دفعي هريداس ڪنهن ڳوٺڙي ۾ هڪڙي وڏي زميندار جي گهر هري نام جو مهاتم ورنن ڪندي هئن چئي رهيو هو ته ”پڳتيءِ سان هري نام جپڻ ڪري جيوَ جي هردي ۾ جيڪو پڳتيءِ ۽ پريم جو سنچار ٿئي ٿو، اهو ئي هري نام رٽڻ جو ڦل آهي.“ اهو ٻڌي زميندار جو هڪڙو نوڪر هري نام ڪيرتن جي نندا ڪندي چوڻ لڳو ته ”پائي! اهو رڳو چوڻ آهي. جيڪڏهن هري نام جپڻ ڪري آدميءَ جي نيچتا وڃي هلي ته آءٌ جيڪر پنهنجو نڪ ڪپائي ڇڏيان.“ هريداس ٿڌي دل سان چوڻ لڳو ته ”پائي! آءٌ ٻه چاتي ٿو ڪي چوانٿو ته جيڪڏهن هري نام سمرڻ ڪري منشيه کي مڪتي نه ملي ته پوءِ آءٌ ٻه پنهنجو نڪ ڪپائي ڇڏيندس. چوڻ ۾ اچيٿو ته ٿورن ڏينهن کان پوءِ اُن نوڪر جو نڪ ڪوڙهه جي بيماريءَ سبب ڳري ڪري پيو.

اُنهن ڏينهن ۾ چيتن مها پرڀو نو دويپ ۾ هري نام ڪيرتن جو اُمرت وسائي رهيو هو. هريداس به اُتي اچي هري ڪيرتن جو آنند لٽڻ لڳو. چيتن ديو جي آگيا موجب هري نام جو متوالو هريداس ۽ شري نتانند جي، ٻئي نام ڪيرتن ۽ ناچ ڪندا شهر ۾ چوڌطرف گهمندا ڦرندا، سڀو ڏينهن نر نوڙي نارين کي هري نام رس جو سواد چکائيندا رهندا هوا.

اِيترو ٻڌي حاڪم قاضيءَ جي صلاح سان هيءَ سزا مقرر ڪئي تہ ”ٻاويهن ڳوٺن جي ٻـزارن ۾ گهمائي، هنجي پٺيءَ تي ايستائين ڇهبوڪ لڳندا رهن جيستائين ڪ هنجو ساهہ نڪري وڃي.“ پٺ دل سپاهين اهڙي پـاپ جو ڪم شروع ڪيو، مگر واهہ ڙي ڀڳوان جا پرم ڀڳت! هنجي واتان هڪڙي رڙ نڪرڻ تہ پري رهي، اُلٽو ڏاڍيءَ خوشيءَ سان هري ڪيرتن جي ڌنيءَ لڳي ويئي. ڇهبوڪن هڻڻ وقت سپاهي ڪيس هري نام نہ جپڻ جي صلاح ڏيندا رهيا، پر هو چوندو رهيو تہ هڪ دفعو اوهين اُهو نالو وٺي پوءِ بيشڪ ماريندا رهو. نيٺ سپاهين جي حالت تي رحم کائي، اکين ۾ ڳوڙها آڻي هريداس ڀڳوان کي پرارٿنا ڪرڻ لڳو تہ ”هي دين ونسل! مونکي هي آدمي پل مان ماري رهيا آهن؛ جنهنڪري ڪين اِن گناهہ کان معافي ڏيـو ۽ مٿن ڪرپا ڪريو.“ ائين چوندي چوندي هريداس بيهوش ٿي ويو. ڪيس مئل سمجهي، سپاهين ڪافر کـــي قبر داخل ڪرڻ بي مناسب سمجهي، ڪٽي گنگاجيءَ ۾ ڦٽو ڪيو. ٿوريءَ دير ڪانپوءِ جڏهن هريداس کي هوش آيو، تڏهن هو تري اچي ڪناري تي پهتو. اِها خبر جڏهن حاڪم ۽ قـاضيءَ ٻنهي کـــي پهتي، تڏهن ڏاڍو عجب ۾ پيا ۽ اِن ڳالهہ جو مٿن ايترو قدر تہ پرڀاءُ ٿيو جو اچي هريداس جي چرڻن تي ڪري معافي وٺڻ لڳا. تنهن وقت کـان وٺي ٻئي بہ هريداس وٽ اچـي هري نام جي ڌنيءَ ۾ شامل ٿيندا هوا.

ڀڳت ڀيشم پتامه

ڀڳت ڀيشم پتامه مهاراج شانتنوءَ جو پٽ هو ۽ گنگا ديويءَ جي گرڀ مان پيدا ٿيو هو. وسشٽ رشيءَ جي سراپ سبب اَٺن وسن، منش جوڻ ۾ اوتار ورتو هو، جن مان ست ته گنگا ديويءَ ڄڻيندي ئي پاڻيءَ جي وهڪري ۾ لوڙهي سراپ کان ڇڏائي ڇڏيا، باقي ديو نالي وسوءَ جي اوتار ڀيشم کي راجا شانتنوءَ پاڻ وٽ رکيو. گنگا ديوي پٽ کي پنهنجي پيءُ وٽ ڇڏي هلي ويئي. پوءِ اِن بالڪ جو نالو ديوورت رکيو ويو.

داس (مهاڻي) وٽ پاليل ستيه وتيءَ تي موهت ٿيل ڌرماتما راجا شانتنوءَ کي غمگين گذاريندو ڏسي، ديوورت وزيرن دوارا پيءُ جي دک جو سبب ڄاڻي ورتو ۽ پيءُ کي خوش ڪرڻ لاءِ ستيه وتيءَ جي ڌرم پتا مهاڻي وٽ وڃي اُنجي اِڇا موجب "گاديءَ تي نه ويهڻ ۽ سڄي عمر برهمچاري ٿي رهڻ"، جي پرتگيا ڪري پيءُ کي ستيه وتيءَ سان پرڻايائين. ديوورت نه رڳو راڄائي حق ڇڏيو، پر اِستريءَ جو سک پڻ تياڳيائين؛ ان ڪري سندس نالو ڀيشم پيو. پٽ جو اهڙو تياڳ ڏسي راجا کيس هيءُ ور ڏنو ته "تون جيستائين جيئڻ چاهيندين تيستائين موت تنهنجو وار به ونگو ڪري نه سگهندو."

آنت ۾ شري چيتن ديو جي سنياسي ٿي وڃڻ کانپوءِ، هريداس پريءَ ۾ اچي چيتن ديو جي آڳيا سان ڪاشي شهر جي باغيچي ۾ هڪڙي جهوپڙي اڏي ويٺو، جتي ئي هن جو مرتيو ٿيو. سندس مرتيوءَ مهل چيتن ديو مها پريو پنهن جي ڀڳت منڊليءَ سان هريداس کي پنهنجي ٻانهن ۾ کڻي نچڻ لڳو ۽ پوءِ اُنجي مڙهه کي سماڌي ڏني ويئي.



نڪي ڏيندا، ڊپ ۽ پئسي جي لوڀ وغيره سبب پنهنجو
سناتن ڌرم ڇڏي ڏيندس." نيٺ ديوتائن وچ ۾ پئي لڙائي
بند ڪرائي، مگر ڀيشم جي پرتگيا اٽل ئي رهي.

جڏهن ستيه وتيءَ جا ٻئي پٽ مري ويا ۽ راڄائيءَ جو
وارث ڪو به ڪونه بچيو، تڏهن هن (ماٽيجي ماءُ) ڀيشم کي
گاديءَ تي ويهڻ يا وهانءُ ڪري پٽ پيدا ڪرڻ لاءِ چيو.
ڀيشم جي مرضي هجي ها ته بي داغ سڏرائي راڄ ۽ استريءَ
جو سک ماڻي سگهي ها، پر پنهنجيءَ پرتگيا پالڻ لاءِ منش
جي من کي کيئچي ونندڙ انهن ٻنهي ڀوڳن تي لت هڻي
ڇڏيائين. ستيه وتيءَ جي تمام گهڻي زور ڪرڻ تي هن صاف
لفظن ۾ چيس ته "ماتا! متان ڪي زور ڪندي آهين. ڀلي
اگني، وايو، آڪاش، پرٿوي ۽ جل پنهنجو پنهنجو گڻ ڇڏي
ڏين، سورج پنهنجي تپت يا چندرما سيتلتا تياڳي ڏي،
اندر پنهنجو بل ۽ ڌرمراج پنهنجو ڌرم تياڳي ڇڏي، پر آءٌ
ٽنهي لوڪن جي راڄ سک يا اُن کان به وڌيڪ لاءِ سچ کي
تياڳي نٿو سگهان."

ڀيشم دريوڌن جي اَنيتي ڏسي ڪيس ڪيترائي دفعا
مٺن توڙي ڪوڙن لفظن ۾ سمجهايو، پر هن نه مڃيو ۽ جڏهن
لڙائيءَ جو وقت آيو تڏهن پانڊون ڏانهن من هوندي به
دريوڌن جي سهائتا ڪرڻ ڌرم سمجهي، ڪورون جو
سيناپتي بڻجي پانڊون سان لڙائي ڪيائين. ٻڍي هوندي به
برابر ڏهن ڏينهن تائين جوان جوڌي جيان لڙي، لڙائيءَ جي

ڀيشم سڄي عمر پنهنجي وچن جي پالنا ڪئي. ڀيشم پرشرام کان شستر وديا سکيو هو، سو جنهن وقت پرشرام ڀيشم تي زور رکيو ته ڪاشي راڄ جي ڌيءُ امبا سان شادي ڪر، اُنوقت ڀيشم ائين ڪرڻ کان بلڪل انڪار ڪيو ۽ ڏاڍيءَ نمرتا سان چوڻ لڳو ته "گرو مهاراج! تپ، ديا، ڌن جي لوڀ توڙي ڪامنا سبب آءٌ ڪڏهن به پنهنجو ڪتريءَ ڌرم ڇڏي نٿو سگهان."

پرشرام جي جڏهن تمام گهڻي سمجهاڻي تي به ڀيشم نه سمجهيو ۽ اُلٽو ڀيشم کي ڌمڪيءَ پٺيان ڌمڪي ڏيڻ لڳو، تڏهن هو چوڻ لڳس ته "گرديو! اوهين جو چئو ٿا ته اوهان اڪيلي سر پرٿويءَ جي سيني ڪترين کي ايڪيهه دفعا جيتيو آهي، اُنجو سبب هي هوندو جو اُنوقت مون جهڙو بيو ڪو ڪتري پرٿويءَ تي نه ڄائو هو، پر هيئنر آءٌ اوهانجي اِن اَيمان کي چٽ ڪري ڇڏيندس، جنهن ۾ ڪو به شڪ نه سمجهجو."

بس! پوءِ ته پرشرام کي ڏاڍو غصو چڙهي ويو ۽ ٻنهي گروءَ چيلي جي وچ ۾ لڙائي شروع ٿي ويئي. برابر ٢٣ ڏينهن اها لڙائي هلي، پر پرشرام ڀيشم کي جيتي نه سگهيو. تڏهن پيا رشي ۽ ديوتائون وچ ۾ اچي، ٻنهي کي سمجهائڻ لڳا. ڀيشم اُن مهل به ڪتري ڌرم موجب پنهنجا هٿيار نه ڇڏيا ۽ چوڻ لڳو "پوجيو! منهنجي هيءَ پرتگيا آهي ته لڙائيءَ ۾ پٺ ڏيکاري پاڻ سهڪندو ڪڏهن به موٽي نه ويندس.

نکي ڏيندا، بپ ۽ پٽسي جي لوپ وغيره سبب پنهنجو سناتن ڌرم ڇڏي ڏيندس.“ نيٺ ديوتائن وچ ۾ پئي لڙائي بند ڪرائي، مگر ڀيشم جي پرتگيا اٽل ئي رهي.

جڏهن ستيه وتيءَ جا ٻئي پٽ مري ويا ۽ راجائيءَ جو وارث ڪو به ڪونه بچيو، تڏهن هن (ماٽيجي ماءُ) ڀيشم کي گاديءَ تي ويهڻ يا وهانءُ ڪري پٽ پيدا ڪرڻ لاءِ چيو. ڀيشم جي مرضي هجي ها ته بي داغ سڏرائي راج ۽ استريءَ جو سک ماڻي سگهي ها، پر پنهنجيءَ پرتگيا پالڻ لاءِ منش جي من کي کينچي ونڌڻ انهن ٻنهي ڀوڳن تي لت هڻي ڇڏياءِ. ستيه وتيءَ جي تمام گهڻي زور ڪرڻ تي هن صاف لفظن ۾ چيس ته ”ماتا! متان کي زور ڪندي آهين. ڀلي اگني، وايو، آڪاش، پرٿوي ۽ جل پنهنجو پنهنجو گڻ ڇڏي ڏين، سورج پنهنجي تپت يا چندرما سيتليا تياڳي ڏي، اندر پنهنجو بل ۽ ڌرم راج پنهنجو ڌرم تياڳي ڇڏي، پر آءٌ ٽنهي لوڪن جي راج سک يا اُن کان به وڌيڪ لاءِ سچ کي تياڳي نٿو سگهان.“

ڀيشم دريوڌن جي اُنيتي ڏسي ڪيس ڪيترائي دفعا منن توڙي ڪوڙن لفظن ۾ سمجهايو، پر هن نه مڃيو ۽ جڏهن لڙائيءَ جو وقت آيو تڏهن پانڊون ڏانهن من هوندي به دريوڌن جي سهائتا ڪرڻ ڌرم سمجهي، ڪورون جو سيناپتي بڻجي پانڊون سان لڙائي ڪياءِ. ٻڍي هوندي به برابر ڏهن ڏينهن تائين جوان جوڌي جيان لڙي، لڙائيءَ جي

ڀيشم سڄي عمر پنهنجي وچــن جي پالنا ڪئي. ڀيشم پرشرام کــان شستر ودّيا سکيو هو، ســو جنهن وقت پرشرام ڀيشم تي زور رکيو ته ڪاشي راج جي ڌيءُ امبا سان شادي ڪر، اُنوقت ڀيشم ائين ڪرڻ کــان بلڪل اِنڪار ڪيو ۽ ڏاڍيءَ نمرتا سان چوڻ لڳو ته ”گرو مهاراج! ڌپ، ديا، ڌن جي لوڀ توڙي ڪامنا سبب آءٌ ڪڏهن به پنهنجو ڪتري ڌرم ڇڏي نٿو سگهان.“

پرشرام جــي جڏهن تمام گهڻي سمجهائڻ تي به ڀيشم نه سمجهيو ۽ اُلٽو ڀيشم کي ڌمڪيءَ پٺيان ڌمڪي ڏيڻ لڳو، تڏهن هو چوڻ لڳس تــه ”گرديو! اوهين جو چئو ٿا ته اوهان اڪيلي سر پرٿويءَ جي سڀني ڪترين کــي ايڪيهه دفعا جيتيو آهي، اُنجو سبب هي هوندو جو اُنوقت مون جهڙو ٻيو ڪو ڪتري پرٿويءَ تي نه ڄائو هو، پر هينئر آءٌ اوهانجي اِن اَيمان کي چٽ ڪري ڇڏيندس، جنهن ۾ ڪو به شڪ نه سمجهجو.“

بس! پوءِ ته پرشرام کــي ڏاڍو غصو چڙهي ويو ۽ ٻنهي گروءَ چيلي جي وچ ۾ لڙائي شروع ٿي ويئي. برابر ٢٣ ڏينهن اها لڙائي هلي، پر پرشرام ڀيشم کي جيتي نه سگهيو. تڏهن ٻيا رشي ۽ ديوتائون وچ ۾ اچــي، ٻنهي کي سمجهائڻ لڳا. ڀيشم اُن مهل به ڪتري ڌرم موجب پنهنجا هٿيار نــه ڇڏيا ۽ چوڻ لڳو ”پوجيو! منهنجي هيءُ پرتگيا آهي ته لڙائيءَ ۾ پٺ ڏيکاري ڀاڄ سهڪندو ڪڏهن بــه موٽي نه ويندس.

ويٺي آهي، هوئي دنيا جو ڪرتا، سڀني پراڻين جو سناتن
پرم پتا آهي، هوئي سڀني کان وڏو پوڄڻ جوڳو آهي ۽
دنيا جا سڀ سدگڻ منجهس ئي ڀريل آهن. سڀني راجائن
جو مان گهٽ ڪري اسان شري ڪرشڻ جي پوڄا سڀني کان
پهرين ڪرڻ چاهي آهي، سو جنهن کي ائين قبول نه هجي
اهو سانس لڙائي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي.“

ڀڳيه ۾ وگهن پوڻ جو شڪ ڏسي جڏهن ڌرمراج، ڀيشم
پتامهه کان انهي رکيا جو اپاءُ پڇيو تڏهن هن خاطريءَ سان
چيس ته ”يڌشٽر! تون انهي جا چنتا نه ڪر، ششپال جي
خبر شري ڪرشڻ پاڻيهي وٺندو.“ نيٺ ششپال جي سؤ
اپراڌن پورن ٿيڻ تي ڀڳوان شري ڪرشڻ اتيجو اتيئي پنهنجي
سدرشن چڪر سان کيس ماري پاڻ ۾ ملائي ڇڏيس.

مهاڀارت جي لڙائيءَ ۾ شري ڪرشڻ هٿيار نه کڻڻ جي پرتگيا
ڪري شامل ٿيو هو. هو پنهنجي ڀڳت وتسلتا سبب متو
ارجن جي رٿ هلائڻ جو ڪم ڪري رهيو هو. هڪڙي
ڏينهن ڪنهن ڳالهه سبب ڀيشم اهو پرڻ (انجام) ڪيو ته
”ڀڳوان کي ڪئن به ڪري ضرور هٿ ۾ هٿيار کڻائيندس.“

سچ! ڀيشم برابر ائين ئي ڪيو ۽ ڀڳوان کي پنهنجو وچن
ٽوڙڻو پيو. يعني جڳت پتيءَ پيتامبرداريءَ واسديو شري ڪرشڻ،
هٿ ۾ گاڏيءَ جو ڀڳل ڦيٿو کڻي، ڀيشم ڏانهن ائين ڊوڙيو
جئن شينهن زبردست هاٿيءَ ڏانهن گجندو ڊوڙندو آهي. آها!
اُن مهل ڀڳوان جو پيلو ڊپٽو ڪلهن تان ڪري پيو،
پرٿوي ڪنبڻ لڳي ۽ لشڪر ۾ چوطرف ”ڀيشم ماريو ويو،

ميدان ۾ وڏن وڏن بهادرن کي هميشھ لاءِ سمهاري ڇڏياءِ ۽ بيشمارن کي گهايل ڪري ڇڏياءِ. مهاڀارت جي ١٨ ڏينهن واري سنگرام ۾ ڏهن ڏينهن جي لڙائي اڪيلي ڀيشم جي سيناپتيءَ پٽي هيٺ ٿي، باقي اٺن ڏينهن ۾ ڪيترائي سيناپتي بدليا. ايتري هوندي بہ ڀيشم پانڊون جي طرف سچ ڏسي، اُنهن جو ڀلو چاهيو ٿي ۽ مرضي هيس تہ اَنت ۾ جيت پانڊون جي ٿئي.

ڀيشم گياني، پوريءَ پرتگيا وارو، ڌرماتما، ستوادي، ودوان، راجنيتيءَ ۾ پٽُ، وڏيءَ دل وارو، اِندري جيت ۽ اَمت بهادر هئڻ سان گڏ ڀڳوان جو بہ اَننيہ ڀڳت هو. شري ڪرشڻ کي ساکيات ڀڳوان جي روپ ۾ ڀرياءِ ڀيشم ئي سڃاتو هو. ڌرمراءِ يڌشٽر جي راجسويہ يگيہ ۾ هنجي اِن پڇڻ تي تہ ”سڀني کان پهرين پوڄا ڪنهنجي هئڻ گهرجي؟“ ڀيشم صاف لفظن ۾ جواب ڏنو تہ ”تيج، بل، پراڪرم توڙي ٻين سڀني گڻن ۾ شري ڪرشڻ ئي سڀني کان شريشٽ ۽ سڀني کان پهرين پوڄا ڪرڻ جو جوڳو آهي.“ ڀيشم جي آگيا سان سهديو دواران ڀڳوان شري ڪرشڻ جي پوڄا ٿيڻ تي جڏهن ششپال بگڙي جوش ۾ اچي چوڻ لڳو تہ ”هن مغرور ٻڍي کي مرونءَ وانگر ڪهي وجهو يا کيس تتل تيل جي ڪڙهائيءَ ۾ ڪٽي اُڇلايو.“ تڏهن ڀيشم ذرو بہ نہ گهبرائجي چوڻ لڳو ”اسانکي خبر آهي تہ شري ڪرشڻ ٽنهي لوڪن جي اُتپتيءَ ۽ ناس جو ڪارڻ آهي. هن دواران ئي هيءَ سڄي دنيا رچي

ڪي هن لڙائيءَ جي ميدان ۾ جوڳو وهاڻو ڏيئي بلڪل پورسن ڪيو آهي. جيڪڏهن منهنجي ڳالهه نه سمجهي ٻيو ڪو وهاڻو آڻي ڏيندم ها، ته ناراض ٿي سراپ ڏيانءِ ها. ڪتري ڌرم ۾ پختي رهندڙ لاءِ لڙائيءَ جي ميدان ۾ پراڻ تياڳڻ، ڪرڻ مهل هن قسم جي تيرن جي سيجا تي ئي سمهڻ گهرجي."

ڀيشم تيرن جي سيجا تي ٻاڻن کان گهايل پيو هو، جو ڏسي ڪيترائي هوشيار وئيد يه ڪوٺايا ويا، اِنلاءِ ته هو ٻاڻ ڪڍي ملم پٽي ڪري ڦٽن کي ڇٽائين، پر پنهنجي اِشٽديو ڀڳوان شري ڪرشڻ کي اڳيان ڏسي موت جي چنبي ۾ ڦاٿل تيرن جي سيجا تي شانتيءَ سان سمهيل ڀيشم ڪو به علاج نه ڪرائي سيدي ڪي موٽائي ڇڏيو.

اَنن ڏينهن بعد لڙائي پوري ٿي ۽ ڌرمراج يڌشٽر جو راڄ تلڪ ٿيو. هڪڙي ڏينهن يڌشٽر ڀڳوان شري ڪرشڻ وٽ ويو ۽ هٿ جوڙي مرڪي ڪانئس ڇڱيلائيءَ جو پڇيو، پر ڪو به جواب نه مليس. ڀڳوان کي ايتري قدر ڌيان ۾ مگن ڏسي، ڌرمراج چوڻ لڳو "پريو! اوهين ڪنهنجو ڌيان ڪري رهيا آهيو؟ مونکي ٻڌايو جو آءٌ اوهانجي شرڻ آهيان ۽ ڀڳت پڻ آهيان." ڀڳوان جواب ڏنو "هي ڌرمراج! تيرن جي سيجا تي سمهيل ڀيشم منهنجو ڌيان ڪري رهيو آهي ۽ هن وقت مونکي ياد ڪيو اٿس، تنهن لاءِ ئي آءٌ سندس ڌيان ڪري رهيو آهيان. ڀائي! هنوقت من دوارا آءٌ اوڏانهن ويو هوس ۽ سچ ٿو ٻڌايانءِ ته هو ويدن توڻي ڌرم جو پورو ڄاڻندڙ، سچو برهمچاري، انڀوي آهي. هنجي پرلوڪ پڌارڻ کانپوءِ جڳت جي گيان جو سورج غائب ٿي پوندو."

ڀيشم ماريو ويو" جو آواز اچڻ لڳو. اُن مهل ڀيشم کي جيڪو بيحد آنند اچي رهيو هو، تنهنجو بيان ڪرڻ طاقت کان ٻاهر آهي. ڀڳوان جي ڀڳت وتسلتا تي مگڌ ٿي، ڀيشم کيس پرڻام ڪندو چوڻ لڳو "هي ڀڳوان! اچو اچو، اوهان کي منهنجي نمسڪار آهي. هي پرشوتم! اڄ هن لڙائيءَ ۾ اچي مونکي ماريو. هي ڪرشڻ! تنهنجي هٿان لڙائيءَ ۾ مرڻ ڪري منهنجو ضرور ڪلياڻ ٿي ويندو. هي نشپاپ! تون مرضيءَ موجب هن لڙائيءَ ۾ مون تي هٿيار ڪڍي مون کي مار. آءٌ خوشيءَ سان مرڻ لاءِ تيار آهيان؛ ڇو جو تنهنجو داس آهيان."

ارجن جڏهن ڀڳوان کي ائين ڏٺو تڏهن ڊوڙي وڃي چرڻن کان جهليائينس ۽ پنهنجي پرڻ جي يادگيري ڏياري پٺ تي موٽائينس. ڀڳوان ته پنهنجي ڀڳت (ڀيشم) جي پرتگيا سچيءَ ڪرائڻ لاءِ ڊوڙيو هو؛ نه ته ڀيشم جو موت ته ارجن جي هٿان ئي ليکو هو.

اَنت ۾ شکنڊيءَ جي اڳيان ٻاڻ نه هلائڻ سبب ارجن جي ٻاڻن سان ڦٽجي ڀيشم تيرن جي سيجا تي ڪري پئجي رهيو؛ ڇو جو هنجي سڄي بدن ۾ ٻاڻ کهڙي ويا هوا. سسي هيٺ لڙڪي رهي هيس. ڀيشم ارجن کي چوڻ لڳو "پٽ! مونکي جوڳو وهاڻو ڏي." ارجن تڏهن ٽي ٻاڻ هن جي مٿي جي هيٺان اهڙيءَ طرح ته هنيان جو سندس مٿو مٿي ٿي پيو ۽ اُهي ٻاڻ وهاڻي جو ڪم ڏيڻ لڳا. اِهو ڏسي ڀيشم ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ چوڻ لڳو "پٽ ارجن! تو مون

ڀڳت اَمبريش

ڀڳت اَمبريش به ڀڳوان جو پرم ڀاڳوارو ڀڳت هو. هو چڪرورتي راجا هو. ناڻي جي ته ونس ڪمي ڪا ڪانه هئي، پر تڏهن به هو اِها ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهندو هو ته هيءُ سڀ ڌن دولت سپنو آهي ۽ ڌن دولت حاصل ڪرڻ ڪري منش کي موهه ٿو ٿئي ۽ اُنجي ناس ٿي وڃڻ ڪري ٻڌي ڀرشٽ ٿي وڃي ٿي. هو ان ڪري رات ڏينهن ڀڳوت شيوا ۾ لڳو رهندو هو. راجا امبريش پنهنجي من کي ڀڳوان شري ڪرشڻ جي چرڻ ڪملن ۾، واڻيءَ کي هنجي گڻانواد ڳائڻ ۾، هٿن کي شري هريءَ جي مندر کي صاف ڪرڻ ۾ ۽ ڪنن کي ڀڳوان جي پوِتر ڪٿائن ٻڌڻ ۾ لڳايو هو. نيترن کي ڀڳوان جي مورتيءَ جي درشن ۾ لڳايو هو. هو جيڪي به کائيندو پيئندو هو، اُهو سڀ شري هريءَ جو پرساد سمجهي انگيڪار ڪندو هو. هو پنهنجا سڀ ڪم ڪاريون، اُن پرم پتا پرماتما شري ڪرشڻ کي اَرپڻ ڪري ۽ سڀني جو آتما ڀڳوان آهي، اهڙي ڀاونا رکي نياءَ ساڻ راجائي هلائيندو هو.”

راجا کي به ڏسي رعيت جو وشواس ڀڳوان ۾ ٿيو ۽ اها ڀڳتي ڀاءُ ۾ لڳل رهي. راجا امبريش جي پتورتا راڻي به پتيءَ جيان ڀڳوان جي پورڻ ڀڳتڻ هئي. هڪڙي ڀيري راجا

يدشٽر تڏهن شريڪرشڻ کي پاڻ سان وٺي ڀيشم وٽ ويو. اُن مهل وڏا وڏا رشي مني ۽ شاسترن جا ڄاڻندڙ ويٺا هوا. ڀڳوان کي ڏسي ڀيشم پرڻام ڪيو، جنهنتي ڀڳوان چيس "ڀائي! اُتراين اچڻ ۾ اڃا مهني جي دير آهي، ان وچ ۾ توکي جيڪا ڌرم شاستر جي ڄاڻ آهي، اُهو يدشٽر کي ٻڌائي سندس شوڪ دور ڪر." ڀيشم جواب ڏنو "پريو! منهنجو سڄو بدن ٻاڻن سان ونڌجي وياڪل ٿي رهيو آهي، من ٽڪاڻي نه آهي، ڳالهائڻ جي شڪتي ڪانهيم، مورڇا اچي رهي اٿم ۽ رڳو اوهانجي ئي ڪرپا سان هيلتائين جيئرو رهيو آهيان، سو اوهان جڳت جي گرو اڳيان شش ٿي ڪجهه چوان ته اُهو به واجب ڪينهي. وري مونکان ڳالهايو به نٿو ٿئي، انڪري معاف ڪريوم." پريم سبب ڇلڪندڙ اکين سان ڀڳوان گد گد ٿي چوڻ لڳو "ڀيشم! تنهنجي مورڇا، وياڪلتا، ڪليش توڙي موه سڀ منهنجيءَ ڪرپا سان هميشه جو هميشه ناس ٿي ويندا ۽ تنهنجي انتهڪرڻ ۾ گيان ڄاڳندو، تنهن جي ٻڌي نيڪ ٿيندي، من جاءِ تي ايندو ۽ جنهن به ڳالهه جو چنتن ڪندين تنهنجي ٻڌي توکي برابر ٻڌائيندي. آءٌ توکان انڪري اُپديش ڪرايان ٿو ته منهنجي ڀڳت جي ڪيرتي ۽ جس وڌي." بس! پوءِ ته ڀڳوان جي ڪرپا سان ڀيشم جي بدن مان سڀ تڪليفون دور ٿي ويون، سندس انتهڪرڻ شد ٿي ويو، ٻڌي نرمل ٿي پيس ۽ يدشٽر کي ڌرم جي سڀني اَنگن جو اُپديش ڏيئي سندس دکي دل کي شانت ڪياءِ.

اَفسوس! مون اَتشيءَ کي ڏامو ڏيٺي، مونکي ڪارائڻ بنائي ڀاڻ ڀوڄن ڪري ويٺو آهي. ڏسو ته ڪئن نه ڪيس هينئر جو هينئر ان جو ڦل ٿو چکايان.“ ايترو چئي دروواسا پنهنجي مٿي جي ڄٽ مان هڪڙو وار ڇني زور سان ڪٽي ڌرتيءَ تي ڦٽو ڪيو، جنهن مان تتڪال اگنيءَ سمان ڪرتيا نالي هڪڙي ڀيانڪ راڪشڻ پرگهٽ ٿي پيئي. هوءَ پنهنجي پيرن جي دٻاءَ سان ڌرتي ڪنبائيندي هٿ ۾ تلوار کڻي راجا تي حملي ڪرڻ لاءِ ڊوڙي. راجا بي ڊپي من سان جئن جو تئن بيٺو رهيو، نڪي پنيان هٽيو نه ته ڪو خوف ٿي ٿيس. ڀلا جيڪو پرماتما کي وياپڪ سمجهي ٿو، ڀلا اُهو ءِ ڪئن ٿو ڪنهن ڪان ڀڄي سگهي؟ هو ته خوفناڪ کان خوفناڪ روپ ۾ به اُن من موهن جي مٺيءَ مورت جو درشن ڪري، پنهنجن پراڻن جي پشپانجليءَ سان اُن جي پوڄا ڪرڻ لاءِ تيار رهي ٿو.

پر ڀڳوان ته اڳيئي پنهنجي شيوڪ جي رکيا لاءِ سدرشن چڪر، سان ڪرتيا راڪشڻ کي اُن پل ۾ ڀسم ڪري ڇڏيو، سدرشن ايتري مان به راضي نه رهيو ۽ هو اُن ڀڳت دروهيءَ رشيءَ دروواسا جي خبر وٺڻ لاءِ پنيانس پيو. چوندا آهن ته ”آئي سڳن کي نه ڪن به ڪپائي ويئي.“ تنهن وانگر وٺڻ بدلي ڏيڻو پيو. ويچارو دروواسا ڏاڍو اچي ڊنو ۽ پراڻن بچائڻ لاءِ اُٿي ڀڳو. سدرشن چڪر به پنيانس پيو. جيڏانهن دروواسا وڃي سندس پنيان سدرشن به. دروواسا

راڻيءَ سميت شري ڪرشڻ جي پريتيءَ اَرٿ سڄي ورهيه جي
ايڪادشين جي ورت جو نيم ڪيو. ورهيه سماپت ٿيڻ تي
وڏيءَ سان ڀڳوان جي پوجا ڪئي ويئي. بيشمار ڳائيون
دان ڪيون ويون ۽ براهمڻن کي ڏاڍيءَ عزت توڙي مان
سان ڀوڄن ڪرايو ويو. ان سڀ ڪري رهڻ بعد راجا ورت
ڇوڙڻ ڀاڻيو ٿي ته ايتري ۾ درواسا رشي پنهنجن ششن سميت
اچي سهڙيو. اَتٿي ستڪار جي وڏائيءَ کي ڄاڻندڙ راجا،
درواسا جو ڏاڍو آدر ستڪار ڪري کيس ڀوڄن ڪرڻ لاءِ
پرارٿنا ڪئي. رشيءَ ڀوڄن ڪرڻ قبول ڪيو ۽ پوءِ ٻن پهرن
جي شيوا پوڄا ڪرڻ لاءِ جمنا نديءَ جي ڪناري تي هليو
ويو. هاڻي ٻارس ۾ فقط هڪڙي گهڙي باقي هئي ۽ ٻارس
۾ ڀوڄن نه ڪرڻ ڪري ورت ڀنگ ٿيو ٿي، اِنڪري ويچارو
راجا اچي ڌرم سنڪٽ ۾ پيو. پوءِ براهمڻن جي صلاح سان
ڀڳوان جو چرڻامرت وٺي ورت ڇوڙيائين ۽ ڀوڄن ڪرائڻ لاءِ
درواسا جي واٽ نهارڻ لڳو.

هيڏانهن درواسا پنهنجي نت ڪريا پوري ڪري راڄ
دربار ڏانهن موٽيو ۽ جڏهن خبر پيس ته راجا چرڻا امرت
وٺي ورت ٽوڙيو آهي، تڏهن غصي ۾ ڀرجي منهن ۾ گهنج
وجهي راجا کي، جو ڏوهيءَ جيان اڳيانس هٿ ٻڌي بيٺو
هو، چوڻ لڳو ”اڙي! هن ڌن جي اَنڌ ۾ راجا جي مغروريءَ
۽ ڌرم جي نرادر ڏانهن ته نهاريو. سچ ته هو هميشه ڀڳوان
وشنوءَ جو ڀڳت ڪونهي، پر پاڻکي ئي ايشور سمجهي ٿو.

مون ۾ چت لڳائڻ وارا سمر درشٽي ساڌو جن ۽ پنھنجيءَ شڌ يڳتيءَ سان مونکي پنھنجي وس ڪيو ڇڏيو آهي. اِنلاءِ هي براهمڻ! ساڌو منھنجو هردو آهن ۽ آءٌ اُنھنجو هردو آهيان. جتي اُهي مون کانسواءِ ڪنھنکي به ڪونه سڃاڻن، تتي آءٌ به اُنھن کانسواءِ ٻئي ڪنھنکي نه سڃاڻان. هاڻ مهاراج! هينئر جيڪڏهن پنھنجو ڪلياڻ چاهين ته اُن ڀاڳوان راجا اَمبريش وٽ وڃ ۽ کانئس معافي گهر تڏهن ئي تنھنجو ڇوٽڪارو ٿيندو." ڀڳوان جي آڳيا پائي دروواسا پنيان موٽي ويو.

هيڏانھن راجا اَمبريش جي عجيب حالت هئي. جڏهن کان دروواسا جي پٺيان سدرشن چڪر هليو هو تڏهن کان راجا امبريش رشيءَ جي سنتاپ کان ڏکويل ٿي رهيو هو. ساڌوءَ جو هردو مکڻ کان به وڌيڪ نرم ٿئي ٿو.

راجا امبريش من ۾ ويچاريو ته ويچارو براهمڻ بکايل ويو آهي ۽ منھنجي ڪري ئي هنکي موت جي ڀپ کان ٻجي ايترو ڊوڙڻو پيو آهي، اهڙيءَ حالت ۾ مونکي ڀوجن ڪرڻ جو ڪهڙو اُڌڪار آهي؟ ائين ويچاري راجا اُنوقت کانوٺي اَن کائڻ تياڳي ڇڏيو ۽ رڳو پاڻي پي رهڻ لڳو. دروواسا جي موٽي اچڻ ۾ پورو هڪ ورهيه گذري ويو، پر امبريش جو ورت ڪين ٽٽو.

دروواسا ايندي ئي راجا جي چرڻن تي ڪري پيو- جنھن ڪري امبريش کي ڏاڍي لڄ آئي. براهمڻ کي سنڪٽ ۾

ڏھن ئي ڏسين ۽ چوڏھن ئي ڀوڻن ۾ ڀٽڪيو. پاتال، پرٿوي، سمنڊ ۽ آڪاش ۾ ويو. لوڪپال، سريندر ۽ برھما، شِو سيني وٽ ويو، پر ڪٿي بہ ترسڻ جو ھنڌ نہ مليس ۽ نڪي ڪنھن رکڻ جو آسرو يا بچائڻ جو دلاسو ئي ڏنس. ويچارو ڊوڙندو ڊوڙندو حيران ٿي ويو. جڏھن رشي تمام وياڪل ٿي ڀڳوان شنڪر وٽ ويو تہ تڏھن ھن ڪيس وئڪنٺ ۾ شري وشنو ڀڳوان وٽ وڃڻ لاءِ صلاح ڏنيس. ويچارو وئڪنٺ ۾ ويو ۽ ڀڳوان وشنوءَ جي چرڻن ۾ ڪري ڏاڍي منٿ ميڙ ڪري چوڻ لڳو ”ڀريو! مون اوھانجي پرڀاءُ کي نہ سمجھي، اوھانجي ڀڳت جو اپمان ڪيو آھي، جنھن اَپراڌ کان ڇڏايوم. اوھانجي نالي جي رڳو ڪيرتن ڪرڻ سان ئي نرڪ جا جيوَ اُتي جي ڪشٽن کان ڇٽيو وڃن، اِنلاءِ منھنجو ڏوھہ معاف ڪريو.“

ڀڳوان چوڻ لڳس ھي براھمڻ! آءٌ ڀڳت جي آڌين آھيان، سنتتر ڪونہ آھيان. مونکي ڀڳت ڏاڍا پيارا آھن ۽ اُنھنجو منھنجي ھردي تي پورو اَڌڪار آھي. مان پنھنجن پرم ڀڳتن جي اڳيان پنھنجي آتما ۽ سمپورڻ لکشمي کي بہ ڪجھہ نٿو سمجھان. جيڪي ڀڳت مون لاءِ استري پٽر، گھر ٻار، ڌن دولت، پراڻ، ھي لوڪ توڙي پرلوڪ سڀ تياڳي رڳو منھنجو ئي آسرو وٺندا، ڀلا مان اُنھنکي آءٌ ڪئين ٿو ڇڏي سگھان؟ جئين پتورتا اِستري پنھنجي شد پريم سان شريشٽ پتيءَ کي وس ڪري وٺي ٿي ساڳيءَ ريت

ڀڳت راجا شبي

ڀڳوان ڀڳت مهاراج شبي ڏاڍو ديالو هوندو هو. هڪ دفعي اِهو راجا وڏو يڳيه ڪري رهيو هو، اُن مهل ڊپ سبب سهڪندو هڪڙو ڪبوتر راجا وٽ آيو ۽ سندس هنج ۾ لڪڻ لڳو. ايتري ۾ ئي سندس پٺيان اُڏامندو هڪڙو وڏو باز اچي پهتو. هو منشيه جهڙيءَ ٻوليءَ ۾ اُدار هوندي واري راجا کي چوڻ لڳو ته ”راجا! سنسار جي ڌرماتما راجائن ۾ اوهين سڀني کان شريشٽ آهيو، پر سڌ نٿي پوي ته اڄ اوهين ڌرم جي برخلاف اِهو ڪم ڪئن ڪري رهيا آهيو؟ اوهان سداءِ غريبن کي ڌن سان، ڪوڙهي کي سچ سان، نوڌئي کي ڪميا سان ۽ لچ کي پنهنجي ساڌو سڀاءَ سان جيتي ورتو آهي. اُپڪار ڪندڙ سان ته سڀڪو اُپڪار ڪري ٿو، پر اوهين برائيءَ ڪندڙ سان به ڀلائي ڪريو ٿا. جيڪو اوهانجو نقصان ڪري ٿو، تنهنجو ڀي اوهين هت ڪرڻ چاهيو ٿا. پاپين تي ته سداءِ ديا ڪريو ٿا. ٻيو ته ڇڏيو پر جيڪو اوهان ۾ عيب جوئي ڪري ٿو، تنهن ۾ اوهين سداءِ گڻ ڳوليو ٿا. آءٌ بک کان تڙقي رهيو آهيان ۽ مس مس هي ڪبوتر کاڄ لاءِ مليو اٿم، ته ڏسان ٿو ته اوهين اُن ڪبوتر واسطي پنهنجو ڌرم ڇڏي رهيا آهيو.“

ڪبوتر- مهاراج! مٿان هن ڪپٽيءَ جي ڳالهه تي لڳندا

ڏسي هنجو سنتاپ اڃا بـــه وڌيڪ ٿيڻ لڳو. هن گهڻيءَ نمرتا سان منيءَ واٽيءَ ۾ سدرشن چڪر جي ستوتي ڪري ڪيس شانت ڪيو. ويچارو درواسا ڀيانڪ مـوت جي ڀپ کان ڇٽو ۽ سندس چهري تي خوشيءَ ۽ شڪرگذاريءَ جا آثار ڏسڻ ۾ آيا. پوءِ درواسا آشيرواد ڏيئي چوڻ لڳو ”اڄ مون ڀڳوان جي داسن جي وڏائي پرکي. افسوس! مون تنهنجو هيڏو وڏو گناهه ڪيو تنهن هوندي به تو منهنجي ڪلياڻ جي لءِ ڪوشش ڪئي. توهان ڌنيه آهيو. هي راجا! تون بلڪل ديالو آهين ۽ مون تي وڏي مهرباني ڪئي اٿيئي جو منهنجي ڏوهن ڏانهن نه نهاري منهنجا پراڻ بچايئه.“

رشيءَ جي انهن لفظن ڪري راجـــا اَمبريش جي من ۾ ڪو به اَڀمان نه ٿيو.

اِن بعد راجـا امبريش گهڻي آدر سان درواسا رشيءَ جا پير ڌوئي، ڏاڍي پيار ۽ سڪ سان کيس ڀوڄن ڪرايو ۽ اُن جـي وڃڻ بعد ٻين براهمڻن کي ڀوڄن ڪرائي باقي بچيل پويتر اَن جو پرساد وٺي ورت ڇوڙيو. انوپت راجا امبريش پنهنجا سڀ ڪم ڪاريون پرماتما واسديـو کي ارپڻ ڪري اُنجي ڀڳتيءَ ۾ لڳو رهيو. ڪيترن ورهين گذرڻ بعد هـــو پنهنجي راڄ جو بـــار پنهنجن پٽن کي سونپي، آتم سروپ ڀڳوان ڪرشڻ ۾ من لڳائي، ٻن ڏي روانو ٿيو، جتي باقي حياتيءَ جـــو وقت پريو پريم ۾ مگن رهي شيءِ گتيءَ کي پراپت ٿيو.

ضرور آهي ته رلي ڳري مري ويندا. افسوس! هڪڙي ڪبوتر جي بچائڻ ۾ ڪيترن نه جيون جون حياتيون وينديون. اِنللهِ هي پرتاپي راجا! اِن ڌرم کي ڌرم ڪونه چئبو آهي، جو ٻئي ڌرم ۾ اٽڪ ڪري. شريشٽ آدمي ڌرم اُنکي چون ٿا، جنهن ڪري ٻئي ڪنهن ڌرم ۾ اٽڪ نه پوندي هجي. اِنڪري ٻن ڌرمن جو ڀاڱ ۾ وروڌ هئڻ تي ٻڌي روپي ساهميءَ ۾ اُنهنکي تورڻ گهرجي. پوءِ جيڪو چڱو ۽ ڳرو معلوم ٿئي، تنهن کي ئي ڌرم مڃڻ گهرجي.

راجا - باز! تون ته پنهنجوئي وڏو فائدو ڳولين، پر شاسترن ۾ شرن ۾ آيل جيون جي رکيا ڪرڻ کان مٿي ٻيو ڪو به ڌرم ڪونهي. جيڪو آدمي دنيا ۾ پرجي جيون کي اَڀئه دان ڏئيتو، اُهو هن ديهه جي ڇٽڻ تي سڀني ڏکن کان ڇٽي وڃيٿو. دنيا ۾ پنهنجي وڏائيءَ لاءِ يا سورڳ واسطي ڌن، وستر ۽ ٻيو دان ڪندڙ ته گهڻيئي آهن، پر سڀني پراڻي ماترن جي ڀلائي ڪرڻ وارو ڪو ورلو آهي. پر شرڻ ۾ پراڻين کي آيل اَڀئه دان ڏيڻ جو ڦل ڪڏهن به ناس نٿو ٿئي. آءٌ پنهنجو هي سڄو راڄ توڙي هي شرير تياڳ ڪري سگهان ٿو، پر هن غريب ڊپ کان ڊنل ڪبوتر کي ڇڏي نٿو سگهان. سچ ٿو چوان ته مونکي نڪو راڄ گهرجي، نه سورڳ ۽ نڪي موڪش، پر آءٌ چاهيان ٿو ته دک ۾ تڙڦندڙ پراڻين جا دک ناس ٿين. هي باز! تنهنجو هي ڪم رڳو کاڌي واسطي آهي، سو جي توکي کاڌو گهرجي ۽ تنهنجو

آهيو. آءٌ ٻراڻن جي وڃڻ کان ٻ جي، اُنهنجي رکيا لاءِ اوهان جي شرڻ آيو آهيان. مونکي هن پاپيءَ کي نہ سونپيندا.

راجا - (باز کي) ڀائي! توکان ٻ جي هن وڇاري ڪبوتر پنهنجن پراڻن جي بچاءَ لاءِ مون وٽ اچي اَجهو ورتو آهي. اِنلاءِ شرڻ آيل جو آءٌ ڪئن تــو تياڳ ڪري سگهان؟ چيل آهي تہ "جو آدمي شرڻاگت جي رکيا نٿو ڪري يا لوڀ، دشمنيءَ تــوڙي ڀ سبب اُنجو تياڳ ڪري ٿــو، تہ اهڙي جي لوڪ نندا ڪن ٿا ۽ اُنکي برهم هتيا جهڙو پاپ لڳيٿو." وري جهڙيءَ طرح اسانکي پنهنجا پــراڻ پيارا آهن، اهڙي طرح سڀني پراڻي ماتر کــي پيارا آهن. شرڻ آيلن جي رکيا ڪرڻ گهرجي. جهڙيءَ ريت تــوکي پنهنجي حياتي پياري آهي، تهڙيءَ ريت ٻين کي پنهنجو جيون مٺو آهي. جهڙيءَ ريت تون ڀڪ سبب مرڻ نٿو چاهين ۽ پنهنجي حياتي بچائڻ ٿو گهرين، ساڳيءَ ريت توکي بہ ٻين جي حياتيءَ جي رکيا ڪرڻ گهرجي. هي باز! افسوس اٿم تہ آءٌ هيءُ ٻـِـل ڪبوتر توکي ڪنهن بہ طرح ڏيئي نٿو سگهان. پــر جيڪڏهن ٻيءَ ڪنهن طرح تنهنجو ڪم ٿيندو هجي تہ اُهو ٻڌائيمَ تہ، آءٌ اُهو ڪرڻلاءِ تيار آهيان.

باز - مهاراج! ڪاڏي جي ڪريٽي جيوَ پيدا ٿئي ٿــو، وڏي ٿئو ۽ جيئرو رهي سگهيٿو، مگر ٻڌا پوڄن جي دنيا ۾ ڪو بہ جيئرو رهي نٿو سگهي. ڀڪ سبب جيڪڏهن آءٌ مري ويندس تہ وڇارن منهنجن ٻارن ٻچن جو ڪهڙو حال ٿيندو.

تنهنجي چوڻ موجب ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

ايترو چئي راجا هڪڙي ساهمي گهرائي، جنهن جي هڪڙي پڙ ۾ ڪبوتر وهاريو ۽ ٻئي پڙ ۾ پنهنجو ماس ڪپي رکڻ لڳو. مهاراج شبي پنهنجي شرير جو ماس پنهنجن ئي هٿن سان، ڏاڍي خوشيءَ منجهان ڪپي ساهميءَ ۾ وجهي رهيو هو. ڀڳوان لڪي پنهنجي ڀڳت جي اِن تياڳ کي ڏسي ڏاڍو پرسن ٿي رهيو هو.

ساهميءَ ۾ ڪبوتر جو وزن ماس کان وڌندو ويو، جنهن تي راجا پنهنجي سڄي بدن جو ماس ڪپي رکيو، پر ڪبوتر وارو پڙ هيٺ ئي رهيو. راجا تڏهن پاڻ اُن پڙ ۾ ٿي ويٺو. جنهن ئي راجا ساهميءَ جي پڙ ۾ وهڻ لاءِ اُٿيو، تنهن ئي آڪاش ۾ واڄا وڄڻ لڳا ۽ گلن جي برسات وسڻ لڳي. راجا اُنهل ويچاري رهيو هو ته هي منش جهڙي ٻولي ڳالهائيندڙ ڪبوتر ۽ باز آهن ڪير؟ تنهنڪانسواءِ آڪاش ۾ هي واڄا ڇو وڄي رهيا آهن؟ ايتري ۾ ڇا ٿو ڏسي ته باز ۽ ڪبوتر ٻئي اَنترڌيان ٿي ويا ۽ سندن بدلي ٻه دويه ديوتائون پرگهٽ ٿيا. اُهي ٻئي ديوتائون هڪڙو اِندر ۽ ٻيو اگني هئا. اِندر ديوتا راجا کي چوڻ لڳو ته ”راجا! تنهنجو سداءِ ڪلياڻ ٿئي. آءٌ باز حقيقت ۾ اِندر آهيان ۽ هو ڪبوتر اَگني ديوتا آهي. اسين ٻئي پريکشا وٺڻ لاءِ آيا هواسين. تو جيڪا قرباني ڏيڻ جو ڏکيو ڪم ڪيو آهي، اهڙو اڄ تائين ٻئي ڪنهن ڪونه ڪيو آهي. هي سڄو سنسار موهه ۾

ڏکه دور ٿئي نه پوءِ تون ڪبوتر جي بدلي ٻيو جيڪو به کاڌو گهرين سو ڏيئي سگهان ٿو.

باز - مهاراج! اسان بازن لاءِ شاستر موجب ڪبوتر ئي کاڌو آهي، اِنڪري مهرباني ڪري اُن کي ئي منهنجي حوالي ڪريو.

راجا - باز! آءٌ به توکي شاسترن موجب ويٺو ٻڌايان. شاستر انوسار سڀ ڪان مکيه ڌرم آهي. جيڪي آدمي پراڻين جي پاڻ جهڙي رکيا ڪن ٿا، اُنهن ئي پرم گتي ٿيئي. جيڪي آدمي سمرٿ هجي به مرندڙ جيون جي پرواهه نٿا ڪن، اُهي گهور نرڪ ۾ پون ٿا. آءٌ توکي پنهنجو سمورو راڄ ڏيئي سگهان ٿو يا هن ڪبوتر ڪانسواءِ ٻيو جيڪي به گهرين سو ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، پر هي ڪبوتر نه ڪنهن به ريت ڪونه ملي سگهندءِ.

باز - چڱو ساءِ! جيڪڏهن اوهانجو ڪبوتر لـي ايترو پريم آهي نه پوءِ برابر اِن ڪبوتر جي تور جيترو اوهين پنهنجو ماس ڪپي ڏيو. مونکي ڌرو به وڌيڪ يا گهٽ نه گهرجي.

راجا - شاباس هجيئي! تو مون لي وڏي ڪريا ڪئي. توکي جيترو به ماس ڪپي اوترو آءٌ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. هن ناسوان شرير کي ڏيئي مان ڪرتارٿ ٿيندس. هي شرير پراڻين جي اُپڪار لاءِ ڪم نه اچي، نه پوءِ هرروز هن کي پالي ٿلهي ڪرڻ جي ضرورت ڪهڙي آهـي؟ چڱو! آ

ڀڳت سوامي هريداس

ڀڳت سوامي هريداس هڪڙو تمام اوچي درجي جو ڀڳت ٿي گذريو آهي. هو براهمڻ هو ۽ اڪبر بادشاهه جي ڏينهن جي اِها ڳالهه آهي. چون ٿا ته بالڪپڻ کان ئي هنجو من شيام سندر جي ڀڳتيءَ ۾ لڳل هو. هڪ دفعو کو ٻه هري رس جو ٿورو به سواد چکيئو، ته پوءِ اُنکي جڳت جا سڀ سک ۽ سڀ رس ٻي سوادي ۽ ڦڪا نظر ۾ اچيئا. سوامي هريداس هڪڙو تياڳي، بيپرواهه ۽ پريمي مهاتما هو. هو ڀڳتيءَ جي ڪري پنهنجي جنم ڀومي ڇڏي، شيام سندر جي ليلا ڀومي برندابن ۾ وڃي رهڻ لڳو هو، جتي ڀڳوان شري ڪرشڻ کي پنهنجو پرم پريتم سمجهي، پاڻکي اُن جي هڪڙي پياري سکي سمجهندو هو.

ڇوڻ ۾ اچيئو ته هنجو سمورو وقت ڀڳوان جي ڀڳتيءَ ۾ وتيت ٿيندو هو. يعني ڪائڻ پيئڻ، سمهڻ جاڳڻ ۽ ڳائڻ وڄائڻ مطلب ته سيڪجهه پياري من موهن سان گڏ ئي ڪرڻ ۾ ٿي آيا. هر وقت ڀڳوان جي ماڌري ڇبي هنجي دوءِ نيترن اڳيان رهي ٿي. هو ڏسو ته ڪڏهن ڀڳوان جي اُستتيءَ، ڪڏهن ساڌس راند، ڪڏهن ونود (کل خوشي)، ڪڏهن سيوا، ڪڏهن پوڄن، ڪڏهن ڳائي وڄائي ريجهائين پيو، ڪڏهن نچڻ لڳيو وڃي ۽ ڪڏهن پريم ۾ پر ٿي باهران

ڪرم جي قاسيءَ ۾ بدل آهي، پر تون دنيا جي دکن کان ڇٽڻ لاءِ ديا ۾ ٻڏو پيو آهين. تو ڪڏهن به وڏن سان حسد ڪونه ڪيو، نڪي ننڍن جي بيعزتي ڪئي اٽيشي ۽ برابري وارن سان ريس ڪانه ڪيئه ؛ جنهنڪري تون اڄ سنسار ۾ سڀني کان شريشٽ آهين. تو پنهنجي شوئن ۾ آيلن لاءِ پنهنجو سر ڏيڻ لاءِ به تيار ٿيو آهي. تو جهڙو پراپڪاري ٻيو ڪير ڪونه آهي. جيڪو آدمي پنهنجي پراڻن جو موهه ڇڏي ٻين جي پراڻن جي رکيا ڪريٿو، اُهو اُن پرم ڌام ۾ پهچي ٿو، جتان وري موٽڻو نٿو پوي. پنهنجي پيٽ ڀرڻ لاءِ ته پسون به جيئن ٿا، پر سچا سنت اهي آهن جي ٻين لاءِ جيئن ٿا. سچ آهي ته چندن جو وڻ پنهنجي شرير کي سيتل ڪرڻ لاءِ ڪونه پيدا ٿيو آهي، پر ٻين کي سيتلتا ڏيڻ لاءِ ئي سندس جنم ٿيو آهي. آها! سنسار ۾ تو جهڙو پنهنجي سک جي اِڇا کان رهت، رڳو پراپڪار جي ٻڌيءَ وارو سادو، جڳت جي هت لاءِ ئي پرٿويءَ تي جنم ونيٿو. هاڻي تون ديه روپ ڌاري ڪجهه وقت تاءِ پرٿويءَ جو پالن ڪري، آخر ۾ ڀڳوان جي برهم لوڪ ۾ ويندين. اسانجي توکي آسيس آهي. ائين چئي ٻئي گم ٿي ويا.

جيستائين سنسار جي ڪنهن به شيءِ ۾ موهه اٽڪيو رهندو، تيستائين پريتمن جي پريتم سانوري من موهن سان سچو پچو پريم نٿو ٿئي. اهو ويچاري هو اُن هيري آڻيندڙ کي چوڻ لڳو "ڀائي! هيءُ هيرو جلدي وڃي شري جمناجيءَ ۾ اُڇلاءِ." سواميءَ جيءَ جي آگيا موجب هن اُهو هيرو وڃي جمناجيءَ ۾ اُڇلايو ته سهين، پر من ۾ ڏاڍو خيال ٿي بيٺس ۽ ههڙي قيمتي سٺي سهڻي هيري اُڇلائڻ سبب غصو پڻ لڳس. سوامي جي تڏهن هنجي من جي ڳالهه سمجهي سو چوڻ لڳو ته اڄاڻائي هنجي من مان پٿر (هيري) جو موهه هٽيو ڪونهي. پوءِ هنکي هٿ کان جهلي هڪڙي گهاٽي جهنگ ۾ وٺي ويو، جتي هيرن جو وڏو ڍڳ ڏيکاري چوڻ لڳس پيارا! جيڪڏهن تنهنجو هنن پٿرن ۾ پريم آهي، ته پوءِ جيترا وڻن ئي هتان کڻي وٺ. پر اِهو خيال رکج ته هي سڀ پدارٿ ڀڳوت پريم جي پراپتيءَ ۾ وڏي اٽڪ آهن. جتي عيش عشرتن ۾ من لڳل رهندو، اُتي ڀڳوان ۾ ورتي ڪٿان ٿيندو؟ هي جڳت جا پدارٿ ڀڳوت پراپتيءَ جي مارگ ۾ ڄڻ هڪڙا لٽير آهن. سو جيستائين تون انهنجي قيدي ۾ ڦاٿل رهندين، تيستائين تنکي شري هريءَ جي چنتا هرڻ چرڻارونڊن ۾ تنهنجو هيءُ چت اَچل ٿي لڳندو ۽ نه ته تون پرمانند حاصل ڪري ڪرتارٿ ٿي ٿيندين. اِنلاءِ جيڪڏهن ڀوَ ڀيه هاري شري هريءَ کي چاهين ٿو ته سچي سک ڪسيندڙن هنن پٿرن جي هيرن کي چت مان هٽائي ڇڏ."

بيهوش ٿيو وڃي. سچ ! اهڙي پريم سڪ جي حالت ورلي ڪنهن نصيب واري ڀڳت جي ٿئي ٿي. هڪڙي ڏينهن ڪيس ڀيٽ ڪرڻ لاءِ سندس هڪڙي ششيه تمام قيمتي عطر جي شيشي آندي. اُنوقت سواميجي مهاراج جمنا جي ڪناري پنهنجي پريم ۾ مست ويٺو هو. ڀڳت اُها شيشي آڻي ڪيس هٿ ۾ ڏني ۽ هن به ورتي ٿي (ڇوڻ ۾ اچي ٿو ته اوڏي مهل هو پنهنجي ڌيان ۾ شري برج ڪشور سان هولي کيلي رهيو هو ۽ ڀڳوان ڀاڻ هنجي بدن تي گلال مکي رهيو هو) اُها ڀڳوان جي مٿان اوتي وڌي. هوڏانهن چيلو سمجهڻ لڳو ته عطر ريتيءَ ۾ اوتيو ويو، جنهن ڪري ڏاڍو دل ۾ ٿي پيس. ڪجهه وقت گذرڻ بعد جڏهن سواميجي کي باهريون گيان ٿيو، تڏهن چيلي جي دل جو مطلب سمجهي هنکي چوڻ لڳو ته ”ڀائي ! شري بهاري جيءَ جو وڃي درشن ته ڪري اچ.“ هو جلدي مندر ۾ ويو ۽ ڏسي ته سڄو مندر سڳنڌ سان ڀريو پيو آهي ۽ شري بهاريءَ جيءَ جي سڄي بدن تي عطر مکيو پيو آهي. هيئنر ششِ جون اکيون کليون ۽ سواميءَ جي ڀڳتي تي ڏاڍو وشواس ٿي ويس. اُتان ئي اچي سواميءَ جي چرڻن ۾ ڪريو پيو جو هنجو عطر آڻڻ سڦلو ٿيو.

هڪ دفعي هڪڙو شرڌالو چيلي بڻجڻ لاءِ سواميءَ وٽ آيو ۽ هڪڙو قيمتي هيرو آڻي اڳيان ڀيٽ رکيائينس. سواميءَ جاڻي ورتو ته آئيندڙ جو اُن هيري ۾ ڏاڍو موهه آهي.

چت ڀڳوان جي پريم ۾ پــر تي ويو. اَڪبر بادشاھ تڏھن سواميءَ جي اڳيان گھڻي ڀيٽ رکڻ چاھي، پر بيپرواھ بادشاھ ڪجھ بہ نہ قبوليو. بادشاھ پوءِ تانسين سان گڏجي دھليءَ موٽي آيو. ھڪڙي ڏينھن اَڪبر تانسين کي اُھو ڀڄن وري ڳائڻ لاءِ چيو، پر ٻڌڻ سان اھڙو آنند ڪونہ آيس ۽ چوڻ لڳس تہ ”اُن ڏينھن ساڳيو ڀڄن ٻڌڻ سان جيڪو مزو آيو ھوم، اھڙو اَڄ ڇو نٿو اَچيم؟“

تانسين- حضور! ڀلا مون ۾ اھڙو رس ڪٿان تــو اچي سگھي؟ سوامي جي مھاراج تہ ڀڳوان جي پريم ۾ ڀرجي، تنھي لوڪن جي ناٿ کي پنھنجو راڳ ٻڌائي رھيو ھو ۽ آءٌ دھليءَ جي بادشاھ کي ريجھائڻ لاءِ ڳائي رھيو آھيان. بس! اِھوئي رڳو سبب آھي.

ڀڳت ھريداس گھڻي ئي ڀڄن بنايا آھن، سندس ڀڄنن ۾ ڀڳتيءَ ۽ پريم جو رس ڀريل آھي. سواميءَ جن جي سمپرداءِ ۾ چڱا تياڳي، پريمي ۽ اَنيوي مھاتما ٿي ويا آھن.

اِن آديت درشيه کي ڏسي ۽ سوامي جيءَ جي اُپديش
کي ٻڌي، هن چيلي جو چت وشين کان هٽي ويو ۽ هن جي
شرڌا گت تي پيو. گروءَ تڏهن جوڳو اڌڪاري سمجهي کيس
گرو منتر ڏنو ۽ ساڌنا ڪرڻ جو سولو رستو ڏيکاري ڪرتارٿ
ڪيائينس.

سوامي جي مهاراج سنگيت جو هڪڙو وڏو اُنيوي آچاريه
هو. اڪبر بادشاهه جو درٻاري مشهور راڳيندر تانسين
سوامي جن جو شش هو. تانسين جي سنگيت ڪلا تي مگڌ
ٿي، هڪڙي ڏينهن اَڪبر بادشاهه کانئس سندس گروءَ جو
نالو پڇيو، جنهن تي هن وراڻي ڏنيس ته ”جيئندا قبلا!
منهنجو گرو ڀڳوان جو پورڻ ڀڳت سوامي هريداس آهي، جو
هن وقت برنداٻن ۾ آهي.“ اَڪبر بادشاهه هن جو درشن
ڪرڻ چاهيو. جنهن تي تانسين چوڻ لڳس ”جهان پناهه!
هنکي هت گهرائڻ ته ناممڪن آهي؛ ڇو جو هو ڌن مال
جي ته ڪا پرواهه ئي ڪانه ٿو ڪري، پر جي اوهان جي
مرضي هجي ته پاڻ اُتي وٽس روبرو هلون.“ بادشاهه تڏهن
تانسين کي پاڻسان وٺي سوامي جيءَ جي ڪُٽيا ۾ آيو.
سوامي جي به اُن مهل ڀڳوان جي اڳيان پريم ۾ ڀرجي هڪڙو
ڀڄن ڳائي رهيو هو. اڪبر بادشاهه اُهو ٻڌي ڏاڍو پرسن
ٿيو. پوءِ ته تانسين به هڪڙو ڀڄن ڳايو ۽ ڄاڻي ٻجهي هڪڙي
هنڌ سر تال ۽ ڍنگ بگاڙي ڇڏيو، جنهن تي سوامي جي
پاڻ اُهو ڀڄن پوريءَ طرح ڳائڻ لڳو. ڀڄن ٻڌي سڀني جو

پاڻي پڻڻ لاءِ فقط هڪڙو پڱل لوهه، جو ڪٽورو هوندو هوس.

پاڙيسري هن مان ناراض هئا جو هو غريب رات جو گهڻي دير تائين ويهي ڏاڍيان هري نام ڪيرتن ڪندو هو. سندن ننڊ ڦٽي ٿي پوندي هئي؛ جنهنڪري ڪو چوندو هو ته "نياڳي جي پيٽ پوري ڪرڻ لاءِ ته آهي ڪونه، جو ڪٿي مٺي ننڊ اچيس. بکه جي ڪري سبب سڄي رات دشت جاڳيندو ۽ رڙيون ڪريندو." ڪو چوندو هو ته "بدمعاش جي پونگي کي باهه ڏجي ته معاملو مٽي وڃي." گهڻا ته وري روبرو اچي انيڪ گاريون گند ڏيئي ويندا هئس، پر شريڌر انهن سڀني جي بدهلتن سبب ڪڏهن به چڙيو، ڏنو يا ڏکي نه ٿيو.

نوديپ ۾ هڪڙو ٻيو چنچل سڀاءَ وارو نوجوان براهمڻ رهندو هو، جنهنجو نمائي پنڊت نالو هوندو هو. نوجوان هوندي به شهر جا ٻيا پنڊت ڪانئس ڊڄندا هوا ۽ ڪيس عزت مان ڏيندا هوا. هو شڪل جو ڏاڍو سهڻو هوندو هو، اِنڪاءِ هرڪو ڪيس گورانگه ڪري سڏيندو هو. هنجي ماءُ پيءُ سندس نالو "وشومڀر" ڪري رکيو هو. هي نمائي پنڊت جهڙو پاڻ چنچل هوندو هو، اهڙائي سندس شاگرد ارٻنگ هوندا هوا.

جنهن ڏينهن نمائي پنڊت شريڌر جي دوڪان وٽان لنگهندو هو، اُن ڏينهن ويچاري جي مصيبت جي حد نه هوندي هئي؛ ڇو جو نمائي ان دوڪان تان ڪجهه نه ڪجهه

ڀڳت شريڌر

بنگال ۾ ڀاڳيرٿي نديءَ جي ڪناري تي نوَديپ نالي
هڪڙو شهر آهي، جو وديا پڙهڻ لاءِ بلڪل مشهور آهي.
اُتي نياءَ ۽ ويدانت جا مشهور پنڊت رهندا. اڄ کان اٽڪل
٥٥ ورهيه اڳ جي ڳالهه آهي ته اُتي شريڌر نالي هڪڙو
تمام غريب نرڌن براهمڻ رهندو هو. سنسار ۾ غريب نرڌن
جو آدر ڪير تو ڪري؟ اِن غريب براهمڻ جي ميري
ڌوتي ڪيترن هنڌان ڦاٽل هئي ۽ سٽي ڪانهيس جنهنسان
ڪٽي سبيس، جنهنڪري لاچار ڳنڍيون ڏيئي ڇڏيون اٿس.
هڪڙي ڀڳل ٽٽل جهوپڙي سندس لاءِ راڄ محل آهي ۽ جا
به شهر کان ٻاهر آهي.

ويچارو غريب براهمڻ هر روز پنن مان دونا ۽ پاٽلون
ٺاهي گنگاجيءَ جي ڪناري تي وڪڻڻ ويندو هو، جن
مان پنج ست پئسا بچت ٿيس ٿي ۽ پنهنجو گذارو ڪري
تو. اِنهن پنجن ستن پئسن مان ته اڌ رقم جو ڦل ڦول خريد
ڪري گنگاجيءَ ۾ اَرپڻ ڪريتو، ڇو جو جهوپڙيءَ ۾ ڀڳوان
جو پوڄن ڪنان تو تي سگهي؟ هو گنگاجيءَ کي وشنوءَ
جي چرڻن مان نڪتل سمجهي، اُنيئي پوڄا ڪري ڇڏيندو
هو. باقي اڌ پئسن جا چٽا چڙنرا وٺي ڀڳوان کي نويدن
ڪري پوڄن ڪندو هو ۽ ڪيس ڪو برتن رڌڻ لاءِ ڪونه هو.

تو ۽ جٽن ته آءٌ تنهنجيءَ گنگا جو پيءُ آهيان. اِنلاءِ مون کي دونا پاٽلون گهٽ اگهه تي ڏيڻ گهرجن ئي.

شريڌر - (ڪنن ۾ آڱريون وجهي) هي ڀڳوان! هي آءٌ ڇا ٿو ٻڌان. (نمائي کي) ساءِ! پنڊت ته ديوي ديوتائن جي عزت ڪندا آهن، پر تون پنڊت ٿي اُنهنکي نه ڇوڻ جهڙا حرف پئيو ڪڍين. هري! هري!!

شريڌر اڃا اِهو چيو ئي پئي ته نمائي اُهي پاٽلون ۽ دونا ڪٽي اُٿي هلڻ لڳو. سچ! نمائي لاءِ سو تماشو هو، باقي ويچاري شريڌر لاءِ وڏي مصيبت هئي. مطلب ته نمائي پنڊت ۽ شريڌر ڪنگال جو اِهو جهڳڙو روزمرهه ٿيندو ئي رهيو.

هيءَ ڳالهه سڄي شهر ۾ پکڙجي ويئي ته نمائي هڪڙي وڏي پنڊت کي جيتيو آهي. بس! پوءِ ته نوديپ ۾ نمائي کان وڌيڪ ٻيو ڪو به پنڊت ڪونه هو. شريڌر جڏهن اهو ٻڌو تڏهن ويچاري جا ٻارهن ئي وڄي ويا ۽ ويچارڻ لڳو ته ”هاڻي هن پنڊت سان هٿ اٽڪائڻ ڪنهنکان ٿي سگهندو؟ منهنجي ڪير ٻڌندو؟ افسوس! مون تي ته وڏي مصيبت اچي ڪڙڪي. وري نوديپ ڇڏي ڪيڏانهن وڃان؟ ڀڳل ٽٽل جهوپڙي به اتم ته سهي نه، ٻئي هنڌ ته وهڻ لاءِ به جڳهه ڪانه ملنديم. هاڻي ڇا ڪريان؟ ڀڳوان! ڇڱي مت ڏ جانس.“

نمائي پنڊت ڪجهه ڏينهن گيا ويو هليو جڏهين نمائي

ضرور ڳنهندو هو. شريدر جنهن شيءِ لاءِ پئسو چوندو هو ته نمائي هڪ پائي مس ڏيڻ جي ڪندو هو. نه ڏيڻ تي هٿ کس لڳي ويندي هئي ۽ ان ڪينچ ڪاڻ ٻ ٻه چار منٽ لڳي ويندا هوا. هڪڙي ڏينهن نمائي کجهه وڌي چوڻ لڳو ته "هاڻي ڪٿي وٽ، هڪ پائي بس آهي."

شريدر- نه بابا! آءٌ غريب ڪمزور ڪنگال براهمڻ آهيان، مونتي ديا ڪر.

نمائي- ڇا آءٌ براهمڻ ڪونه آهيان، پوءِ مونتي ديا نه ٿيڻ گهرجي؟

شريدر- سائي! تون پنڊت آهين، شاهوڪار آهين ۽ عزت آبروءِ وارو آهين. هيڏانهن آءٌ نردن، دين ۽ ديا ڪرڻ جوڳو آهيان، انڪاءِ مونتي ديا ڪر.

نمائي- ڪير ٿو چوي ته تون غريب آهين، تو وٽ ته پاڻ اڻ مئو ناڻو آهي. ٻين کي نه به خبر هجي، پر مونکي چڱيءَ طرح سڌ آهي.

شريدر- مهرباني ڪري دونا ۽ پاتلون ڪٽي رک، آءٌ توکي پيرين ٿو پوان.

نمائي- اوهو! ايترو ايمان؟ مونکان ٿو کسين؟

شريدر- توکي کپي ته اڌين ئي ڪٽي وڃ، پر مون سان جهيڙو نه ڪر.

نمائي- ڇا، آءٌ پن جو ٽڪر کان ٿو جو توکان اڌين ئي وٺي وڃان؟ خير! تون هر روز گنگاجيءَ جو پوڄن ڪرين

گهڙيال ۽ ٽريون وغيره وڄائي هري ڪيرتن ڪرڻ لڳو. اِهو ڪيرتن رات جي وقت ۾ ٿيو، جنهنڪري پاڙيوارن ٽنولي ڪري چوڻ لڳا ”اڙي ڀائي! نمائي پنڊت ڪهڙو نه چڱو ودوان هو، پر جڏهن کان گيا مان ٿي موٽيو آهي تڏهن کان سڀ پڙهڻ لکڻ ڇڏي هل هنگامو مچائڻ ۽ نچڻ لڳو آهي. خبر ئي نٿي پوي ته اِن مان هن ڪهڙو فائدو سوچيو آهي.“

شريواس پنڊت جي انگڻ ۾ هري ڪيرتن ڪندي، گور هري (نمائي) ايشور پرڪاش ڪرڻ لڳو آهي جا ڳالهه سڄي نوديپ ۾ آهستي آهستي پکڙجڻ لڳي. ويچاري غريب شريڌر جي ڪنن تائين به اِها خبر پهتي. هو من ئي من اندر خوش ٿيندو چوڻ لڳو ”آها! منهنجو جنم به ڪهڙيءَ نه شڀ گهڙيءَ ۾ ٿيو آهي، جڏهن ڪ ڀڳوان پاڻ پرٿوي تي اچي منشن ۾ وهار ڪرڻ لڳو آهي. وڃي درشن ته ڪري اچان. جيڪڏهن ڇهي نه سگهيو سانس يا ڳالهائي نه سگهيو سانس، من پريان ڀي ڏسي سگهانس.“

اڄ شريواس جي انگڻ ۾ ڪيرتن ڪندي ڪندي گور هري آنند جي آويش (جوش) ۾ اچي ويو منجهس ايشوري پرڪاش پرگهٽ ٿيو، جنهن ڪري ٺاڪرجيءَ جي مندر ۾ وڃي سنگاسن تي چڙهي ويو. اُن مهل سندس سڀ انگ جڻ چمڪڻ لڳا. ڀڳت منڊلي جيءُ جيءُ ڌني ڪرڻ لڳي ۽ ڀڳوان هڪڙي ڀڳت کي سڏ ڪري چيو، درشن ڏي

پنڊت موٽي آيو ته هو اڳيون نمائي ڪونه هو. پنڊتائيءَ جو سمورو ايمان ويندو رهيو اٿس، اکين مان لڙڪن جي ڌارا پيئي وهيس ۽ جهڪي ٿيو گلجي ٿڪهڪي لپنجو وڃي ۽ چويس ٿو ته ”افسوس! منهنجي حياتي اجائي آهي، ٻڌاءِ منهنجو پراڻ جيون شري ڪرشڻ ڪٿي آهي؟ هو ڪٿي ملندو ۽ سندس ملڻ جو ڪهڙو اُپاءُ آهي؟ نه ته منهنجا پراڻ هليا ويندا.“ ائين چوندي چوندي هو پڇاڙ کائي زمين تي ڪري پوندو هو. ”ها ڪرشڻ! ها ڪرشڻ!“ پڪاريندو هو ۽ سندس ٻوٽي ڪاڏي جي ڪابه سڌ ڪانه ٿي رهيس.

نمائي پنڊت جي اهڙا ڳالهه سڌ آهستي آهستي سڄي نوديپ ۾ ڦهلجي ويئي. ڪي چوڻ لڳا ”رات ڏينهن بحث مباحثه ۽ شاسترن جي ويچار ڪندي هن جو مغز خراب ٿي ويو آهي.“

هينئر نمائي پرم ڀڳت ٿي پيو آهي. هو سڄو وقت هري بول هري بول چوڻ لڳو ان ڪري ماڻهن سندس نالو گورهري ڪري رکيو. شري ڌر چاهيو ٿي ته هو به سندس درشن ڪري ۽ پوڄا ڪري، پر وري هنجي اربنگائين جسي ٻپ ڪان روڪجي ويو، من جو ڀاو من ۾ ئي رهجو ويس. هينئر گورهريءَ جو ناماچار جي ڪري سڀ ڀڳت وٽس اچڻ لڳا.

گورهريءَ جي آگيا سان پنڊت شريواس جي انگڻ ۾ سڄي ويشنو منڊلي گڏجي، مردنگ، ڪرتال، شنک ۽

جي پاڙ وٽ گوپي ڪشور پيتامبر، مور جي کنڀن جو مڪٽ، ونمالا پهري ڏاڍيءَ بانڪي ادا سان بيٺو مرلي وڄائي رهيو آهي. گوپ بالڪ هيڏانهن هوڏانهن راند روند ڪري رهيا آهن. گئو چري رهيون آهن ۽ سندن وڇڙا ٽپا ٽپنگ ڏيئي رهيا آهن.“ شريڌر اُنهل من ئي من اندر چوڻ لڳو ته ”هان هي ڇا؟ سپنو ته ڪونه ڏسي رهيو آهيان؟ نڪو! آءٌ ته جاڳان پيو. يلا! ايترو پري ڪان همت ڪئن ۽ ڪهڙي رستي کان پهتس؟“

اڃا شريڌر اهو ويچاري ئي رهيو هو ته سندس ڪنن ۾ هيءُ آواز آيو ته ”شريڌر! مونڏانهن نهار. مون تنهنجن دونن ۽ پاتلن ۾ گهڻيئي دفعا کاڌو آهي ۽ تو به مونکي گهڻيئي دونا ۽ پاتلون ڏنيون.“ شريڌر ويچار ڪري ٿو ته ”ڪهڙا دونا ۽ پاتلون؟ ڪنهنکي ڏنم؟ هيءُ نانگ ئي ڪهڙو آهي؟“ پريو تڏهن کلي چوڻ لڳو ”نه نه! تو ڪين ڏنا، پر آءٌ زبردستي ڪري کڻي ويندو هوس. تون اُنهل سمجهندو هئين ته آءٌ اُنياءُ ڪري رهيو هوس. پر پيارا! آءٌ ڀڳت جي ڌن کي پنهنجو سمجهندو هوس؛ جنهنڪري ڪڏهن ڪڏهن زبردستي ڪري کسي پڻ وٺندو هوس. نه رڳو ايترو پر ڪڏهن چورائي پڻ وٺندو هوس. مگر اَڀڳت جو ڏنل به قبول نٿو ڪريان.“

هينئر شريڌر کي يادگيري آئي ته ”هان! تڏهن هي نمائي پنڊت آهي؟ افسوس! مون ڪوڏين جي لاءِ ڀڳوان

ٿو ۽ ور بخشي ٿو. ڀڳت پنھنجيءَ اِڇا موجب پنھنجي اِشٽ ديو جو اُن روپ ۾ درشن ڪري رھيا آھن. اوچتو پريو سڏ ڪري چوڻ لڳو "شريڌر! شريڌر! اڙي شريڌر کي تہ سڏي وٺو!" ٻڌڻ شرط ڪي آدمي شريڌر جي گھر ڏانھن ڊوڙيا ۽ وٽس وڃي چوڻ لڳا "شريڌر! سگھو ھل توکي پريوءَ سڏيو آھي." "پريوءَ سڏيو آھي" ايترو ٻڌي شريڌر آنند ۾ اچي ڌرتيءَ تي ڪري پيو ۽ مَن ۾ ترنگ اُٿڻ لڳس تہ "ھان! پريوءَ سڏيو اٿم؟" مون جھڙي ڪنگال کي ڀڳوان سڏي، ايڏي وڏي ديا! سمجھان ٿو تہ ڀڳوان جي مون تي مٺي نظر آھي." اِنھن سُٺن خيالن شريڌر کي مگن ڪري ڇڏيو.

ٻن ڄڻن ڀڳتن ڪيس ڪلهي ورتو ۽ اوڏانھن ھلڻ لڳا. ۽ سڀ متوالا ٿي ھري نام جي ڌُني ڪرڻ لڳا.

شريڌر کي وٺي ويندڙ ڀڳت منڊليءَ کي شھر جي آدمين جي چوڻ يا ٻڌڻ جي ڪابہ پرواھہ ڪانھي، ھو پنھنجيءَ ڌُن ۾ مست آھن. ڏاڍي آنند ۾ نچندا پيا وڃن ۽ پريوءَ جي آگيا پاليندا ٿا رھن. ھِن شريڌر کي مورڇت حالت ۾ ئي آڻي، شريواس پنڊت جي اڱڻ ۾ سمھاري ڇڏيو، جتي پوءِ سڀ ڪيس گھيرو ڪري بيٺا ۽ بيھي ڏسڻ لڳا.

گور ھريءَ گنڀير آواز ۾ چيو "شريڌر!" بس! ھوءَ ڇا ھو يعني اُن آواز شريڌر جي بدن ۾ جڻ بجليءَ جو ڪم ڪيو. جلدي اکيون کوليائين ۽ ڇا ٿو ڏسي تہ "ڪدم ورکش

ڀڳت تلسيداس (دکشڻي)

ڏکڻ هندوستان ۾ سمنڊ جي ڪناري وجيا پٽڻ نالي هڪڙي شهر ۾ تلسيداس نالي هڪڙو ڪتري رهندو هو. سندس هردو سندر هو. هن ۾ شاريرڪ توڙي مانسڪ ٻل ٻه ججهو ئي هو. هو وڏو داتا پڻ هو، گهوڙي سواريءَ ڪري هو پنهنجي سڄي پرڳڻي ۾ مشهور هو. گهر ۾ روپ توڙي گڻ واري سشيل جوان اِستري، ننڍڙا ٻه پٽ ۽ هڪ ڌيءَ پڻ هيس. مطلب ته ايترو سڀ هوندي به هو ڪو منجهن لتل ڪونه هوندو هو. رڳو پنهنجي فرض پوري ڪرڻ جي ڀاونا سان ئي هن سنسار سان پنهنجو ناتو ڳنڍيو هو. هنجو من سداءِ ڀڳوان جي ڪٿا، ساڌن مهاتمائن جي ستسنگ ۽ مندرن توڙي ٺاڪرن جي درشن ڪرڻ ۾ لڳو رهندو هو.

هر روز ڪٿا ٻڌندو هو. ڀڳوان رامچندر جي جنم کان وواهه تائين ڪٿا ٻڌڻ مهل هنجي آنند جي حد نه رهندي هئي، پر بنواس وغيره جي ڪٿا ٻڌڻ بعد هو شوڪ ساگر ۾ ٻڏي ويندو هو. هنجون اکيون ڏسو ته آنند جي ڳوڙهن سان ته ڪڏهن شوڪ جي لڙڪن سان ڀريل رهيون ٿي. مطلب ته سندس اکين مان ڪڏهن لڙڪ سڪائي نٿي. اِن ريت ڀڳوان شري رامچندر جي مهما جي ڪٿا واچڻ توڙي ٻڌڻ ۾ هو پنهنجا ڏينهن سک سان وتيت ڪندو هو.

سان ٿي معاملو ڪيو. منهنجي جيون کي ڌڪار آهي، جو آءٌ وڏو گنهگار آهيان. اِهو ويچاريندي ويچاريندي شريڌر وري مورڇت ٿي ڪري پيو.

پريوءَ ڀڳت جو سنتاپ ڄاڻي گنڀيرتا سان وري چوڻ لڳو ته "شريڌر! هيڏانهن اچ." شريڌر اُٿيو ۽ ٿاٻڙندو ڪرندو اڳتي وڌيو.

پريوءَ پنهنجو ساڄو چرڻ ڀ گهيري شريڌر جي مستڪ تي ڪري رکيوءَ چوڻ لڳس ته "شريڌر! گهڻو ڇاٿو گهرين؟ تون ڪٿلائي جي ڪري دکي آهين، ڦاٽل ڏوتيءَ ۾ انيڪ گنڍيون پيل تنهنجيءَ جهوپڙيءَ مٿان ڪک ڪانا ڪينهن، اڄ تنهنڪري ڌن، راڄ ۽ سمپتي جيڪي وٺيئي سو گهر."

هينئر شريڌر جو ڪشٽ مٽيو ۽ وشواس ٿيس ته سندس اپراڌن جو ڀڳوان کي ڪوبه خيال ڪونهي. واهه! ههڙي ڪرپا! ڏاڍو آنند! آنند!! پر مون سيوا ٿي ڪهڙي ڪئي، جنهنجو انعام هي ٿو ملي. پر پريوءَ جي چرڻ سپرش سان جيڪو آنند جو سمنڊ اُڀريو تنهن ۾ ٻيو سڀ ڪجهه ٻڏي ويو باقي آنند بچيو. شريڌر چيو "ته مون کي توهان جي مهر گهرجي." گورهريءَ کيس ڪٺي گلي لڳايو.

منهنجي سامهون ماتاجي جو هرڻ! دشٽ راوڻ! آءٌ تو کي تنهنجي اِن نيچ ڪم لاءِ جوڳي سزا ڏيندس ۽ ماتاجي کي جدائي شري رامچندر جي وام انگ (ڏائي پاسي) ۾ وهاريندس. اڙي او راوڻ! تون ڪيڏانهن ڀڄندو ٿو وڃين؟ دشٽ! بيهه ٿورو صبر ڪر!"

ايترو چوندي چوندي هو پنهنجي گهر طرف روانو ٿيو. تمام گهڻي غصي ۾ اچڻ ڪري هنجي دٻيل آواز سبب هن جي ڳالهه پوريءَ طرح سمجهڻ ۾ نه آئي، هنجي پينڪر ڇهري کي ڏسي ڪنهنکي ٻه هن وٽ وڃڻ جي همٿ ئي نه ٿي. هو سڌو پنهنجي ڏن ۾ گهر وڃي هٿيار ڪٺي تيز گهوڙي تي سوار ٿيو، ان ارادي سان ته راوڻ کي ماري سيتا ماتا کي جدائي ايندو. ڏسندي ڏسندي هو هڪڙيءَ ڪن ۾ سڀني جي نظر کان غائب ٿي ويو.

آها! تلسيداس کي دشا (ڏس) جو پتو ڪونهي ۽ هو سمنڊ جي ڪناري ڏانهن وڌندو هلي رهيو آهي. ايشور به سندس رکيا لاءِ ساٿس آهي. هنجو من رڳو ماتا سيتا کي جدائڻ جي ئي ويچار ۾ لڳل هو. ايشور کي اِها شروع کان ئي سڌ هئي ته تلسيداس سڌو اچي سمنڊ ۾ ٽپي پوندو، اِن لاءِ هو اڳير ئي اچي بندوبست ڪرڻ لڳو. ايشور جلدي هڪڙي ٻڍي ودوان براهمڻ جو ويس ڌاري، هنجي اڳيان اچي چوڻ لڳو ته "اڙي ڀائي! هيءَ ڪري ئي ڇا رهيو آهين؟ سمنڊ ۾ ٽپو ڏيئي ناحق پراڻ ڏيڻ لاءِ ڇو تيار ٿي رهيو آهين؟"

هڪڙي دفعي سندس ڳوٺ ۾ رامائڻ جي ڪٿا ٿي
ٿي، جتي حشام آدمين جا اچي ڪٺا ٿيا. پرم ڀڳت تلسيداس
به اُتي آيو ۽ ٻين سان گڏ ڪٿا ٻڌڻ ٿي. ٻڌندي ٻڌندي
شري رامچندر تي پريم هئڻ سبب، هنجي اکين مان لڙڪن
جي ڌارا وهڻ لڳي ٿي. ڪٿا ٻڌڻ مهل هو ايترو ته تلين
(محو) ٿي ويو ٿي جو ڪنهن مهل وڏا ٽهڪ ڏيئي کليو
ٿي ته ڪڏهن وري اوچنگارون ڏيئي رنو ٿي. ڪڏهن آنند
۾ اچي ٽپا نينگ ٿي ڏناءِ، ته ڪنهن مهل وري اُٿي ٻهي
ستر تي ٽاپي هٿي ڇلانگ ماريائي ٿي. انو يت رامائڻ ۾
جڏهن جنهن قسم جو بيان آيو ٿي، اُن بيان موجب هنجي
هردي ۾ روئڻ ٽوٽي ڪرٽا وغيره رس ترت اُتپن ٿيا ٿي.
هڪڙي ڏينهن سيتا هرڻ جي ڪٿا آئي ۽ ڪٿا واچڪ
سيتاجي جي هرڻ (کڄي وڃڻ) بابت ٻڌائڻ لڳو. بس! اُن
مهل تلسيداس جي دک جي حد نه هئي. ڀهريائين ته هو شري
رامچندر جي ڪٿا ٻڌندي ئي شوڪ ساگر ۾ ٻڏو پيو هو،
باقي جو ماتا سيتا جي کڄي وڃڻ جو ٻڌاءِ، سو اوچنگارون
ڏيئي ويهي روئڻ لڳو. جڏهن راوڻ سنياسيءَ جو ويس
ڌاري ڇل ڪري زوران زوريءَ سيتا کڻي لنڪا ڏي هليو،
تڏهن تلسيداس کان رهيو نه ويو. هو هڪدم ٽپو ڏيئي اُٿي
بيٺو. ڪروڌ سبب هنجو بدن ٿر ٿر ڪنبڻ لڳو، اکيون
ڳاڙهيون لعل ٿي آيس ۽ سڄو شرير پگهر ۾ پسي پت پيس.
اُنمهل هو واڪو ڪري چوڻ لڳو ”اڙي! ايتري زوري!

ٿو سگهان ۽ مونکي پٺيان موٽائڻ جي اجائي ڪوشش ڇو ڪري رهيا آهيو؟ باقي هڪڙو اُپاءُ آهي ته جيڪڏهن منهنجو رام، سيتا کي گهر وٺي آيو هجي ته هٿ مدهنجي روبرو پرگهٽ ٿئي ۽ آءٌ سندس ڏائي پاسي جانڪي ماتا کي بيٺل ۽ شري لڪشمڻ جي کي هٿ ۾ ڌنش باڻ کنيو بيٺو ڏسان. پوءِ تنهنجي ڳالهه مڃي گهوڙي کي پٺيان ڦيرائي سگهان ٿو.“

هاڻي ڀڳوان ڏٺو ته ڀڳوت درشن لاءِ جيتري ڌيرتا ۽ ايڪاگرتا هئڻ گهرجي، اوتري هن ۾ اچي وئي آهي ۽ هينئر هو درشن جو بيشڪ ادڪاري ٿي چڪو آهي. تڏهن ڀڳوان شري رامچندر تلسيداس کي سندس اِڇا موجب اُن سروپ جي درشن ڏيڻ جو ويچار ڪري چوڻ لڳو ”پٽ تلسي! ڏس، توکي جيڪي ڏسڻو هجي سو ڏسي وٺ ۽ برابر ڏسي وٺ.“ ائين چئي ڀڳوان کيس درشن ڪرايو. ڀڳتي براهمڻ کي اوچتو هن رمت شري رامچندر جي روپ ۾ بدليل ڏسي هنجي اچرج جي حد نه رهي. هو گهوڙي تان لهي ذري ذري لڪشمڻ ۽ سيتا سميت شري رامچندر کي پرڻام ڪرڻ لڳو ۽ نچندو پنهنجي ڀاڳ جي ساراهه ڪرڻ لڳو. هو نچندو پڪاري رهيو آهي ”آها! منهنجا کهڙا نه ڌنيه ڀاڳ، جو مونکي اکل برهمانڊ جي ناٿ جو درشن ٿي ويو. سچ! مون تي منهنجي سواميءَ جي ڪيڏي نه ڪرپا آهي؟ پريو! ڪيتري نه دَيا؟ جنم ۾ اڄ مونکي شري رگهوناٿ جو

تلسيداس تڏهن هن ڏانهن نهارڻ بنا ئي غصي ۾ ٻرڻ لڳو ته ”اڙي! تون وري هي ڇا پيو چوين؟ جڳت جننيءَ سيتا ديويءَ کي دشت راوڻ هري ويو ۽ آءٌ جيئرو رهي اهو ڏسندو رهان؟ آءٌ هينئر جو هينئر لنڪا وڃي راوڻ کي سندس ڪٽنب سميت ناس ڪري جانڪي ماتا جو اُڌار ڪري جڳت پتا شري رامچندر جي ڪُٽيءَ ۾ آڻي ويهاريندس.“ تڏهن ٻراهمڻ چيس ”اڙي! تون ته ڪو پاڳل ٿو ڏسڻ ۾ اچين، جو پڙهڻ جي سڌ ٻڌ وڃائي ويٺو آهين ۽ بيعقليءَ جون ڳالهيون ڪري رهيو آهين. ڀلا! لنڪا ۾ وڃي راوڻ کي ماريندين ته سهي، پر پهرياءِ هي ته ٻڌاءِ ته هن سمنڊ جي پار ڪئن وڃي سگهندين؟ اِن لاءِ پاڳلپڻو ڇڏي ڪري مونکي پنهنجو گهر وڃ. ناحق جان ڏيڻ مان ڇا هٿ ايندءِ؟“

اهڙو ٻڌي به تلسيداس روڪيو ڪونه، هو اڳيان هلندو رهيو ۽ نهاريائين به ڪونه ٿي. هينئر ٻڌي ٻراهمڻ چوڻ لڳس ”بهادر! شاباس هجيئي، ٻلهار وڃجي تنهنجي ويرتا تان، پر ڀائي! تون هينئر لنڪا ۾ وڃي ڪنديئن ڇا؟ ڪنهن کي ماريندين؟ راوڻ کي ماري تنهنجو رامچندر ته ڪڏهن جو سيتا کي گهر وٺي آيو.“

اهڙي تي به تلسيداس پنهنجو ڪونه موٽيو ۽ نڪي موٽڻ جي دل ئي ٿيس. هو پهرئين وانگر هلندو هلندو چوڻ لڳو ”مهاراج! معاف ڪجو، آءٌ اوهانجي ڳالهه تي ڀروسو ڪري

منهنجو من وياڪل ٿئي، تڏهن اوهانجو ساڪيات ڪار درشن ٿئي. اِنڪانسواءِ مونکي ٻيو ڪجهه به نه گهرجي."

"تلسي! ائين ئي ٿيندو، ائين ئي ٿيندو،" چوندو پڙيو انترڌيان ٿي ويو.

هيئنر تلسيداس ٻـــ شري هريءَ کي هردي ۾ جاڳائي، جڳت ڪـــي شري هريءَ جي ويُوتيءَ جي گيان ڪرائڻ لاءِ تيرٿ ياتـرا لاءِ نڪري پيو. انيڪ تيرٿ گهمندو گهمندو هو پريم ڌام شري برندابن ۾ آيـو، جتي هو بن بن گهمڻ لڳو. بن جا مور ۽ هرڻ وغيره پسون پکي ونس اچي پريم سان رهاڻ ڪرڻ لڳا جـو ڏسي هنجي آنند جي حد نه ٿي رهي. برج جا ٻالڪ جڏهن هن وٽ اچـي ناڙيون وڄائي هيئنن ڳائيندا هوا:-

"شيام ڪنب راڌا ڪنب گـري گوورڌن، مڌر مڌر بنسي وڄي ڌن برندابن." تڏهن ڪيس ڏاڍو آنند ايندو هو. هـو اُنمهل ائين اَنڀؤ ڪندو هو جڻ شيام سندر جي منوهر مرليءَ جي مڌر ڌني سندس ڪنن ۾ لنگهي انتهڪرڻ کي سجاڳ ڪري رهي آهي.

اِن ريت گهمندي گهمندي هو هڪڙي ڏينهن ڪنهن ڪنج ۾ وڃي پهتو، جتي جي مهنت جو نالو گوپالداس هو. اهو مهنت هون ته ڏاڍو چڱو مڙس هو ڀڄن ڪيرتن ۾ به بلڪل هوشيار هـــو، پر انهن سڀ گڻن هوندي به منجهس هڪڙو هيءَ وڏو عيـب رهجي ويو هو جو هو ٻين سمپرداين جـي

درشن ڏيو آهي؟ ديناناٿ! وڏي ڪرپا ڪيئه. منهنجا پريو! اوهين ڏنيه آهيو، ٻلهار وڃان اوهانجي نام تان. آءٌ اوهان جي شرڻ آهيان ۽ آڌين آهيان ناٿ!"

ائين چوندي تلسيداس شري رامچندر جي چرڻ ڪملن ۾ سنئون ڊگهو ٿي ڪري پيو. ڀڳوان تڏهن مرڪندو چوڻ لڳو "پٽ تلسيداس! سچ آهي ته ڪامنا رکي ڀڄه ڪندڙن کي منهنجو درشن نٿو ٿئي. ڪامنا ئي منشيه جي من جو ويري آهي ۽ پرم ڳڌيل ڪم ڪري سچي وستو (شيءِ) نٿي ملي. جيڪو به نشڪام ڀاؤ سان رچي آنيه ڀڳتيءَ ڪري منهنجو ڀڄن ڪريٿو، تنهنکي منهنجو درشن ضرور ٿيئيٿو. آءٌ توتي بلڪل پرسن ٿيو آهيان. هيئنر تنهنجي جيڪا به اڇا هجي اهو گهري وٺ.

آهـا! پريوءَ جي دويه درشن توڙي هنجي مڪاروند مان امرت ميه وچن ٻڌڻ ڪري تلسيداس جو من ترپت ٿي ويو ۽ هنجون سڀ اڇائون پنهنجو پاڻ پوريون ٿـي ويون. هاڻي وڌيڪ ڇـا گهرجي جو هو گهري. هو روئي پيو ۽ روئندي روئندي پريوءَ کـي سنئون ڊگهو ٿي پرڻام ڪري چوڻ لڳو "دين ديال پريو! وردان جو لوڀ ڏيئي ڇـا منهنجي پريکيا ٿا ونـو؟ آءٌ ڪريو تـه اڳيئي پيو آهيان، تنهنجو پلا امتحان ڪهڙو؟ إتلاء لالچايوم نـه، پر جيڪڏهن ان هوندي به وردان ڏيڻو ئي اٿوَ ته هي ور ڏيوم ته سمهندي جاڳندي، هلندي چلندي جڏهن بـه اوهانجي درشن لاءِ

ٽون اَنادي، اَننت جاڻڪي ولڀ آهين ۽ ٽون ئي ڀڳتن
جو جيون سروپ شري راڌا ولڀ پڻ آهين. پريو! ٽون
دنيا جي آدمين جي ڪلياڻ ڪاڻ انيڪ روپ ڌارين ٿو
۽ انيڪ طرح سان سنسار کي پالين ٿو. منهنجا پريو! ٽو
جهڙو ديالو ٻيو ڪو بہ ڪونهي. هنوقت مونتي ديا ڪر ۽
هڪ دفعو شري رام اوتار جي مورتي ڌاري پنهنجو پربل
پرتاپ ڏيکار."

آها! سچي ڀڳت جي سچي پرارٿنا ڀڳوان نہ ٻڌي اِها
اڻ ٿيڻي آهي. ڏسندي ڏسندي اُها شري راڌا ڪرشڻ جي
پرتما شري سيتارام جي پرتما جي روپ ۾ بدلجي ويئي، جو
ڏسي تلسيداس ڏاڍيءَ خوشيءَ ۾ اچي "جيءِ جيءِ شري
سيتارام" چوندي مندر جو دروازو کولي ڇڏيو. اِن عجيب
گهٽنا (واقعي) کي ڏسي سڀ عجب ۾ پئجي ويا. ويچاري
مهنت جو تہ منهن ئي لهي ويو ۽ هڪ لفظ بہ واتان نڪري
نہ سگهيس. پوءِ تہ سڀ آنند ۾ پرجي ڀڳوان جو درشن ڪرڻ
لڳا ۽ سنوان ڏگها ٿي سڀهي پرڻام ڪرڻ لڳا.

نيٺ مهنت جي وينتي ڪرڻ تي تلسيداس موٽي اندر
ويو ۽ پريوءَ کي اڳيئن وانگر شري راڌا ڪرشڻ جي روپ
ڌارڻ ڪرڻ لاءِ پرارٿنا ڪرڻ لڳو. ٿوريءَ دير بعد جڏهن
لڙڪ وهڻ بند ٿيا تڏهن ڇا ٿو ڏسي تہ سيتارام روپ ڪونهي،
پر اُنجي جاءِ تي اڳيئن جيان شري راڌا ڪرشڻ سنگاسڻ تي
براجمان آهي. ڀڳوان جي مرڪندڙ مک ڏانهن نهاري تلسيداس

ونشطون کسي سمان دروشتيءِ سان ڪين ڏسندو هو ۽ نڪي
هڪجهڙي نظر سان اُنهن جو آدرستڪار ئـي ڪندو هو.
جيڪو "راڌاڪرشڻ" چوندو ايندو هو، تنهنلاءِ ته چڱو طعام
تيار ڪرايو ويندو هو، پر "سيتارام" چوندڙ کي رکي روٽي
۽ چانور ڏنا ويندا هوا. تلسيداس به ونشٽو ته هو، پر هو
رام ڀڳت جنهنڪري "جيءِ رام، جيءِ جيءِ سيتارام" چوندو
ڪنهن مر گهڙي آيـو. بس! انڪري هنکي به رکي روٽي ۽
چانور مليا.

مهنت جي ڳالهه ٻڌي پهرياءِ ته تلسيداس خوب ٽهڪ
ڏيئي کليو، پوءِ چوڻ لڳو "مهاراج! اوهانجو چوڻ بلڪل
درست آهـــي. چڱو! مونکي هڪ دفعو مندر اندر وڃڻ
جي رخصت ڏيندا؟"

مهنت - چو نه! هڪ دفعو نه هزار دفعا وڃي سگهين
ٿو، پر توکي پنهنجو سيتارام ضرور ڏيکارڻو پوندو، پوءِ تون
جئن چوندين تئن ڪبو.

هيئنر تلسيداس به مندر اندر وڃي مندر جو دروازو ڪٽي
بند ڪياءِ ۽ شري راڌا ڪرشڻ جي پڳل مورتيءِ اڳيان ويهي
پنهنجو دک ٻڌائڻ لڳو ۽ روئي چوڻ لڳو ته "هي ناٿ!
مونکي پڪو ڀروسو آهي ته تون ڪوشليا نندن شري دشرٿ
جـــو پٽر آهين ۽ تون ئي ديوڪيءِ جو دلارو نند نندڻ پڻ
آهين. تون ئي مها ٻلوان ڌنش ڌاري شري رامچندر آهين،
ته جڳت کي موهت ڪندڙ مرليڌر ڪرشڻ پڻ تون آهين.

ڀڳت چندرهاس

دواپر يگ ۾ ڪيرل ديش ۾ ميڌاوي نالي هڪڙو ڌرماتما
راڄا راڄ ڪندو هو. اُنکي هڪڙوئي پٽ چندرهاس نالي
هو. چندرهاس جي عمر اُن وقت بلڪل ننڍي هئي،
جنهن ڪ دشمن راجا کي لڙائيءَ ۾ ماري وڌو. راجا جي
مارجي وڃڻ تي سندس پٽورت راڻي ستي ٿي ۽ راڄ تي
ٻين جو اڌڪار ٿي ويو. اهڙي مصيبت جي وقت راڄ گهراڻي
جي دائي ماٺ ميٺ ۾ چندرهاس کي لڪائي شهر کان ٻاهر
ڪڍي، ڪنتل پور نالي بستيءَ ۾ وڃي رهڻ لڳي. ٽن ورهين
تاءِ پورهيو ڪري، راڄ ڪمار کي پٽ وانگر پالياءِ نپاياءِ پر
ڀڳوان جي اِڇا اهڙي ٿي ڏٺي جو هوءَ پاڻ جلدي ڪال
جو گرهه ٿي وئي.

هيئنر ويچارو چندرهاس اناٿ ۽ ٻي اَجهي ٿي پيو. پر
اَناٿن جو ناٿ ڀڳوان جي ڪرپا سان شهر جون اِستريون
چندرهاس کي پالڻ نپائڻ لڳيون. هنجي اهڙي سهڻي ۽
دلڇڪيندڙ شڪل هئي جو هرڪنهن جو من پاڻ ڏي ڇڪيندي
ٿي ورتاءِ. جا به استري ڪيس ڏسندي هئي، اُها پٽر جيان
پيار ڪندي هيس، ڪارائيندي پيارئيندي هيس ۽ پهرڻ لاءِ
ڪپڙا ڏيندي هيس. هڪڙي ڏينهن ديورشي نارد گهمندو
ڦرندو اُتان اچي نڪتو. ٻالڪ کي جوڳو اڌڪاري ڏسي،

کي پرم آنند ٿيو. هن ٻئي هٿ مٿي ڪري پريوء جي نام تان ٻلهار ويندي، جيءِ جيءِ پڪاريندي مندر جو دروازو کولي ڇڏيو. هينئر شري سيتارام جي مورتيءَ کي وري ٻه شري راڌا ڪرشڻ جي سروپ ۾ بدليل ڏسي، مهنت گوپال داس ۽ ٻيا وشنو خوشيءَ ۾ نه ماپيا. شري راڌا ڪرشڻ جي چرڻ ڪملن ۾ پرڻام ڪري سڀ پڪارڻ لڳا "پريو! پريو! توکي پرڻام آهي پرڻام آهي. سچ! تون ۽ تنهنجا ڀڳت ٻه ڪينهن، ٻئي هڪ روپ آهن. هي ناٿ! هن سنسار ۾ جيڪو تو ۽ تنهنجي ڀڳتن منجهه ڀيد ڀاءُ سمجهي ٿو، اهو وڏي ڀل ٿو ڪري. سوامي! اڄ اسان چڱيءَ طرح ڏسي ورتو ۽ پڪ ٿي سون ته ڀڳت جي شرير ۾ تون هردم موجود آهين. جيءِ پريو! تنهنجي شل سداءِ جيءِ هجي ۽ تنهنجي ڀڳت جي پڻ."

ايترو چئي سڀ تلسيداس جي چرڻن ۾ ڪرڻ لڳا. تلسيداس تڏهن سڀني کي هٿ جوڙي ڀڳوان جي پنو پيتا (وڏائيءَ) جو اُپديش ڪرڻ لڳو ۽ پوءِ ڪانئن موڪلائي روانو ٿيو. سچي ڀڳت کي مان ۽ واڪاڻ جو ڏاڍو ڏپ ٿيندو آهي ۽ وڏائيءَ کان سداءِ دور ڀڄندو آهي. اِنلاءِ اهڙي هنڌ رهڻ کان ڪن هٽندو آهي. تلسيداس به اِنريت مان وڏائيءَ جي ڏپ کان اُتان ويو هليو. هو ڪيڏانهن ويو ۽ اِن بعد هنجو ڇا ٿيو، اُها ڪنهنکي به سڌ نه رهي.

جو سامان موجود هو ۽ سداءِ راڳ رنگ جو ڇهڇٽو لڳو پيو هوندو هو، اُتي ڪنهن ڪنهن مهل سنت سماڳم، اُتي ستڪار ۽ ڀڳوت نام ڪيرتن به ٿيندو هو. جيتوڻيڪ ڌرشت ٻڌيءَ کي انهن ڳالهين ۾ ڪو پريم ڪونه هوندو هو، هو رات ڏينهن راڄ ڪاروبار ۽ ڌن ڪٺي ڪرڻ ۾ مشغول هوندو هو، پر پنهنجي لائق پٽ مدن تي پيار سبب، اِنهن ڳالهين تي روڪ ڪونه وجهندو هو.

*   *   *   *

هڪ ڏينهن سانجهين جي وقت چندرهاس نام ڪيرتن ڪندو شهر جي سڙڪن تي گهمي رهيو هو. سندس مٺي ۽ سريلي واڻي ٻڌي شهر جا ٻيا به ٻالڪ سندس پٺيان هلڻ لڳا. سڀئي خوشيءَ وچان نچندا، مڌر ڪيرتن ڪندا، شهرواسين جا چت پاڻ ڏانهن ڪينچيندا ٿي رهيا. گهمندا گهمندا ڪنهن مهل اِهي پريم ۾ مست ٻالڪ، وزير صاحب جي محل وٽ اچي پهتا. ڇو ته اُن ڏينهن مدن وٽ ڪا رشي منڊلي گڏ ٿي ويٺي هئي ۽ ڀڳوان جي چرچا ٿي رهي هئي. رشين جڏهن مٺي آواز ۾ ”هري نام“ ڪيرتن ٻڌو، تڏهن مدن کي چندرهاس جي اندر ڪوٺي اچڻ لاءِ چيو. اندر اچي چندرهاس سان گڏ ٻيا ڇوڪر به نچڻ ۽ هري ڪيرتن ڪرڻ لڳي ويا. ڀڳوت ڪيرتن ٻڌي سڀ ويٺل مگن ٿي ويا. ايتري ۾ ڌرشت ٻڌي به اچي سهڙيو. چندرهاس جو تيجسوي چهرو ڏسي منين جو من ڏانهس ڪينچجڻ لڳو؛

هن کيس "شالگرام" جـــي مورتيءَ ۽ جپڻ لاءِ رام نام جو منتر ڏنـو. شڌ هردي وارو بالڪ ڏاڍي پـريم سان مورتيءَ جي پوڄا ۽ هري نام جو ڪيرتن ڪرڻ لڳو. هيئنئر هو پرم ڀڳوان جو اُنيه ڀڳت ٿي پيو. جنهن مهل هو پنهنجي شـيرين سُر سان هري نـام ڪيرتن ڪندو هو، تنهن مهل هنجي چهري مان روشني چانئجي ويندي هئي. اُنمهل هنکي ڏسڻ ۾ ايندو هـو تہ جڻ مِن مـوهيندڙ شيام سندر بالڪ روپ مرليءَ هٿ ۾ کڻي سانس گڏ نچي ۽ ڳائي رهيو آهي. چندرهاس مرليءَ جو مٺو آواز ٻڌي تن منہ مست ٿي ويندو هو.

* * * *

ڪنتلپور جو راجـا ڏاڍو پياتما هـــو، کيس ڪو بہ پٽ سنتان ڪونہ هو. رڳو هڪڙي روپوان ۽ گڻونتي ڪنيا هئي، جنهنجو نـالو چمپڪ مالني هو. راج گرو مهرشي ڳالـوَ جي اُپديش موجب راجـا پنهنجو سمورو وقت پڄن، ڪيرتن ۽ ستسنگ ۾ گذاريندو هو. راج جو سڀ ڪاروبار ڌرشت ٻڌيءَ نالي وزير سنڀاليندو هو. ان وزير کي پنهنجي وڏي جاگير هئي ۽ بيشمار ڌن دولت جو ڌڻي پڻ هو. ڌرشت ٻڌيءَ کي مدن ۽ اَمل نالي ٻہ لائق پٽ ۽ وشيا نالي هڪڙي سندر ڪنيا هئي. اِهي ٻئي پٽ پـيءُ کي راج ڪاروبار ۾ مدد ڪندا هـوا. مدن شري ڪرشڻ جو پرم ڀڳت ۽ عمديءَ هلت وارو هو. وزير صاحب جي محل ۾، جتي وشيءَ يوگ

بس! پوءِ ته هو قاتل ٻالڪ کي وٺي ڪيڏانهن غائب ٿي ويو.

* * * *

خوفناڪ سنسان جهنگل آهي، چؤطرف انڌه انڌوڪار ڇانيو پيو هو. قاتل اُتي مياڻ مان تلوار ڪڍي، جنهن تي چندرهاس يڪدم سمجهي ويو ته هو کيس مارڻ ٿو چاهي. تڏهن بيٺو ٿي چوڻ لڳس ته ڀائي! ٿورو ترس، مونکي پنهنجي ڀڳوان جي پرارٿنا ڪرڻ ڏي، پوءِ خوشيءَ سان مارجائينم." چندرهاس جي مٺيءَ توتليءَ ٻوليءَ قاتل جو هردو پگهريو ۽ هن اُئين ڪرڻ ڏنس. چندرهاس تڏهن شالگرام جي مورتي ڪڍي اڳيان رکي ۽ پريم جا ڳوڙها ڳاڙيندي، جهنگ جي گلن ۽ پنن سان ڀڳوان جي پوڄا ڪرڻ لڳو. پوءِ چوڻ لڳو ته "دينانات! اڄ آءٌ تنهنجي شرڻ آيو آهيان، تون ئي ماتا پتا، ٻنڌوُ توڙي پراتا، گهڻگهرو ۽ سک ڏيندڙ آهين. نه رڳو ايترو پر تون منهنجو سڀ ڪجهه ۽ سڀ دک ٽاريندڙ پڻ آهين. هن وقت منهنجو موت ويجهو آهي، اِنلاءِ هي موهن! منهنجو موهه ٽاري، مونسان اچي مل."

سچ! اُنمهل سڄو جهنگل چندرهاس جي ڪرڻا ڀريل پرارٿنا سان پرجي ويو. ڀڳوان پنهنجي ليلا رچائي، جنهن ڪري قاتل جي اکين مان زار زار لڙڪ وهڻ لڳا. هن جو هردو پگهري پيو، جنهنڪري من ئي من ۾ چوڻ لڳو ته "هن ههڙي هري ڀڳت نردوش ٻالڪ جي مرڻ ڪري خبر نه آهي ته ڪهڙي حالت ٿيندي." جهٽ قاتل جو ويچار

جنهنڪري ڪيس سڏي پاڻ وٽ وهاريائون. پوءِ سندس پيشانيءَ ڏانهن نهاري، سندس هٿن جي ليڪن مان پنهنجي يوڳ ٻل سان پتو ڪڍي چوڻ لڳا ته ”اي ڌرشٽ ٻڌي! هي سندر لڇڻن وارو بالڪ ڏاڍو ڪو نيپسوي ڏسجي ٿو. اِنڪري اسانجي مرضي آهي ته تون هنڪي پاڻوٽ رهاءِ ۽ پالنا ڪر؛ ڇو جو تنهنجي سڄيءَ ملڪيت جو هيءُ ئي مالڪ ٿيڻو آهي. رڳو ايترو نه پر هن ملڪ جو راجا پڻ ٿيندو ۽ ڀڳوان جو پرم ڀڳت بڻبو.“

رشين جا اِهي لفظ اِيماني وزير جي هردي ۾ تير جيان چڀڻ لڳا. هو ويچارڻ لڳو ته ”اڻ ڄاتل ڪل ٿوڙي ڳوٺ جو اَناٿ بالڪ ٿي، منهنجي ملڪيت جو مالڪ ٿيندو؟ آهـــا! ڪٿي منهنجي وڏائي، ڌن دولت، پربل پرتاپ ۽ ڪٿي هي وات ويندڙ ڀيڪاري ڇوڪر؟“ يڪدم سندس ايمان حسد جي روپ ۾ بدلجي پيو؛ جنهنڪري من ۾ هنسا ورتي جاڳي اُٿيس ۽ بالڪ کي مارائڻ جي پڪ ڪيائين. اُن مهل رشين ۽ ٻين کي ڪجهه به نه ٻڌائي، آيل بالڪن کي مٺائي ڏيڻ جي بهاني، پنهنجي خانگي محل ۾ وٺي ويو. ڌرشٽ ٻڌيءَ هڪڙي قاتل کي گهرائي آهستي سان ڪن ۾ ڪجهه چئي، چندرهاس جـــي ٻانهن کڻي ڪيس ســونپي. جڏهن اُهو قاتل چندرهاس کي وٺـــي هلڻ لڳو تڏهن وزير وري به چوڻ لڳس ته ”ڏسجانءِ جٿن اڄ ئي ڪم پورو ٿي وڃـــي. نشان ضرور آڻجئين ته پوءِ من گهريو انعام ملندءِ.“

ڪنتل پور جي آڏو چندن پور نالي هڪڙي ننڍڙي رياست هئي، جنهنجي راجا جو نالو ڪلندڪ هو. راجا کي ڪو پٽ سنتان ڪونه هو. پرڀوءَ جي مايا سان اِهو راجا ڪنهن ڪم سان اِن جهنگ مان اچي لنگهيو، جتي چندرهاس پنهنجي موج ۾ مست هو. مڌر ڪيرتن جي ڌني ٻڌي راجا وٽس آيو ۽ هنجي موهڻي مورت ڏسي پٽ جيان اُتي بيهي رهيو. ٿوريءَ دير بعد ٻالڪ کي ڪٺي هنج ۾ ڪياءِ ۽ سندس ماتا پتا جو نالو پڇڻ لڳو. چندرهاس وراڻي ڏنيس ته ”منهنجو ماءُ پيءُ شري ڪرشڻ آهي ۽ اُهو ئي پاليم نپائيم ٿو.“ راجا اِهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سمجهڻ لڳو ته ”شايد ڀڳوان ئي ڪرپا ڪري هي ٻالڪ موڪليو ٿو ڏسجي.“ پوءِ ته چندرهاس کي ڇاتيءَ سان لڳائي، ڪيس وٺي اچي پنهن جي گهر آيو. ٻالڪ کي ڏسي راڻي پڻ بيحد پرسن ٿي. راجا پوءِ سڄي شهر ۾ چندرهاس کي گود جي پٽ ڪرڻ جو حڪم ڦيرايو، جنهنڪري سڄي شهر ۾ آنند ڇانئجي ويو.

چندرهاس پهرياءِ ته ڪجهه به پڙهڻ نٿي ڀانيو ۽ جنهن مهل گرو پاڙهڻ ايندو هوس، تڏهن چوندو هوس ته ”منهنجي جيڀ ”هري نام“ جي اُچارڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به اُچاري نٿي سگهي.“ مگر پوءِ ٿوري ئي وقت ۾ هو سڀني وديائن ۾ ڏاڍو هوشيار ٿي ويو. پنهنجي سدگڻن ڪري هو جلدي سڄي راڄ ڪٽنب ۽ رعيت جو پيارو بڻجي پيو. سڄي راڄ ۾ ڌرمي خيال پکڙجي ويا. گهر گهر ۾ ڀڳوان جي وارتا هلڻ

بدلجي پيو. پر جڏهن ته وزير لاءِ ڪا نشاني ڪٺي وڃڻي هئي؛ تنهنڪري هو ان چنتا ۾ اچي پيو. اوچتو ئي سندس نظر چندرهاس جي پير تي وڃي پيئي، جنهن ۾ ڇهه آڱريون هيون. بس! پوءِ ته هن جو منهن ٽڙي پيو ۽ جلدي اُها ڇهين آڱر وڍي ورتائين. قاتل چندرهاس کي اُتي ئي ڇڏي پاڻ موٽي آيو ۽ وزير کي اُها آڱر آڻي ڏنائين، جا ڏسي هن جي خوشيءَ جي حد نه رهي. هو سمجهڻ لڳو ته "اڄ منهنجي عقل ۽ هوشياريءَ اڳيان رشين جي واٽ به اجائي ٿي."

* * * *

گهاٽي خوفناڪ جهنگل ۾ ويچارو بالڪ اڪيلو پيو هو. پير ۾ ڏاڍي پيڙا ٿي پيئي هئس، پر تڏهن به "ڪرشڻ نام" جي ڪيرتن ڪرڻ ۾ مست آهي. ايتري ۾ ڇا ٿو ڏسي ته هڪڙي ننڍي جوت ڏانهس اچي رهي آهي ۽ ٿوريءَ دير بعد جادوءَ وانگر هن جي سڀ تڪليف دور ٿي ويئي. اُڃ بلڪ جنهن هيترو ستايو هوس سا پڻ لهي ويس، منهن ٽڙي پيس ۽ من ۾ آنند جون لهرون اُٿڻ لڳيس. جهنگ جون هرڻيون سندس پير چٽڻ لڳيون، پکي مٿائس ڇانوَ ڪري بيٺا، وڻ ڦل ڦول ڪيرائڻ لڳا ۽ ڌرتي ڪومل ٿي ويئي. بالڪ چندرهاس پنهنجي ئي مستيءَ ۾ مٺي سر سان نام ڌني ڪرڻ لڳي ويو. آها! اُنمهل اهڙي خوفناڪ گهاٽي جهنگ ۾ "هري نام" جي ڌني پکڙي ويئي؛ جنهنڪري اُتي جا ٻسون پکي ويجهن عزيزن جيان يڪجهت سان ڪيڏڻ لڳي ويا.

کي پهچائي اچ. ڏسج! جئن رستي ۾ اهـا چٺي کلي نه ۽ مدن ڪانسواءِ چٺيءَ جي ڳجهه جي ڪنهنکي به سڌ نه پوي.“

چندرهاس چٺي وٺي گهوڙي تي سوار ٿي اُن مهل ئي روانو ٿي ويو. جئن ته ڪنتل پور اُتان چوويهه ڪوهه پري هئي، اِنڪري اُتـي پهچندي پهچندي سانجهي ٽيڻ تي اچي ٿي. شهر کان ٻاهر هڪڙو شاهي راجائي سندر باغيچو هو، جنهن ۾ چندرهاس ٿڪ ڀڃڻ، پـاڻي پيئڻ ۽ وسرام وٺڻ لاءِ لنگهي آيو. صاف سندر مٺي تلاءَ مان پاڻ به پاڻي پيتاءِ ۽ گهوڙي کي به پيارياءِ. رستي جو ٿڪ هوس، تنهنڪري گهوڙي کي پاسيرو ٻڌي پاڻ وڻ جي ڇانوَ هيٺ ليٽي پيو. جلد ئي مٺيءَ هير جي لڳڻ ڪري گهري ننڊ اچي ويس. اُن وقت راجڪماري چمپڪ مالنيءَ ۽ وزير جي ڌيءَ وشيا سکين سهت بـاغ ۾ گهمڻ لاءِ آيل هيون. انيڪ قسمن جي خوشين ڪرڻ بعد راجڪماري ۽ ٻيون سهليون تـه ويون هليون، باقي ڀڳوت پريرڻا سان وشيا رهجي ويئي. سڀول، خوبصورت ۽ من موهيندڙ راجڪمار چندرهاس کي ڏسندي ئي، هوءَ مٿس موهت ٿـي پيئي. اوچتو ئـي سندس نظر ڪمار جـي ڪمر ۾ پيل چٺيءَ تي وڃـي پيئي ۽ آهستي آهستي اُها ڪڍي ڏسڻ لڳي. پـيءُ جا هٿ اکر ڏسي ۽ پاءُ جو سرنامون پيل پڙهي ڏاڍي خوشيءَ ۾ اچي جهٽ چٺي ڪولياءِ. پر جڏهن ئي چٺي پڙهڻ لڳي تڏهن ئي سندس هردي اندر وياڪلتا پيدا ٿي، شرير ڪنبڻ لڳس ۽ چهرو هارجي

لڳي، چندرهاس رياست جي سيني سڪولن ۾ يڳوت نام پڇڻ ضروري ڪم ٺهرايو.

چندن پور رياست کان ڪنتل پور ڪي ساليانو ڏهه هزار سون جون مهرون ڏنيون وينديون هيون. چندرهاس انهن سيني مهرن کانسواءِ ٻيو به گهڻو ڌن دشمنن تي سوڀ پائي ڪنتل پور موڪلي ڏنو. جڏهن ڌرشٽ ٻڌي ٻڌو ته چندن پور رياست ڌن دولت ۾ ڀرپور ٿي ويئي آهي ۽ بهادر راجڪمار وڏين وڏين رياستن تي سوڀ پاتي آهي، پرجا پڻ سکي آهي ۽ سڄيءَ رياست ۾ ”هري نام“ جي ڌني لڳي پيئي آهي، تڏهن مرضي ٿيس ته هڪ دفعو هلي اتي جي جوڙجڪ ڏسي اچجي. پوءِ جلدي هو چندن پور اچي پهتو.

ڌرمي راجا ۽ سندس بهادر راجڪمار (چندرهاس) دل ۽ جان سان سندس آجيان ڪئي. پر جڏهن ته ڌرشٽ ٻڌيءَ جي نظر راجڪمار تي پيئي، تڏهن ته عجب ۾ پيئي ٽڪٽڪي لڳائي ڏانهس نهارڻ لڳو. چندرهاس کي سڃاڻندي ئي هن جي هردي ۾ ڄڻ آگ لڳي ويئي؛ جنهنڪري من ئي من ۾ جار پکيڙڻ لڳو. ڇا ڪجي جو چندرهاس جي مارائڻ لاءِ پنهنجي وڏي پٽ مدن جي نالي هڪڙي ڳجهي چٺي لکيائين. ٻاهران ڏاڍي خوشي ڏيکاري اها چٺي چندرهاس جي هٿ ۾ ڏيئي چوڻ لڳو ته ”راجڪمار! ڏاڍو ضروري ڪم آهي؛ جنهنڪري تنهنجو ۽ منهنجو وڏو فائدو ٿيندو. اِنڪري اڄ ئي ڪنتل پور وڃي هيءَ چٺي منهنجي وڏي پٽ مدن

ٿوريءَ دير بعد چندرهاس جي اکہ کلي ۽ ڄاتئن تہ سانجهيون ٿيڻ تي هيون، هن جلدي اچي اُها چٺي مدن جي هٿ ۾ ڏني. چٺيءَ پڙهندي مدن جي خوشيءَ جي حد نہ رهي ۽ جهٽ براهمڻن جي آڳيا سان اُنهيءَ رات چندرهاس جو وهانءُ ڏاڍيءَ ڌوم ڌام سان وشيا سان ڪرائي ڇڏيائين اِن خوشيءَ ۾ براهمڻن توڙي ٻين گهرجائن کي ڏاڍا دان ڏيئي راضي ڪيائين. ڪنيا دان مهل ڪنتلپور جو راجا پاڻ اچي وينو. راجڪمار جي من موهيندڙ شڪل ڏسي راجا راجا ويچار ڪيو تہ "منهنجي چمپڪ مالنيءَ لاءِ هن کان وڌيڪ لائق ور ڪٿان ملي سگهندو؟ وري راڄ ڪاروبار لاءِ هڙو بهادر جودو ۽ سداچاري گود جو پٽ ملڻ مشڪل ٿيندو." بس! پوءِ تہ راجا پنهنجي من ۾ راجڪماري ۽ پنهن جو سڀ راڄ پاڻُ چندرهاس کي ڏيڻ جو سنڪلپ ڪيو.

ٽن ڏينهن بعد ڌرشٽ بڌي موٽي آيو. ايندي شرط سڀ ڪجهہ اُنتر ڏسي هنجي دل کي ڏاڍي چوٽ لڳي، پر پنهنجي من جو ڪياءُ کنهن اڳيان بہ ظاهر ڪونہ ڪيائين. هنجي حسد پرئي اُنتهہ ڪرڻ اِهائي پڪ ڀاري تہ "ڌيڻم وڌوا ٿيو نہ ٿي وڃي، پر هن دشمن جو ڌڙ سسيءَ کان ضرور جدا ڪرڻو آهي."

شهر کان پري جهنگل ۾ پهاڙ مٿان ديوي پرانيءَ جو مندر هو، جتي ڌرشٽ بڌيءَ هڪڙي نردئي قاتل کي هيءُ سمجهائي موڪليو تہ "اڄ سانجهين بعد جيڪو بہ اُتي درشن

ويس. ڇنيءَ ۾ لکيل هو تہ ”پيارا پٽ مدن! هن ڇنيءَ ڏسنديئي ڇني آڻيندڙ کي وش (زهر) ڏجانءِ، جنهنڪري منهنجي ڇاتي ٺري. ڪل، وديا، سندرتا يا بهادريءَ ڏانهن نہ ڏسجہ، پر هن راجڪمار جو ضرور ئي ڪم پورو ڪجہ.“ وشيا ويچارڻ لڳي تہ ”ههڙي سهڻي، من موهيندڙ شڪل ڄهڙي بهادر راجڪمار کي پتا وش ڇو ٿو ڏئي؟ شايد هن هجي جو منهنجي لاءِ لائق ور سمجهي، خوشيءَ ۾ اچي پتاجيءَ لکڻ ۾ ڀل ڪئي ٿي ڏسجي. حقيقت ۾ ”وش“ ڏجانءِ جي بدلي ”وشيا“ ڏجانءِ لکڻ گهربو هوس. وري لکي ٿو تہ ڪم پورو ڪجہ. ڀلا ههڙي شهاڻي بهادر کي وش ڏيئي ڪئن ”ڪم پورو ڪجہ“ ٿي سگهيتو؟ ههڙا ناتي نصيبن سارو ملندا آهن. اِنلاءِ بابي ڪل، وديا وغيره ڪجھ بہ نہ ڏسي، مدن کي پارت ڪئي آهي تہ ”هن راجڪمار کي جلدي مونکي ڏيئي ڏيڻ چاهيو اٿس.“ ڀڳوان ڏاڍو چڱو ڪيو جو هيءَ ڇني پهرين منهنجي هٿ چڙهي ويئي.“ پوءِ ڇا ڪيائين جو آگر سان پنهنجي اکہ مان ڪجل ڪڍي وش کي وشيا بنائي ڇڏيائين، جنهنڪري پڙهڻ ۾ اچي تہ ”وشيا ڏج!“ پوءِ وڻ مان وهندڙ ڪنؤر سان ڇني بند ڪري، جٿن جو تئن چندرهاس جي ڪمر ۾ اُها وجهي ڊوڙي اچي سهيلين وٽ پهتي، جي پوءِ خوب ڇيڙائڻ ۽ ستائڻ لڳيس.

*   *   *   *

جي حد نہ رهي. هو جلد ئي پيشيوئي کي ڪوٺڻ لاءِ ڊوڙيو.
پڻس جي بري ارادي جي ڪيس ڪا ڪل ڪانہ هئي.
چندرهاس جو ڀڳوان جي مندر ڏانهن وڃي رهيو هو، تنهن
کي رستي ۾ وڃي روڪيائين. راجا جي آگيا ٻڌائي هن ڪيس
راڄ محل ڏانهن واپس ڪيو ۽ پاڻ پوڄا جي سامگري کڻي
مندر ڏانهن روانو ٿيو. مدن مندر ۾ پهتو تہ لڪي ويٺل
قاتل پنهنجي تکيءَ تلوار سان مدن جو سر ڌڙ کان ڌار ڪري
ڇڏيو ۽ چندرهاس بچي ويو.

هيڏانهن ڪنتلپور جي راجا چمپڪ مالتيءَ جو هٿ
چندرهاس کي ڏيئي (پرڻائي) آشيرواد ڏني ۽ اُنهيءَ وقت
پنهنجي گروءَ گالو منيءَ جي آگيا سان چندرهاس جو راڄ
تلڪ پڻ ٿي ويو. راجا پوءِ سڀ ڪجهہ تياڳي بن ڏانهن
روانو ٿي ويو.

ويچاري ڌرشٽ ٻڌيءَ ڪجهہ ٻيو ئي ويچاريو هو، پر
ٿي ويو ڪجهہ اؤر. چيل آهي تہ ”بندي جي من هڪڙي
تہ صاحب جي من ٻي.“

ٻئي ڏينهن صبوح جو جڏهن ڌرشٽ ٻڌيءَ چندرهاس
سان چمپڪ مالتيءَ جي وهانءَ جو ٻڌو، هنجي راڄ تلڪ
ٿيڻ جي خبر پيس ۽ پنهنجي پياري پٽ مدن جو قاتل هٿان
مارجڻ جو سماچار ٻڌائين، تڏهن مٿانئس جڻ پهاڙ ڪري پيو.
ڌرشٽ ٻڌي وائڙن جيان ڀوانيءَ جي مندر ڏانهن ڊوڙيو،
جتي ڏٺائين تہ پياري پٽس جا ٻہ اڌ ٿيا پيا آهن. بس! پوءِ
تہ اُتي ويهي ڏايا ورلاپ ڪرڻ لڳو ۽ تلوار ڪڍي پنهنجي
سسي لاهي ڇڏيائين.

لاءِ اچي، تنهنجو سر ڌڙ کان جدا ڪري ڇڏج." هيڏانهن چندرهاس سان ڪپٽيءَ طرح ڪلمندي چوڻ لڳو ته "پٽ! ڀواني اسانجي ڪل ديوي آهي ۽ ڪنهن به شڀ ڪاريه ٿيڻ بعد اسين اُن ديويءَ جي پوڄا لاءِ ويندا آهيون. انڪري تون به اڄ شام جو اُتي وڃج، ڀواني ديويءَ اڳيان ڪجهه ڀيٽ رکي اچج."

سهري جي آڳيا موجب سرل هردي وارو چندرهاس پوڄا جي سامگري ڪٺي ڀوانيءَ جي مندر ڏانهن روانو ٿيو.

هيڏانهن ڪنتل پور جي راجا جي من ۾ گهڻن ڏينهن کان وئراڳ اُتپن ٿيل هو، سو هينئر چڱو موقعو ڏسي راج ڀاڳ تياڳي پرماتما جي پراپتيءَ لاءِ بن ۾ وڃڻ جي پڪ ڪيائين. وڃڻ کان اڳ راجڪماريءَ جو وهانءُ ڪرڻ ۽ ڪنهن کي راج جو مالڪ بنائڻ اِهي ضروري ڪم ڪرڻا هئس. راجا پنهنجي اڳئين نشچيه پٽاندڙ وزير جي پٽ مدن کي گهرائي چيو ته بچا! منهنجي اڄ ئي بن ڏي وڃڻ جي اِڇا آهي؛ جنهنڪري چمپڪ مالتيءَ جو هٿ ڪنهن لائق راجپوت بالڪ کي سونپڻ ٿو چاهيان. تنهن کان سواءِ راج جو اُتر اڌڪاري (مالڪ) پڻ هينئر ڪرڻو آهي. خوش قسمتيءَ سبب ڀڳوان ڪرپا ڪري چندرهاس کي هيڏانهن موڪلي ڏنو آهي. ڏسڻ ۾ اچيم ٿو ته هو هر طرح لائق آهي. اِنلاءِ تون هينئر جو هينئر وڃي هنکي هيڏانهن موڪلي ڏي."

راجا جي ڳالهه ٻڌي سرل هردي واري مدن جي خوشيءَ

ڀڳت ڪشن سنگهه

بيڪانير رياست اندر گارب ديسر ناليِ هڪڙو مشهور قديمي هند آهي، جتي ڪشن سنگهه ناليِ هڪڙو ٺاڪر رهندو هو. اِڄ هنڪي سو ڳواس ٽِي سؤ ڪن سال ٿيا هوندا. هو شري مرليڌر ڀڳوان جو ڏاڍو ڀڳت هوندو هو. عام ماڻهن ۾ اِها ڳالهه مشهور هوندي هئي ته هر روز پوڄا ڪري رهڻ بعد هنکي سوا ماسو سون جو ٺاڪرجيءَ ڪان ملندو رهندو هو، جو وري هو براهمڻ کي دان ڪري پوءِ رسوئي ونندو هو. اجتاءِ به اُن مورتيءَ جي هيٺئين چپ تي سونو نيشان آهي. هڪڙي ڏينهن ٺاڪر صاحب جي استري ضد ڪري مليل سون ڀاڻ وٽ رکي ڇڏيو. جنهن بعد وري مورتيءَ کان سون ملڻ بند ٿي ويو. اهڙيون ٻيون به انيڪ ڳالهيون هن ڀڳت بنسبت ماڻهن کان ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون، جن مان پڙهندڙن کي به کي ٻڌايون وڃن ٿيون. اڄڪالهه جا وگيان ودوان اِنهن ڳالهين تي ڀروسو نه به ڪن، پر جيڪي ڀڳوان جا پريمي ڀڳت آهن، اُنهنجي هردي ۾ اِنهن ڳالهين جو اڪر اڪر پريم ۽ ڀڳتي پيدا ڪرڻ بنا رهي نه سگهندو؛ ڇو جو ڀڳوان جي پرڀاوَ جون اهي ڳالهيون جيتري قدر ڀڳت لوڪ سمجهي سگهندا، اوترو ٻيون ڪو به نه. خير! ٺاڪر صاحب ڀڳوان جي قسم کڻڻ جي گهڻي عزت رکندو

سهري کي پاڳل جيان ڀوڙندو ڏسي، چندرهاس ٻه سندس پنيان ويو هو. مندر ۾ وڃي ڇا ٿو ڏسي ته پيءُ پٽ ٻئي مئا پيا آهن. چندرهاس هينئر اُنهن ٻنهي جي موت جو ڪارڻ پاڻ کي ئي سمجهڻ لڳو، جنهنڪري پنهن جي آتم هتيا ڪرڻ چاهيائين. جنهن ئي تلوار مياڻ مان ڪڍي پاڻ کي قتل ڪرڻ تي هو، تنهن ڀواني ديوي ساڪيات پرگهٽ ٿي سندس هٿ جهلي ورتو. ڀواني چوڻ لڳيس ته "پٽ "چندرهاس! ڌرشٽ ٻڌي بلڪل دشٽ منش هو. هن تنهنجي مارڻ لاءِ انيڪ منصوبا رچيا، ڇڱو ٿيو جو هو پاڻ مارجي ويو. تون شوڪ ڇڏي وڃي راڄائي ماڻ ۽ هن وقت جيڪي ٻيو گهرڻو هجيئي سو گهري وٺ."

چندرهاس هٿ جوڙي گدگد ٿي چوڻ لڳو ته "جنني! تون جيڪڏهن مون تي پرسن آهين ۽ ور ڏيڻ چاهين ٿي ته هيئن ڪر جو ڀڳوان ۾ منهنجي جنم جنم ۾ سدائين ڀڳتي بني رهي. ٻيو ور هي ڏينم ته هي ٻه ڄڻا جي منهنجي ڪارڻ مئا آهن، سي هن وقت جيئرا ٿي اٿن. منهنجي سهري ڌرشٽ ٻڌيءَ مون کي مارڻ لاءِ جيڪي به ڪيو، تنهن جو مون کي ذرو به ڏک ڪونهي، ڇو جو منش اگيان سبب ائين ڪري وهي ٿو ماتا! تون کيس معاف ڪري سٻڌي ڏي، سندس پاپ ناس ڪر ۽ ڀڳوان ۾ اٽل ڀڳتي رهيس اهڙو دان ڏيس."

ڀواني پريم ڀريل واڻيءَ سان "تٿاستو" چئي انترڌيان ٿي ويئي. پوءِ ٻئي پيءُ پٽ جڻ ننڊ مان اٿيا هجن، تئين ڪر موٽي اٿي وينا ۽ چندرهاس کي ڀاڪر پائي ڏاڍي خوشي مڃائڻ لڳا.

ٺاڪر وقت تي کهڙو ڪم ڏيندو، جڏهن هو سداءِ ڪاٺ جي تلوار لٽڪائيندو رهيتو؟" اِنتي هڪڙي ڏينهن دسهڙي جي اُتسؤ وقت جڏهن ڪ سڀ جاگيردار راجا جي حاضريءَ ۾ اچي ڪٺا ٿيا هوا، تڏهن راجا صاحب وجهه وٺي سڀني کي پنهنجي پنهنجي تلوار ڏيکارڻ جو حڪم ڪيو. ٻين سڀني ته پنهنجون پنهنجون تلوارون ڪڍيون، پر ويچارو ٺاڪر صاحب ايترو ته ٻڏجي ويو جو ٿر ٿر ڪنبڻ لڳو ۽ من ئي من اندر ڀڳوان کي پرارٿنا ڪرڻ لڳو ته "هي دين بندؤ! اَج ڪشن جي عزت اوهانجي ئي هٿ آهي، ڀوءِ تاريوس يا ٻوڙيوس." ٻجندي ٻجندي جشن ئي ترار مياڻ کان ٻاهر ڪڍياءِ، تشن اُنجي چمڪات ڪري سڀني جون اکيون هيٺ ٿي وييون. راجا تڏهن اُن چغلخور تي ڏاڍيو غصي ٿي، اُبتو سبتو ڳالهائڻ لڳس. ٺاڪر صاحب اِهو ڏسي چوڻ لڳو ته "مهاراج! هن ويچاري ته برابر سچ چيو هو؛ پر ڀڳوان ئي ڪيس ڪوڙو بنايو آهي، ان ۾ سندس ڪو به ڏوهه ڪونهي."

هڪ دفعي اِهو ٺاڪر صاحب راجا سان گڏ ڪنهن مسافريءَ تي وڃي رهيو هو ۽ رستي تي پوڄا جي وقت ٿيڻ ڪري ٺاڪر صاحب پاڻ تي ڪپڙو وجهي گهوڙي تي ويٺي ويٺي ئي مانسڪ (مَن سان) پوڄا ڪرڻ لڳو. ان پوڄا ۾ هو ڀڳوان کي ڏڌ جو ڀوڳ لڳائڻ جي تياري ڪري رهيو هو. ايتري ۾ راجا جي نظر وڃي مٿس پيئي ۽ ويچارڻ

هو. ايتري قدر جو ڪيترا دفعا دشمن سپاهن وارن ڪيس قسم ڪارائي ٽوڪي ڏيڻ جي به ڪوشش ڪئي هئي. هڪ دفعي ڪن چورن ڪيس اهو قسم ڏنو ته ”اسين جيڪي اُٺ چورائي ٿا وڃون ۽ توکان ڪو پڇي ته توکي ڀڳوان جو قسم آهي جي ٻڌايو اٿيئي.“ ويچاري ڀڳت جن ڪنهن کي به ڪونه ٻڌايو، پر ڀڳوان جي اهڙي مايا ٿي جو چورن سڄي رات اُٺن کي ڊوڙايو ۽ صبوح ٿيندي ڇا ٿا ڏسن ته هو موٽي وري اُن ڳوٺ وٽ ئي اچي پهتا آهن. چورن جڏهن پڇا ڪئي ته هي ڳوٺ ڪهڙو آهي؟ تڏهن آدمين کان ڳوٺ جو نالو ٻڌي ڏاڍي عجب ۾ پئجي ويا ۽ پڪڙجڻ جي ڊپ کان ڪنبي، اُٺ اُتي ئي ڇڏي ڀڄي ويا هليا.

هڪ دفعي گاربديسر ڳوٺ جي آسپاس ته خوب برسات پيئي، پر ڳوٺ اندر هڪڙو ڦڙو به ڪونه وسيو. ٺاڪر صاحب تڏهن هٿ جوڙي ڀڳوان کي وينتي ڪرڻ لڳو ته ”هي ديناناٿ! سڀني پاسن وچ ڪهڙي رهي آهي ۽ تڪي برسات پڻ وسي آهي، پر ڪشن جي اُميد ته تڏهن ٿيندي، جڏهن سندس اڱڻ ۾ پاڻي ڪرندو.“ ڀڳوان سندس ان پرارٿنا تي ترت ڌيان ڏنو ۽ جلد بادل ڪڙڪات ڪندا چڙهي برسات وسائڻ لڳا!

ٺاڪر صاحب جاگيردار هوندو هو سدائين ڪاٺ جي تلوار پنهنجي مياڻ ۾ رکندو هو. هڪ دفعي ڪنهن چغلخور بيڪانير نريش (راجا) کي وڃي چيو ته ”گاربديسر جو

روپيا ڪنا ڪري نہ سگھيو. برابر ڏہ ٻاريءَ تائين سانجھين تاءِ هتان هتان اوڌر سوڌر ڪٺي روپيا ڪنا ڪياءِ. روپيا ڪٺي گهوڙي تي سوار ٿـي سڄي رات سٺ ميل مسافري ڪري صبوح جو سوير بيڪانير اچـي پهتو. محل ۾ ڪيس مهاراجا ڏسي پڇڻ لڳو "ڪشنسنگهہ تون تہ ڪالهہ ئي وڃڻ وارو هئين نہ، پوءِ ڇو اڄا تائين ويو ڪونہ؟ رات طبيعت بگڙي تہ ڪونہ؟

ٺاڪر صاحب - اَن داتا! آءٌ تہ هيئنئر ساهون روپيا جمع ڪرائڻ لاءِ سڌو ڳوٺان اچي رهيو آهيان. ڪالهہ هت هوس ئي ڪٿي؟ اوهانکي شايد ٻئي ڪنهن جـي ڳالهہ ياد پيئي آهي.

مهاراجا - تون ڇوين ڇا پيو؟ هيئنئر روپيا جمع ڪرائڻ آيو آهين؟ روپيا نہ تو ڪالهہ ئي جمع ڪرايا هوا؟

ٺاڪر - نہ ساءِ! آءٌ تہ ڪالهہ پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي هوس.

راجا صاحب تڏهن خزانـي ۾ جمع ٿيل رقم ۽ سندس صحيح ڏہ پڪاريس، جا ڏسي ٺاڪر صاحب جون اکيون پرير جي ڳوڙهن سان ڀرجي آيون ۽ سندس واتان رڳو هيٺيان ئي لفظ نڪتا "سرڪار! صحيح تہ بيشڪ منهنجي ئي آهي."

پوءِ پنهنجي ڀڳوان جي ليلا سمجهي گد گد ٿيڻ لڳو. هيڏانهن بيڪانير نريش بہ ڀڳت جي مهما ۽ ڀڳوان جي ڀڳت وتسلتا ڏسي مگڌ ٿـي ويو. ٺاڪر صاحب تڏهن موٽي پنهنجي ڳوٺ آيو ۽ ڀڳوان مرليڌر جو اهڙو تہ سندر مندر اچي بنايائين جو اڄتائين سندس ڪيرتي وڌائي رهيو آهي. (سماپت)

لڳو ته هي وري کهڙو ناٽڪ رچي رهيو آهي. مهاراجا صاحب تڏهن ٻه ٽي دفعا سڏ ڪري چوڻ لڳس "ڪشنسنگهه ننڊ ڪري رهيو آهين ڇا؟" ٺاڪر صاحب ته پوڄا ۾ مشغول هو، جنهنڪري مهاراجا جو هڪ سڏ به ٻڌڻ ۾ نه آيس. مهاراجا تڏهن ڪاوڙجي پنهنجو گهوڙو سندس گهوڙي جي ويجهو آڻي، ٺاڪر صاحب تان پيلي ڪپڙو ڪيٽي ڪٽي پريان ڪيو. مهاراجا جي عجب جي حد نه رهي، جڏهن ڏٺائين ته گهوڙي ۾ هٿي تي ڏڏ هاريو پيو آهي. يڪدم پڇڻ لڳس "ڪشنسنگهه! هي ڇا آهي؟" مهاراج! آءٌ مانسڪ پوڄا ۾ ڀڳوان کي ڏڌ جو پوڳ لڳائي رهيو هوس، پر اوهان جي ڪپڙي ڪيٽڻ ڪري آءٌ ڇرڪ ساري اٿيس ۽ ان اوچتي ڏڏڪي اچڻ سبب منهنجو اهو خيالي ڏڌ هارجي پيو. ڀڳوان جي ليلا سبب اهو خيالي ڏڌ پرتکش ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي."

مهاراج- (گد گد ٿي) "پيارا! تون گهر موٽي وڃي ڀڳوان جو ڀڄن ڪر."

هڪ دفعي سرڪاري بقايا ڏيڻ ۾ دير سبب مهاراجا صاحب ڏمرجي چوڻ لڳو "ڪشن سنگهه! هي ڇگو نه آهي، برابر وقت تي پيسا خزاني ۾ پهچائڻ گهرجن." ٺاڪر صاحب جي واتان نڪري ويو "حضور! ڏياري تائين ترسو، ان وقت اندر اوهانجا روپيا جمع ڪرائي پوءِ ٿي ڏياريءَ جو پوڄن ڪندس." ايترو چئي ٺاڪر صاحب گهر ته موٽي آيو، پر

باقي ٿوريون ڪاپيون بچيل

گرو درجي پريمين لاءِ خوشخبري

— شاهوڪارن ۽ داني پرشن لاءِ سونو وجهه —

ڪيترن ڀائرن ۽ ڀيڻن جي زبردست گهُر سبب

وري سنڌيءَ ۾ ٻيو دفعو سڌاريل

* تيار ٿي ويو *

شري گرو گرنٿ صاحب

هاڻ ڇپجي ويو آهي. زاڙون زاڙون سان رنگين بارڊر. اوچو مٿي لٿو پنو. شاندار بائينڊنگ سان ۽ اصلي گرو گرنٿ صاحب جيترا ١٤٣٠ پيج. پيج ٽو پيج ۾. ڀاڳن ۾ ۽ ڀڪي سواري. پوڻن ٢٠ سال اڳ اسان سنڌيءَ ۾ ڪڍيو هو. ستن سالن کان خلاص ٿي ويو ان ڪري ڪن ڀوڪ سيڪڙن ٥٠٠ روپين تائين ڪاپيءَ لاءِ پيٽا وڌي. هن وقت پيٽا لاڳت ٢٥٠ روپيا. ٽپال خرچ ڏهه روپيا جدا.

هڪدم پنهنجو آرڊر موڪليو جو ٿوريون ڪاپيون ڇپايون ويون آهن. متان پڇتايو.

وڌيڪ لکپڙهه ڪريو يا فون ڪريو جيٺانند اعلواڻي

ڀارت جيون ١١/٣١، لوجيون هائوسنگ سوسائٽي،

اسمگٽن روڊ، بامبي-٨ فون 898977-375993

THE BHARAT JIVAN Suppliment Reg. No. BYW80
11/31, Navjivan Co-operative Housing Society,
Lamington Road, Bombay-8. Phone: 375993